Pur



جيه بدري وشال !

(آنند ميه ياترا)

86

From :- M. T. GANGWANI
Freedom Fighter - Social Worker
12/162, Daulat Nagar Society,
THANE (E) Tel. 500 563 (R).

To Return With - Thanks:

Shri. NAGPAL K. S.
11-DATTA APTS. 'A', 4TH FLR.
RAMKRISHNA MISSION ROAD,
KHAR (W), BOMBAY-400 052.

P-G (141)

جيه بدري وشال!

(آنند ميه ياترا)

ليکڪ :

ايم. سڳن

۽

ڦتن پرسواڻي

پريات پبليڪيشن

الهاسنگر-٣.

جيء بدري وشال!

ٻيو ڇاپو

اسانجي پرياس پبليڪيشن پاران هيل توڻي ڇپايل ستن پستڪن مان، هي ئي پستڪ (”جيء بدري وشال!“) آهي، جنهنجو ٿن مهنن اندر ٻيو ڇاپو شايع ٿيو آهي. اِها اسان لاءِ بيحد خوشيءَ ۽ فخر جي ڳالهه آهي. شايد سنڌي ساهتيه ۾ اِهو پهريون مثال آهي!

اِئين برابر آهي ته هميشه جيان، اسان پهرئين ڇاپي جون صرف ٽي سوَ ڪاپيون ئي ڇپايون هيون؛ ڇو ته ڀارت ۾ رهندڙ انيڪ جاتين مان شايد رڳو اسانجي ئي جاتيءَ جي اِها خاصيت آهي، جنهن جي جيئن آدمشماري وڌندي رهي ٿي، جنهن جي پڙهيل طبقي ۾ جيئن اضافو ٿيندو رهي ٿو، جنهن جا ماڻهو جيئن وڌيڪ سکيا-ستابا ٿيندا رهن ٿا، تيئن انهن ۾ پنهنجي ماتر-ڀاشا جو واهپو روز بروز گهٽبو رهي ٿو، اُن ۾ مادري زبان جي ڄاڻندڙن توڙي ڳالهائيندڙن جو انداز ڏيهون پوءِ ٿورو ٿيندو پيو وڃي! ان عجيب ماجرا لاءِ، اسان ڪنهن به راجيه سرڪار يا مرڪزي حڪومت کي ڏلاهي ٺهرائي، انهن مٿان حرفن جو ڏوڙيو وسائي نٿا سگهون!

وري به شڪر ڇنجي انهن پيارن سنڌي سڄڻن جو، جي اڃا به پنهنجي ٻوليءَ سان پيار-لڳاءُ قائم رکي ويٺا آهن ۽ انهن خاطر ئي هيل تائين ڪي روزانيون سنڌي اخبارون، هفتيوار ۽ ماهيانيون مخزنون، توڙي ڪهاڻين-ڪويتائن جا

[ڇاپو ٻيو]　　　آگسٽ ١٩٩٥　　　[تعداد چار سؤ

قيمت : ١٥ روپيا

ڇپائيندڙ : ڦتڻ پرسواڻي، پرڀات پبليڪيشن پاران.

پتو : بئرڪ نمبر ١٠٩٧، اوٽي سيڪشن، الهاسنگر-٣.

ڇپيندڙ : شري ايشورداس وي. جادواڻي،
راجو پرنٽرس، اسٽيشن روڊ،
الهاسنگر-٣.

Title of book	: Jaya Badri Vishal (A Blissful Travel) Second Adition
Names of authors	: M. Sugan & Phatan Purswani
Month & Year of Publishing	: August 1995
No. of copies	: Four hundred
Price	: Rs. 15/- only (Rupees Fifteen only) per copy
Published by	: Phatan Purswani on behalf of Prabhat Publication, 1097/4, O. T. Section, Ulhasnagar-3.
Printed by	: Shri Ishwardas V. Jadwani
Press	: Raju Printers, Station Road, Ulhasnagar-3.

مهاڳ

جنم کان مرتيو ۽ مرتيو کان جنم تائين منش ياترا جو هي اٽوٽ سلسلو ابد کان جاري آهي.

منش جو پنهنجي آتما جي مرڪز کان وڇڙجي، مرڪز کي ڳولهي، ان تائين پهچڻ جو يتن ياترا آهي.

منش هن جهان جو هڪ اهڙو پرندو آهي، جيڪو ڪيترو به اوچو اڏامي، پر سنجها ٿيندي، آتما جي مستول تي واپس موٽي ٿو اچي.

ياترا ڪيترن به سهنجن واري ڇو نه هجي، پر پوءِ به ياترا آهي، منزل ڪانهي.

ياترا تان واپس موٽي، پنهنجي ماڳ تي پهچڻ جو آنند، رستي ۾ ڀوڳيل انيڪ اهنجن، بيشمار مشڪلاتن ۽ اڻڳڻيل خطرن کي وساري ٿو وهي ۽ حال ۾ اتيت کي دهرائي، اننت سک جو انڀؤ ٿو ڪري!

ساهت جي پرگتيءَ جو مدار فقط قصن ۽ ڪهاڻين تي ڪونهي. سمپورڻ ساهت جي اوسر لاءِ انهن قصن ۽ ڪهاڻين جي دائري کان ٻاهر جي ادب جي پڻ ضرورت ٿئي ٿي. بدري ناٿ جي ياترا هڪ اهڙي رچنا آهي، جنهن سان اها ضرورت پوري ٿئي ٿي.

ايم. سڳن ۽ ڦتن جو هي ٻيو گڏجي رچيل پستڪ آهي. ان کان گهڻا سال اڳ، هنن جو پهريون گڏجي لکيل پستڪ هو- **مهاياترا**، جنهن ۾ ٻالڪ نچيڪتا جي وارتا آهي. ان ۾ نچيڪتا

پستڪ، ناول، وغيره وقت به وقت شايع ٿيندا رهن ٿا. انڪري ائين ڪٿي چئجي ته، ڪي جوڳيئڙا اِها سنڌي ٻوليءَ جي دونهين دکائي ويٺا آهن! پر اڳيئنيءَ ۾ وسامندڙ باهه ڏسي، اهي به هاڻي اٻاسيون ڏيئي، گهيرت کائي رهيا آهن ۽ ڄاڻ انهن به پاسا ڪوڙيا؛ پوءِ ته سنڌي ٻوليءَ جو آهي الله واهي!

هن مايوسيءَ واري حالت ۾، وري به جس آهي، اسانجي متر شري اند آهوجا کي، جنهن اسانکي هي پستڪ "جيئه بدري وشال!" جون ٻيون ٻه ٽي سوَ ڪاپيون ڇپي ڏيڻ لاءِ چيو آهي، جيڪي هو پنهنجن پيارن جي ياد ۾، پرساد طور، ورهائڻ ٿو چاهي. اِها ورڇ به هڪ نيڪ ڪم آهي! ڌنيواد.

٢٩ آگسٽ ١٩٩٥

پختو آهي! سُگن وٽ دليل به آهي ته ڀاونا ٻئي؛ ٻنهي جو عجيب سنگم آهي وٽس! سندس تازو پڌرو ٿيل مُکتڪ ويتائن جو ڪتاب ”راڌا سان رهاڻ“، ان ڳالهه جو مثال آهي.

ڀٽن انترمکي سڀاءُ جو آهي؛ ساگر جهڙو گنڀير ۽ سانت! ساگر وانگر ئي سندس اندر ۾ گيان جا، علم جا، انمول رتن آهن. پنهنجي علم جو، گيان جو، هن ڪڏهن به ڏيکاءُ ڪونه ڪيو آهي. بحث ڪيس پسند ڪونهي. ڪنهن سان گهڻو ڳالهائيندو ڪونه، پر ٻڌندو سڀ جي؛ ۽ ان بابت اگر ڪو رايو جوڙيو هوندائين، ته اهو به اندر ۾ رکندو. همدرديءَ سان سڀني کي ٻڌندو رهندو آهي. بحث خاطر بحث ڪرڻ، سندس سڀاءَ ۾ ڪونهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن دل گهرئي دوست سان هُو جڏهن اندر اوريندو آهي، تڏهن سندس اڀياس جي گهرائيءَ جي سڌ پوندي آهي؛ ٻيءَ طرح هُو سدائين خاموش رهندو آهي. خاموشي سندس سڀاءُ جو انگ آهي. پنهنجن ويچارن تي اڏول ۽ پسنديءَ ۾ انتهاپسند آهي. ساهت بابت سندس کي خاص پسنديون آهن. ٽئگور سندس پريه شاعر آهي. اپنيشدن ۽ پراڻن ڪانسواءِ هن ساهت جو به ڳوڙهو اڀياس ڪيو آهي. ٻوليءَ جو ته شهنشاهه آهي. سندس رچنا پڙهڻ بعد سندس هٿ چمڻ تي دل ٿيندي آهي!

پر سُگن ٻاهرمکي آهي. بحث ڪان ڪترائڻ سندس سڀاءُ ڪونهي. هن ٻڻ ڀٽن وانگر پراچين اتهاس ۽ ساهت جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو آهي. سڀاءَ جو پريمي، دلدار ۽ وچن جو پڪو آهي. جيڪو به سندس ويجهو آيو آهي، ان مٿان سندس شخصيت جو اثر، جادو بڻجي ڇانئجي ويندو آهي! سُگن شاعر به آهي. سندس رچنائن ۾ خيالن جي چٽائي، ويچارن جي اوچائي ۽ بيان جي نفاست جهڙيون وصفون شامل آهن. سندس مُڪت-

جي ريمراج سان وارتالاپ درج ٿيل آهي. ان وارتالاپ وسيلي جنم، مرتيو ۽ سمي جي فيلسوفي سمجهايل آهي.

اهو ڪتاب سندن گڏجي لکيل پهريون پستڪ هو. هن ڪتاب جي اول صفحي تي هنن هڪ پرارٿنا لکي آهي:

شل هُو اسان ٻنهي جي رکيا ڪري؛
شل هُو اسان ٻنهي لئي ڪرپا درشٽي ڌري؛
شل اسين ٻئي اپار سگهه پائي گڏجي ڪاريه ڪريون؛
شل اسان جي سکيا پورڻ ۽ ڦلدايڪ بڻجي؛
شل اسين ڀلجي به پاڻ ۾ وير ونجوڳ نه ڌاريون!

ساهت جي کيتر ۾ تڏهن هڪ غير رواجي ڪارنامو ٿئي ٿو، جڏهن ٻه رچناڪار گڏجي، ڪنهن هڪ رچنا کي جنم ڏين ٿا!

ائين برابر آهي ته سنسار جي ساهتڪ - اتهاس ۾ برابر اهڙا ڪي مثال آهن، جڏهن ڪنهن شروعاتي ليکڪ پنهنجي پهرين رچنا ڪنهن ساٿي ساهتڪار سان گڏجي ڪئي آهي.

بدري ناٿ جي ياترا هنن ٻنهي يارن جو ٻيون پستڪ آهي، جنهنجو نرماڻ هنن گڏجي ڪيو آهي.

فرانس جي ٻن ليکڪ ڀائرن پڻ اهڙو ڪارنامو سر انجام ڪيو هو؛ پر هُو ته ٻه ڀائر هئا؛ هڪ رت هئا. ليڪن تڄرس ان جو آهي، جڏهن ٻه دوست پاڻ ۾ ملي، اهو پرڻ ڪن ته اسين گڏجي ساهت جي رچنا ڪنداسين!

جڏهن هڪ هٿ جون آڱريون به برابر ڪونهن، تڏهن ٻه شخصيتون ڪيئن ٿيون هڪجهڙيون ٿي سگهن؟

وچار جي سطح تي ٻنهي جا وچار ۽ ڌارڻائون مختلف آهن. ٻنهي جي جيون جيئڻ جو طريقو به نرالو آهي.

ڦتن جذباتي آهي، ڏڪڙيءَ دل وارو آهي؛ پر ارادي جو

پڙاءُ ۾ ايندڙ رمڻيڪ آستانن جو مِن موهيندڙ بيان آهي. هر هڪ پڙاءُ جي اتهاس جي ٻه ڪجهه جهلڪ آهي!

هي فقط ياترا جو پستڪ ڪونهي. هيءَ شِو جي جٽائن مان وهي نڪتل گنگا جيان، رس جي ڌارا آهي، جنهن ۾ وهنجي، پاٺڪ گهر ويٺي ئي پاڻ کي بدري‌ناٿ جي سنمک محسوس ڪندو! هي هڪ اهڙو گنگا-اشنان آهي، جنهن ۾ اشنان ڪرڻ بعد، پاٺڪ خود کي ڪن گهڙين لاءِ مرتيو-لوڪ جي نرڪ ڪنڊيءَ مان ٻاهر ڪڍي، سرڳ جو الوڪڪ آنند ماڻيندو!

ياترا جو آنند ماڻڻ ۽ ان آنند کي شبدن ۾ اتاري، ٻين تائين پهچائڻ جو سؤ ڀاڳيه، ايم. سڄڻ ۽ ڦتن کي پراپت ٿيو آهي.

هن پستڪ ۾ بدري‌ناٿ ياترا جو ورنن اهڙي سرل، سپڪ ۽ مٺيءَ ٻوليءَ ۾ ڪيل آهي، جو ڪتاب پڙهندي، پنهنجي ٻوليءَ سان پيار ٿي ٿو وڃي!

جس آهي هنن يارن کي، جن هيڏي پستڪ جي رچنا ڪري، پنهنجي مشاهدي جو ڄميدار سنڌي جاتيءَ کي ڏنو آهي!

ايشور آنچل

١٥، امرت ٽاور، اتون ماڙو،
پرڀات ٽاڪيز پرسان،
الهاسنگر-٥.

مئي ١٩٩٥ ع

ڪويتائن جو ڀريون مجموعو- **راڌا سان رهاڻ**، پاڻ ۽ دليل جو هڪ انوکو سنگم آهي. سڀني جي شاعريءَ ۾ آنچل جي شاعر، پنهنجو عڪس پسيو آهي. جيڪي آنچل چوڻ چاهيو آهي، پر چئي نه سگهيو آهي، اهو سڀني چيو آهي. اڄ سڀني جي شاعريءَ ۾ آنچل جي اندر جو شاعر تسڪين پائي ٿو!

هي ٻيئي رمتا جوڳي، ڀارت جي ڪنڊ-ڪڙڇ گهمي آيا آهن؛ انيڪ مندر ڏٺا اٿن؛ گهڻن ئي مهاتمائن سان مليا آهن؛ ساڻن وارتالاپ ڪيو اٿن. ڪشمير ۾ امرناٿ ۽ اتر ڪنڊ ۾ ڪيدارناٿ، بدري ناٿ، گنگوتري ۽ جمنوتري جهڙن ڌامن جو درشن ڪرڻ جو سؤڀاڳيه پراپت ڪيو اٿن. پر پوءِ به سڀني جي شبدن ۾:

امرتا جي ڳولا ۾،
مان سالن کان،
دور دور تائين هلندو رهيو آهيان؛
بن، پربت، ندين ۽ ساگرن جا،
ڪنارا رليو آهيان؛
ڪئين غفائون، مڙهيون ۽ آشرم ڏٺا اٿم؛
ڪيترن نشڪام ڪرم يوگين سان،
ويجهو گهاري ڏٺو اٿم؛
ويد، ڌرمي شاستر واچيا اٿم؛
مارڪس، گانڌي ۽ رسيل جي فيلسوفين
جو تت ۽ فرق ڄاتو اٿم!
پر منزل ڪٿ ڪانه ملي آهي؛
منهنجو پنڌ جاري ئي آهي!

هن پستڪ ۾ بدري ناٿ جي ياترا جو ورنن ڏنل آهي. رستي جي ڪشٽن-ڪشالن جو ذڪر هڪ طرف آهي، ته ٻئي طرف

ڪٿا هڪ آس جي!

گروءَ جو درجو ماتا-پتا کان مٿي آهي؛
ڇو تہ گروءُ شش جو من جاڳائي ٿو،
۽ هوءُ گهرڻ بنا ئي،
سندس دل جي آس پڄائي ٿو!

آدي شنڪر آچاريہ

منش جو من آهي آس جو گهر! اِئين تہ ماڻهوءَ جون ڪي آسون پڄن ٿيون؛ پر گهڻيون آخر تائين اڻپوريون ئي رهجي وڃن ٿيون!

اِن ريت انادي ڪال کان ساڌارڻ آدمي، اِڇائن-آشائن سان اُڏيل پنهنجي جيون-نؤڪا، هن سنسار-ساگر ۾ هاڪاريندو رهي ٿو!

اهڙي هڪ آس اسانجي من ۾ بہ جاڳي هئي، جا ڪيترا ئي ورهيہ، اڻپوري رهي هئي؛ اها آس هئي: بدري ناٿ ڌام جي ياترا ڪرڻ!

الڳہ الڳہ پستڪن ۾، توڙي اتان جي ياترا ڪري، واپس آيل ياترُوان ماڻهن کان، اسان گهڻو ڪجهہ پڙهيو ۽ ٻڌو هو. ان ورنن پڙهڻ-سڻڻ سان، اسانجو من بہ، ان ياترا تي اسهڻ لاءِ اُتڪنٺ ٿيو هو!

سالن پويان سال گذرندا رهيا؛ اسانجي عمر وڌندي رهي؛

وياس ديو ايشور کان، تن ڌوهن لاءِ ڪميا گهري هئي:
”هي ڀڳوان! تون نراڪار آهين،
پر مون توکي ڀڳتي-ڌيان ۾ ساڪار سمجهيو آهي!
تون من، وچن کان پري آهين،
پر مون تنهنجا گڻ ڳايا آهن!
تون هرهنڌ وياپڪ آهين،
پر مون توکي ڳولهڻ لاءِ
پوتر ڌامن جون ياترائون ڪيون آهن!

سوامي رامڪرشن پرمهنس

پنهنجي ننڍپڻ ۾، اتي رهندڙ هڪڙي رڌين-سڌين واري ساڌوءَ لهري بابا جي سنگ ۾ اچي، پنهنجي گهر ۽ ڪٽنبين کي تياڳي، ان ساڌوءَ جي سنگ ۾ رهي، ڪيئين ورهيه ڪٺن تپسيا ڪري، انيڪ سڌيون پراپت ڪيون هيون!

بعد ۾، پنهنجي ان گروءَ جي آگيا سان، جيتوڻيڪ هو ٽاٽا نگر واپس ورتيا، گهر گرهستي ٺٻيو هو، پر پوءِ به، سال ۾ ڪيئين ڀيرا، هو ڏڀيشور مندر وٽ نهيل، پنهنجي گروءَ جي سماڌي پيٺ ايندو هو. تڏهن اسان به سندس سڏ تي، اتي پهچي ويندا هئاسين. ان طرح اسانکي اتي پڻ ڊاڪٽر صاحب جي درشن جو سڀاڳيه نصيب ٿيندو هو!

ان ريت ڊاڪٽر صاحب جهڙي ڪامل پرش سان لڳاتار ملاقات ٿيندي، هڪ دفعي هن ڪرپا ڪري، ڏڀيشور مندر ۾ ئي اسانکي گرمنتر ڏنئي، پنهنجو شش بڻايو! ان پيري ئي، ڏڀيشور مندر جي پرسان وهندڙ پوتر پورڻا نديءَ ۾، اسان سان گڏ اشنان ڪندي، هن اسانجي من جي بدري‌ناٿ ياترا واري اڻپوري آس جاڳائي، اسانجي هٿن ۾ پورڻا جي انجلي ڏنئي، اسانکان ان ياترا جو سنڪلپ ڪرايو ۽ گروءَ پاران ڪرايل ان سنڪلپ جي پراڪرم ڪارڻ، اسان ان سال ئي بدري‌ناٿ جي ياترا تي اسهياسين!

ڏنهنڪري بدري‌ناٿ ڌام جي ياترا جو هي ورڻن، اسانجي پوڄيه گروءَ جو ئي پرساد آهي، جيڪو اسان توهان سان ونڊي رهيا آهيون. آشا اٿئون ته اوهانکي به ان آنندمي ياترا جي ورڻن پڙهڻ سان اهڙو ئي لاڀ ٿيندو، جيترو اسانکي ياترا ڪندي پرايو هو!

ايم. سڳن
ڦتن پرسواڻي
اپريل ۱۹۹۵

پر اسانجي من جي اِها مراد، ڪنهن نه ڪنهن سبب، اڻپوري ئي رهي!

نيٺ اسانجي اِها منو ڪامنا پڄائي اسانجي گرديو، ڊاڪٽر شانتارام دنڪر جوشيءَ ئي!

اسانجي ڊاڪٽر صاحب سان پهرين گڏجاڻي، هڪ اتفاق ئي هئي!

اسانجو هڪ ويجهو عزيز، جمشيدپور (ٽاٽا نگر، بهار پرانت) ۾، ڊاڪٽر صاحب جو پاڙيسري هو. هڪ دفعي، پنهنجي ان عزيز سان ملڻ لاءِ، اسانجو جمشيدپور وڃڻ ٿيو. سڀاويڪ اسانجو اهو سنبنڌي، ٻئي ڏينهن ئي اسان پهتي ڪي، پنهنجي پريمي پاڙيسري، ڊاڪٽر صاحب سان واقفيت ڪرائڻ لاءِ، سندس گهر وٺي هليو. اتي هن مختصر ۾ اسانجي سڃاڻپ، ان مهاپرش سان ڪرائي. بس، اِئين اسانجي پهرين گڏجاڻي ڊاڪٽر صاحب سان ٿي هئي!

جيتوڻيڪ اسان ساڌارڻ درشٽي رکندڙ شخص، اُن مهان-منش کي يڪدم ”سڃاڻي“ نه سگهيا سين؛ پر هن پنهنجي دويه-درشٽيءَ سان، اسانکي ”ڄاڻي“ ورتو؛ شايد اهو اڳين جنمن جو ميل هو!

بس، ان کانپوءِ، اسانجو بار بار ڊاڪٽر صاحب سان ملاقات ڪرڻ جو سلسلو جاري ٿي ويو. سندس درشن جي چڪ، ڪڏهن اسانکي سندس نواس آستان، جمشيدپور وٺي ويندي هئي؛ ته ڪڏهن وري هو ڪرپا ڪري، اسان جي گهر، الهاس نگر ۾ اچي نڪرندو هو! يا ڪڏهن اسانجو ملڻ ڏيپشور مندر ۾ ٿيندو هو، جيڪو مهاراشٽر جي خانديش علائقي ۾، پورڻا نديءَ جي ڪناري تي وسيل پوتر آستان آهي. ان آستان جي اهميت اِها آهي، جو ڊاڪٽر صاحب،

رشيءَ، وشنو ڀڳوان جي درشن لاءِ ڪٺن تپ ڪيو هو، تڏهن وشنو ڀڳوان ساڪيات هت اچي، رشيءَ جي سنمک بيٺو هو! ان هنڌ تريل پٿر جي هڪ وڏي چپ تي، ڀڳوان وشنوءَ جي چرڻن جا نشان اڄا به قائم آهن. انڪري ئي ان جاءِ جو نالو ”هر جون پوڙيون“ يعني ”هريءَ جا چرڻ“ پيو آهي!

ليڪن شو ڀڳوان جا پوڄاري هردوار کي ”هر-دوار“ سڏيندا آهن؛ ڇو ته شوجيءَ جي پهاڙي جٽائن مان نڪري، پوتر گنگا مئيا، پرٿويءَ تي پهرين هت ئي پڌارجي ٿي!

پر انهن سڀني الڳ الڳ شردائن-ڀڳتن جي مڃتا کي ڇڏي، ايترو ضرور چئبو ته تيرٿ-آستان جي لحاظ کان هردوار جي مهما تمام وڏي آهي!

... ...

هردوار اسٽيشن جو بورڊ ڏسي، اسان ڏاڍو گدگد ٿي، هيٺ لٿاسين. ان نالي سان اسانجا انيڪ ويچار ۽ ڀاوَ جڙيل هئا!

پوءِ هردوار اسٽيشن کان جلد ئي ٻاهر اچي، اسان مليل ڏس-پٽي انوسار، اسٽيشن جي پرسان ئي، ساڌو-ٻيلا مارڳ تي ٻڌيل، هرنام نواس طرف وڌياسين. ان آستان ڏانهن پنڌ ڪندي، ٿوريون ئي وکون اڳيان هلڻ سان، اسانکي پهرئين چوراهي تي، شنڪرجيءَ جي هڪ سندر ۽ انوکي مورتي نظر آئي. سنگمرمر جي شاهي ڪمل-ڦول تي براجمان، چئن ٻانهن وارو مهاديو مهراج، ٻن هٿن سان، پنهنجي سگهاري ديهه مٿان، گنگا-جل جا لوٽا ليٽائي رهيو هو؛ سندس باقي ٻن هٿن مان هڪ ۾ جپليل هيس رودراڪشا مالها ۽ ٻئي ۾ ڪرمنڊل-ڀولي ٻابا جو سناتني، آدي روپ!

... ...

باب پهريون

پانڊا آرنيپ!

جيئن سرير جا ڪجھ انگ،
ٻين کان وڌيڪ سريشٽ آهن؛
تيئن پرٿويءَ تي ڪن ڪي آستان،
ٻين آستانن کان وڌيڪ پوتر آهن!

مهاڀارت

پوتر پورڻا نديءَ جي جل سان ڪرايل گروءَ جي سنڪلپ ڪارڻ، اسان جڏهن ٻنهيءَ ڪسان هردوار وٽي رهيا هئاسين (جتان ئي بدري‌ناٿ ڏانهن ويندڙ دڳ جي شروعات ٿئي ٿي)، تڏهن ريل گاڏي ڇڏيندي ئي، اسان مگن ڪنٺ سان ڏني هئي: "جيه بدري وشال!". ان وقت اسانجي آنند جو ڪو پار نه هو!

پورين ٻن راتين ۽ ڏيڍ ڏينهن جي گاڏيءَ جي سفر ڪانپوءِ آئي پوتر نگري هردوار؛ هڪ سريشٽ تيرٿ آستان!

پراڻن ۾ ڏنل ورڻن انوسار، هردوار کي ڀارت جي ستن مکيه تيرٿ آستانن ۾ ڳڻيو ويو آهي (ٻيا ڇهه آستان آهن: ايوڌيا، مٿرا، ڪاشي، اجين، دوارڪا ۽ ڪانچي).

تيرٿ ياترائون ڪندڙن ۾، جيڪي وشنو ڀڳوان کي مڃيندا آهن، سي هردوار کي "هريءَ جو دوار" ڪوٺيندا آهن. ان لاءِ هوُ اها وارتا ٻڌائيندا آهن ته هت ويهي، جڏهن مارڪنڊيه

اسان ڏٺو ته، اسانجي مهمانوازيءَ ۾، مهنت صاحب ويجهي ۾ ويجهي عزيز يا پياري ۾ پياري سنڀنديءَ کان به ڪوه ڪٽي ويو! هن يڪدم پنهنجي نواس جي هڪ شيوڪ کي سڏي چيو: ”بابولال، هنن کي ٻئي ماڙي تي هڪ ڪمرو کولي ڏي.“ پوءِ هن اسانکي پاڻ سان، پنهنجو پيارو سامان مٿي کڻي وڃڻ کان منع ڪندي چيو: ”توهين صرف هن سان گڏ ڏاڪڻ چڙهي، مٿي پهچو. توهانجو سامان پاڻهي اتي پهچي ويندو؛ ان لاءِ توهين بلڪل نشچنت رهو!“

اسان مهنت جي آڳيا انوسار ائي ڪيو. سچ پچ ڪمري ۾ گهڙندي ئي، اسانجو سامان به مٿي اچي پهتو!

... ...

اسان ان مليل ڪمري جي اندر ٿوريل شين جي سادگي، صفائي ۽ ٺاهه جوڙ ڏسي، بلڪل دنگ رهجي وياسين! ڪمري ۾ هرڪا ضروري گهربل چيز، ٺانئيڪي پيئي هئي. وڌي تعجب جي ڳالهه ته اها هئي، جو اتي ايندڙن ۽ رهندڙن کي ڪتب اچڻ واري هرڪا وستو ان ڪمري ۾ موجود هئي؛ ايتري قدر جو بجلي وڃڻ جي حالت ۾، ميڻ-بتي ۽ ماچيس به، هڪ جاءِ هٿيڪا ٿريل هئا!

مهنت جي اُن پرم شيوا-ڀاو جو اهو لقاءُ ڏسي، اسان من ئي من ۾ سندس پريم ۽ سنڀال جون خوب سرڪيون ڀريون!

... ...

هاڻي جڏهن مهنت گرو چرڻداس جي ڳالهه هلي ئي رهي آهي، ته ٿوري ۾ هت سندس اوائلي جيون جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي.

مهنت گرو چرڻداس جي جنم جو نالو ڪنعيو هو. هن جو جنم سکر ۾ ٿيو هو. سندس پتا صاحب سکر جو هڪ نالبرو

اِهو مَن-مُگڌ ڪندڙ درشيه پسي، اسان امنگ ۾ ڀرجي، ٽڪرين وکون کڻندا، جهٽ اچي هرنام نواس جي سامهون پهتاسين.

نواس جي ٻاهرين ٻيڪڙيل در کي اسان ڌڪي کولي، سامهون ايوان ۾ سيمينٽ جي بينچ تي ويٺل، مهنت گرو چرڻداس کي آدر سان پرڻام ڪندي چيو: "جيه گروُ!"

بمبئيءَ ۾ رهندڙ جنهن مِتر، هرنام نواس ۾ اسانجي رهڻ جو بندوبست ڪيو هو، تنهن اسانکي اِهو ٻڌائي ڇڏيو هو تہ مهنت گرو چرڻداس کي اِها "جيه گروءَ" جي ڌني بيحد پياري لڳندي آهي؛ ڇو تہ ڪيس پنهنجي گروُ هرنام داس لاءِ تمام گهڻي شرڌا آهي!

اسانجي "جيه گرو!" ڌني سڻي، ٻرڌ اؤستا واري مهنت گرو چرڻداس پرسن ٿي، پنهنجي آسڻ تان اٿي، ٻيئي هٿ جوڙي، موٽ ۾ وراڻيو: "جيه گرو، جيه گرو!"

گيڙو وستر اوڍيل، سون-ورنو سرير، موڪرا تيجسوي نيڻ، ٻهڪندڙ مستڪ ۽ هٿ ۾ سوامي وويڪانند وارو لنبو ڏنڊو-- اِهو هو ظاهري روپ مهنت گرو چرڻداس جو! هُو يڪدم اسان طرف وڌڻ لڳو. اسان مريادا انوسار، اڳيان وڌي، سندس چرڻ سپرش ڪرڻ چاهيا، پر هن اسانکي اِئين ڪرڻ نہ ڏنو ۽ پنهنجا وڌندڙ چرڻ، ٿورو پوئتي هٽائي چيائين: "سکي رهو، سکي رهو؛ شل آنند ۾ هجو!"

اسانکي پوءِ هرنام نواس ۾ رهندي، ٻين ياترين مان اِها سڌ پيئي تہ مهاراج گرو چرڻداس ڪنهن کي بہ پنهنجا چرڻ سپرش ڪرڻ نہ ڏيندو آهي. ان پويان ڪهڙو راز هو، سا خبر ڪنهن کي ڪانہ هئي!

...   .

باب ٻيون

گنگا-درشن!

جيئن منش-روپ ۾ وشنو؛
ناري ۾ اپسرا رنڀا؛
پوِتر نگرين ۾ هردوار؛
تيئن ندين ۾ گنگا؛
اُتي سندر ۽ سکدائي آهن!

وايو پراڻ

ممبئيءَ کان هردوار واري لنبي مسافريءَ جي ٿڪ لاهڻ لاءِ، اسان ڪجهه سمو هرنام نواس جي ڪمري ۾ وسرام ڪيو. پاڇن لاهڻ بعد اسان گنگا-درشن ۽ اشنان لاءِ، هر جي پؤڙين طرف روانا ٿياسين. پندرهن-ويهن منٽن جي ڏيري پنڌ ڪرڻ کانپوءِ، اسان پرسڌ هر جي پؤڙين تي پهچي وياسين!

هر جي پؤڙين وٽ پهچي، اسان پاوَ-پلڪ، مگن ۽ اواڪ بڻجي، تيز چال سان وهندڙ گنگا جي جل-ڌارا کي ڏسندا ئي رهياسين! هردوار ۾ اسان اهو پهريون دفعو گنگا-درشن ڪيو هو. گنگا جي ان تيز وهڪري واري نظاري ڪي ڏسندي، اسانکي ڏاڍي موج پئي آئي!

ائين ته اسان ان کان اڳ ڀارت جي ٻين نگرن جهڙوڪ الله‌آباد، ڪاشي، گيا، ڪانپور، پاٽنا ۽ ڪلڪتي وغيره ۾ به گنگا کي وهندو ڏٺو هو، پر هردوار ۾ گنگا جي وهڪ جي چال ۽

مقادم هو. ڪنعيو پنهنجي پتا-ماتا جو پنجون بالڪ هو.

هڪ ڏينهن ڪنعيي جي ماتا، کيس ڪڇ ۾ کڻي، ساڌو-ٻيلا مندر ڏانهن پئي ويئي، ته اتي ڪنهن بزرگ، ڪنعيي جي مک ڏانهن ڏسي کيس چيو: "امڙ، هيءُ بالڪ ساڌ ٻيلي جي مهنت هرنام داس کي ارپي ڏي؛ هيءُ ٻيڙي ڪل تاريندو!"

ماتا ان بزرگ جا اهي وچن ٻڌي، ڀرين ته وسي ٿي ويئي؛ ڇو ته هن اڳيئي پنهنجو هڪ لال، پير ڳوٺ جي سنت هرچو رام جي سپرد ڪيو هو؛ ۽ هاڻي وري هي......

پر ان پير مرد جي شبدن ۾ جيڪو تاثير هو، تنهن وس ٿي، ماتا ان ڏينهن ئي بالڪ ڪنعيي کي، سنت هرنام داس جي چرڻن ۾ ڌري ڇڏيو!

... ...

سوامي هرنام داس، سندر بالڪ ڪنعيي کي ڏاڍو پيارڻ لڳو. هن کيس ساڌ ٻيلي اندر ئي، سنسڪرت جي وديا ڏيڻ جو بندوبست ڪيو. روپ سان گڏ، پرماتما ڪنعيي کي مڌر ڪنٺ پڻ بخشيو هو. جڏهن رات جي اڳاڙ سانت ۽ ايڪانت ۾، ڪنعيو رسيلو ڀڄن ڳائيندو هو، ته ٻڌندڙ جهومڻ لڳندا هئا!

... ...

اِن طرح ننڍڙو ڪنعيو، گرو هرنام داس جي پريم ڀري ديکڀال هيٺ وڏو ٿي، ساڌ ٻيلي جو اداسين پنڌاري بڻجي ويو!

تي پهچي، ڪٺن تپسيا ڪري، گنگاجيءَ کي سرڳ-لوڪ مان، مرتيو-لوڪ ۾ آندو هو! اِن ريت اُن مهاپرتاپي راجا، نہ صرف مهاراجا ساگر جي سٺ هزار پٽن ڪــي، جيڪي ڪپيل منيءَ جي سراپ سبب، مٽا ٻير ٿيا پيا هئا، گنگا جــو پويتر جل پياري جيوت ڪيو هو، بلڪ يگ يگ ۾ پئدا ٿيندڙ ڪروڙين ڀارتواسين جو بہ اُدار ڪيو هو! ان وارتا جو سمرڻ ايندي ئي، اسان من ئي من ۾ راجا ڀاڳيرٿ کي پرڻام ڪيو!

... ...

اِئين تہ گنگا جـي مهما جون ٻيون بہ انيڪ ڪٿائون-وارتائون، اسانجي شاسترن-گرنٿن ۾ درج ٿيل آهن؛ مثلن ڪنهن مهاپرش ايتري قدر بہ لکيو آهي تہ گنگا جيڪڏهن ٻيو ڪجهہ نہ ڪري، صرف ڀيشم پتامهہ کي ئي جنم ڏئي ها، تڏهن بہ اها آريہ جاتيءَ جي ماتا جي روپ ۾، سدا آدر لائق بڻي رهي ها!

هونئن تہ اسان ڀارتواسين لاءِ، هرڪا ندي لوڪ-ماتا ئي آهي، پر گنگا وري سڀني ندين ۾ سريشٽ آهي! اِهو ئي سبب آهي جو اڪثر ڪري، هر هندوءَ جي گهر ۾، گنگا-جل سدا ذريل هوندو آهي؛ ڇو تہ سندس اِهو پڪو وشواس آهي تہ جيڪڏهن پراڻن ڇٽڻ وقت، گنگا-جل جا ڪجهہ ڦڙا ئي سهين، مرڻ واري جي مک ۾ پوندا، تہ هوَ سڌو ئي وئڪنٺ ۾ وڃي واس ڪندو؛ ڇاڪاڻ تہ گنگا اُتان ئي، ڀڳوان وشنوءَ جي چرڻ مان نڪري، مرتيو لوڪ ۾ پڌاري آهي!

گنگا-جل جي اِن مهما سبب ئي، هندن کي گنگا-جل لاءِ بيحد شرڌا آهي. گنگا-جل لاءِ اهڙي ئي شرڌا-ڀڳتي، گرديو رويندرناٿ ٽاڪر جي وڏڙن کي پڻ هئي. ان نسبت خود گرديو پنهنجي جيون-سمرتين ۾ لکيو آهي تہ سندن شاهي مڪان

تنهن ۾ به اها خاص ڪري هر جي پوڙين وٽ، سيني آستانن کان سرپشت هئي! هڪ ئي رفتار سان، گنگا جو اٿاهه جل، لڳاتار وهندو، هلندو پئي ويو!

ان وقت ڪناري تي اسانجي پرسان بيٺل هڪ ياتريءَ، جو به شايد اسان وانگر ئي پهريون دفعو اتي آيو هو، رنجش وچان چيو: ”هيڏو سارو پاڻي اجايو وهي، زيان ٿي رهيو آهي! ان سان نه صرف هزارين پياسي ڳوٺن کي پيئڻ جو پاڻي ميسر ڪري ڏئي سگهجي ٿو، بلڪ ديش جي لکين ايڪڙ غير آباد زمين به اپجائو ڪري سگهجي ٿي! اسانجي سرڪار جو ان طرف ڌيان ڇو نٿو وڃي؟“

سندس اها ٽيڪا سڻي، اسان پنهنجي من ۾ صرف ڪلي ڏنو!

... ...

جيتوڻيڪ ان وقت سورج جا پاڇا لڙي چڪا هئا ۽ هر جي پوڙين جي سامهون وارين پهاڙين تان، سيتل هوا جا جهونڪا لڳي رهيا هئا، پر پوءِ به سوين پرش، ناريون ۽ ٻار، ڏاڍي مزي سان، گنگا جي برفيلي جل ۾ ٽٻيون ڏيئي، بيحد خوش ٿي رهيا هئا. لوڪن جي اها گنگا-ڀڳتي ڏسي، اسان دنگ رهجي وياسين!

ان وقت اسان به گنگا ۾ ٽٻي ڏيڻ کان اڳ، هر جون پوڙيون (ڏاڪا) لهي، هيٺ نئڙي، پهرين گنگا-جل جي انجلي ڀري، مک ۾ وجهي، پنهنجي پياسي هردي جي ترش بجهائي؛ ان بعد ٽٻي ڏيڻ لاءِ گنگا اندر گهڙي پياسين!

تنهن مهل اسانجي سمرتيءَ جي پردي تي، اچانڪ مهان راجا ڀاڳيرٿ جي پراڪرم جي ڪٿا منڊرائڻ لڳي، جنهن پنهنجن مري ويل وڏڙن کي وري زنده ڪرڻ لاءِ، هماليه پهاڙ

انهن نؤڪائن کي سرڳ-لوڪ تائين ڪٽي و يندي!

اُئين ڏسندي اُي ڏسندي، هر جي پؤڙين تي، سنڌيا سمي، آڪاش جي تارن جيان، هزارين جوتيون ٽمٽمائڻ لڳيون.

اهو سيچ پچ بيحد اُي اديت ۽ الوڪڪ درشيہ هو!

جيتوڻيڪ هر جي پؤڙين تي سنڌيا سمي جو ورنن، اسان انيڪ پستڪن-مخزنن ۾ پڙهيو هو ۽ ڪيترن ياترين جي مک مان پڻ انجو امنگ ڀريو بيان ٻڌو هو، پر پوءِ به پنهنجين اکين سان ساڪيات اهو سندر درشيہ پسي، اسانجو من بيحد آنند سان ڀرجي ويو!

ايتري ۾ هر جي پؤڙين لڳہ ٺهيل، گنگا-مئيا جي مکيہ مندر ۾ سنڌيا-آرتيءَ جو شنک وڏي آواز ۾ گونجڻ لڳو. پوءِ ته گنگا ڪناري جڙيل انيڪ ننڍين-وڏن مندرن ۾ به، ڪئين گهنٽ-گهنٽيون، تال-مردنگ، توتارا-نغارا وڄڻ شروع ٿي ويا!

ان سنگيت-ميہ وايو منڊل ۾، سڀ ياتري مگن ٿي، شاهي مشعالون ڦيرائيندڙن، آرتي ڪندڙ پوڄارين سان، سر ۾ سر ملائي، گنگا-مئيا جي استتي ڳائڻ لڳا:

"گنگي ترلوڪيہ ساري سڪل سڪ......"

(هي ماتا، تون ٽنهي لوڪن ۾ رهڻ واري آهين. تنهنجي جل ۾ سڀ ديو-ديوتائون، اشنان ڪري پرسن ٿين ٿا. سرڳہ لوڪ ۾ تون، ڀڳوان وشنوءَ جي چرڻ مان نڪرندڙ جل-ڌارا آهين. هي ديوي! تون اسان تي پرسن ٿي، اسانجو ڪلياڻ ڪر!)

ان عجيب ڪشش ڀري فضا ۾ اسانجو من بلڪل کوهجي ويو ۽ اسان اُن وقت اِهو به ڀلجي وياسين ته اسان ڪو مرتيو-لوڪ واسي هئاسين!

اُها اسانجي جيون جي هڪ اڻوسرندڙ سنڌيا هئي!

ي هڪ وڏي هال ۾، گنگا-جل جا ڪئين شاهي مٽ، سدا پيا پيا هوندا هئا. سندن گهر ۾ اهو ئي جل ڇهن ٽوڙين رسوئي ناهڻ لاءِ ورتايو ويندو هو! گنگا-جل بابت گرديو ائين ٿو لکي آهي ته ان جل جي اِها هڪ عجيب خوبي آهي جو اهو ڪيترا سال، ورهين تائين به بانسي يا خراب نٿو ٿئي!

اِن سلسلي ۾ هاڻي ته دنيا جي ڪيترن وگيانين پنهنجين ليبارٽرين ۾، گنگا-جل تي تجربا ڪري، اِهو سڌ ڪيو آهي ته ان جل ۾ اِها خاصيت آهي، جو اُن ۾ ڪي به جيوڙا زنده رهي نٿا سگهن، جيڪي جيوڙا رواجي طرح ٻئي هر قسم جي جل ۾، هزارن جي تعداد ۾ موجود هوندا آهن!

مطلب ته اِن ريت گنگا سان ڪئين وچتر وارتائون-ڪٿائون جڙيل آهن؛ انجي مهما ۽ پويترتا بابت سوين ڇند، شلوڪ، گيت، ڀڄن رچيل آهن. انهن سڀني جو هت ورنن ڪرڻ ناممڪن آهي. اِنڪري هت اسان ان شام جو هر جي پؤڙين تي، پنهنجين اکين سان جيڪو ڪؤتڪ ڏٺو، تنهن جو بيان ڪريون ٿا.

اُن سنجها جو اُتي بيٺي بيٺي، اسان ڏٺو ته جيئن ئي سوريه-ديو، پرٿوي ۽ کان موڪلائي رهيو هو، تيئن هر جي پؤڙين تي ياترين جي گهڻائي ۽، گنگا-اِشنان جي ڪرت لڳي پئي، بند ڪري ڇڏي ۽ سڀ شرڌالو گنگا-ماتا جي سنڌيا-آرتي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ، اُتاولا ٿي ٻيهي، هر جي پؤڙين تي، آسڻ وٺي ويهي رهيا هئا. هو ريان هوريان گنگا جي سنڌيا-آرتي شروع ٿيڻ لڳي، گنگا جي ٻنهي پاسي، ياتري قطارن ۾ ويهي، رنگارنگي گلن سان ڀريل، ننڍين-وڏن دونن جي وچئي ڏيئا ٻاري، گنگا جي تيز ڌارا ۾ پرواه ڪري رهيا هئا. سندن وشواس هو ته گنگا-مئيا سندن آشائن-اِڇائن سان ڀريل

وينتي ڪريان. سڀاڻي منهنجي ستگروءَ، مهاراج هرنامداس جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. ان موقعي تي، هر سال هن نواس ۾ سنت-سماگم ٿيندو آهي. هردوار ۽ انجي آس-پاس وارن بن-آشرمن ۾ رهندڙ ساڌن-مهاتمائن کي سڀاڻي هت، پڌارڻ جو سنديش موڪليو ويو آهي. ان سنديش جو آدر ڪري، انهن ساڌن-مهاتمائن مان گهڻا، سڀاڻي صبح جو ئي هت اچي ويندا. حياتيءَ ۾ ايترن ساڌن-سنتن جي درشن جو اهڙو موقعو، وڏن ڀاڳن سان ئي ملندو آهي! انڪري منهنجي اها مرضي آهي ته اوهان پڻ سڀاڻي ان مها-يگيه ۾ شريڪ ٿيو. اوهانکي هت ويٺي ويٺي ئي انيڪ مهاتمائن جي درشن جو لاڀ ملندو ۽ ڏاڍو آنند پڻ ايندو. وڌيڪ جيئن اوهانجو من ڀاوي، تيئن ڪريو!"

مهاراج گرو چرڻداس جي ان شڀ اِڇا سويڪار ڪرڻ کان اسان ڀلا ڪيئن ٿي منهن موڙي سگهياسين؟ انڪري اسان يڪدم هٿ جوڙي کيس وراڻيو: "بابا، اوهانجي آگيا اسانکي اکين تي آهي. اها ته اوهان، اسانجي من وٽان ڳالهه، چئي آهي. اسان اوس ئي، سڀاڻي هت ٿيندڙ مها-يگيه ۾ ڀاڱو وٺي، پوءِ ئي بدريناٿ لاءِ روانا ٿينداسين."

اسانجي ورنديءَ تي پرسن ٿي، مهاراج گرو چرڻداس اسانکي وري چيو: "جيسين اوهان اڄوڪو ڏينهن هردوار جي ارد-گرد، ٻن-چئن سندر آستانن ڏسڻ ڀلي سڪيارٿو ڪريو؛ وڃي ڪن-کل، منسا ديوي، سپت رشي آشرم وغيره جو درشن ڪري اچو؛ ائين اوهانجو اڄوڪو ڏينهن بلڪل سٺي نموني گذري ويندو!"

... ...

ان ريت مهنتجيءَ جي صلاح انوسار، اسان تيار ٿي، انهن

باب ٽيون

سنت-سماگم!

منش-جيون جا چار ڏينهن سڪيارٿا سمجهڻ گهرجن:
هڪ، جڏهن آدميءَ جي اندر ۾ وويڪ-وئراڳ جاڳي؛
ٻيو، جڏهن هو غريبن-محتاجن کي ڪارائڻ لاءِ يگيه ڪري؛
ٽيون، جڏهن وٽس پرڀوءَ جو ڀڄن ڪندڙ اچي گڏ ٿين؛
چوٿون، جڏهن کيس ساڌن-مهاتمائن جو سنگ ملي!

ٽئترييه آرڻيڪا

جيئن ته اسان جلدي بدري ناٿ جي درشن ڪرڻ لاءِ بيحد اُتڪنٺ هئاسين، تنهنڪري ٻئي ڏينهن صبح جو اُٿي، اِهو ويچار ڪيوسين ته اڄ مهاراج گرو چرڻداس کان آگيا ۽ آسيس وٺي، اوڏانهن اُسهجي!

بدري ناٿ وڃڻ لاءِ اسانکي ڀهرين هردوار کان رشي ڪيش پهچڻو هو، جتان ئي ياترين کي بسيون، ٽئڪسيون وغيره، اُتر کنڊ جي چئن ڌامن- بدري، ڪيدار، گنگوتري ۽ جمنوتريءَ طرف وٺي ٿي ويون.

دل ۾ بدري ناٿ ياترا لاءِ اُسهڻ جي اِها تمنا کڻي، اسان مهراج گرو چرڻداس جي آگيا وٺڻ لاءِ وٽس وياسين. اسانجي من جي ڳالهه ٻڌي، مهاراج پرسن مک سان چيو: ”ٻچو، ڀلي وڃو، سدا وڃو؛ آنند سان بدري-ڀڳوان جو درشن ڪري اچو. پرماتما اوهانجي رکيا ڪندو! ليڪن مان جيڪر توهانکي هڪ

ساري يگيه آستان کي اجاڙي، نشٽ ڪري ڇڏيو. اُها ناستي ڏسي، يگيه لاءِ آيل سڀ ديو-ديوتائون ڀؤ ۾ ٻرجي، هاهاڪار ڪندا، يڪدم اُتان کسڪي ويا! ان طرح ڏسندي ئي ڏسندي، يگيه لاءِ سجايل، دڪش پرجاپتيءَ جو اهو سندر آستان، هڪ ويران ٻرپٽ بڻجي پيو؛ نه صرف ايترو، بلڪ ان ڪانپوءِ ويرڀدر، دڪش کي پڪڙي، انهي سسي ۾ لاهي ڇڏي! اِهو ڀيانڪ ڪانڊ ڏسي، سرڳ جي سڀني ديون-ديوتائن گڏجي، جڏهن ڀڳوان شنڪر کي ڪميا-ديا لاءِ ٻاڏايو، تڏهن هن دڪش پرجاپتيءَ کي وري جيوت ڪيو! ان ئي آستان تي، جتي دڪش پرجاپتيءَ يگيه جي تياري ڪئي هئي، هاڻي هڪ سندر مندر قائم ڪيو ويو آهي ۽ گهڻو ڪري هردوار ۾ ايندڙ سڀ تيرٿ ياتري ان مندر جي درشن لاءِ هت ايندا آهن!

ڪن-کل ۾ ان ڌارمڪ آستان ڪانسواءِ ٻيو جيڪو درشن لائق آستان آهي، سو آهي: آنندمئي مان جو سندر، صاف سٿرو آشرم ۽ ان اندر نهايت سندس سماڌي. اهو آشرم ۽ سماڌي ڏسي، هر شرڌالوءَ جي هردي ۾ هڪ اڳاڌ آنند ۽ شانتيءَ جو انڀوَ ٿئي ٿو. اتي اسان آشرم واسين (جيڪي گهڻو ڪري سڀ بينگالي هئا، ڇو ته ”مان آنندمئي“ پڻ بينگالڻ هئي ۽ سندس اصلي نالو نرملا سندري ديوي هو)، کان ماتا جي انيڪ ليلائن-ڪرامتن جون ڪيتريون ئي وارتائون ٻڌيون.

ڪن-کل ڪانپوءِ، اسان وري هردوار طرف اچي، سڌو منشا-ديويءَ جو درشن ڪرڻ وياسين.

هردوار ۾ ايندڙ ياترين مان، ورلو ڪو هوندو جيڪو منشا-ديويءَ جو درشن ڪرڻ نه ويندو! ڇو ته عام لوڪن جي اِها مڃوتي آهي ته جيڪو به، من ۾ پورڻ ويساهه ۽ شرڌا ڌري،

آستانن جي درشن لاءِ نڪري پياسين.

ٻهرين ٻهرين اسان ڪن-ڪل ڏانهن رخ رکيو، جنهن بابت پڻ اسان ڪيترين ئي ڪٿائون-وارتائون سڻيون-پڙهيون هيون.

ڪن-ڪل هردوار کان اٽڪل اڍائي ٽن ميلن جي دوريءَ تي آهي. ڪن-ڪل جي اکرين معنيٰ آهي: "اهڙو ڪهڙو دشت هوندو، جيڪو هت اچي موکش نه پائيندو؟" ان چوڻ جو مطلب هي آهي ته هت اچي، هرڪو آدمي مڪتي پائي سگهي ٿو!

ڪن-ڪل جي مهما جي ڪٿا ڪجهه هن ريت آهي:

پراڻن جي وارتا انوسار ان آستان تي، هڪ دفعي دڪش پرجاپتيءَ مهايگيه ڪيو هو، جنهن لاءِ هن سڀني ديون-ديوتائن، ساڌن-مهاتمائن، رشين-منين، جوڳين-تپسوين کي نوتو ڏنو هو. ليڪن ان يگيه ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ، هن ڀڳوان شنڪر کي، جو پاروتيءَ جو پتي ۽ دڪش پرجاپتيءَ جو ناٺي هو، جاڻي-واڻي نينڊ نه ڏني هئي؛ ڇو ته پاروتيءَ سندس مرضيءَ خلاف مهاديو سان وواه ڪيو هو. پنهنجي پتا جي اِها اوڳڻا پاروتيءَ کان سهي نه وئي ۽ ڀڳوان شنڪر جي منع ڪرڻ جي باوجود به هوءَ بنا سڏ جي، پيءُ جي اِن يگيه ۾ اچي پهتي. اتي اچڻ بعد کيس شوجيءَ جي چيل ڳالهه، ته بنا ڪوٺ جي ڪٿي به وڃڻ نه گهرجي، ڇو ته اِئين ڪرڻ سان آدر-مان نٿو ملي، بلڪل سچي لڳي. سندس آءُ-ڀاءُ ڪرڻ ته پري رهيو، پر پتا دڪش ڏانهس اک کڻي نهاريو به ڪين!

اِن ريت پاڻکي بي عزتو ٿيل ڏسي، پاروتيءَ جي من ۾ بيحد شوڪ ۽ رنج پيدا ٿيو. اِنڪري هن غصي ۾ اچي، اَمالڪ يگيه جي لاءِ اٽل تيل جي ڪڙاهيءَ ۾ ڪڏي ٽپو ڏنو ۽ ڪن ۾ هوءَ جلي مري وئي!

هوڏانهن شوجيءَ کي جڏهن اِن واردات جي سڌ پيئي، تڏهن هن ڪروڌ ۾ ڀرجي، پنهنجي انگ-رکيڪ ويرڀدر دوارا،

حاطي اندر ئي انهن جي رهائش ۽ وديا ڏيڻ جو پربنڌ ٿيل هو!

ان بعد اسان موٽندي، وري هر جي پؤڙين جو درشن ڪندا، هرنام نواس ۾ موٽي آياسين.

... ...

ٻئي ڏينهن رٿا انوسار، هرنام نواس جي شڌ وايو منڊل ۾، سنت-سماگم شروع ٿيو.

مهاراج گرو چرڻداس اسانکي هڪ پاسي ويهي رهڻ لاءِ چيو. ڌيري ڌيري هرنام نواس جو شاهي ايوان، ڀانت ڀانت ساڌن-مهاتمائن سان ڀرجڻ لڳو. انيڪ تياڳي-تپسوي هستيون پڌارڻ لڳيون. انهن سڀني اچڻ سان "جيءِ گرو" چئي، مهاراج گرو چرڻداس کي نمي نمسڪار پئي ڪيو ۽ هن وري يڪدم سندن سواگت ڪري، کين آسڻ-گرهڻ ڪرڻ لاءِ وينتي پئي ڪئي!

اسان ڏٺو ته، ان ڏينهن مهراج گرو چرڻداس بيحد خوش هو؛ ڪاڻس پنهنجي سرير جون سڀ تڪليفون ڄڻ وسري ويون هيون ۽ عمر ۾ ٻه هؤ ان ڏينهن، گهٽ ۾ گهٽ ويهه ورهيه ننڍو ٿي ويو هو!

بلڪل مقرر وقت تي، اتسؤ آرنڀ ٿيو. شروعات گايتري منتر سان ٿي. پوءِ آيل ساڌن-مهاتمائن، واري واري سان، الڳ الڳ شاسترن جا منتر، شڌ سنسڪرت ۾ اچارڻ شروع ڪيا. ٻڌندڙن لاءِ اهو ڄڻ "آتما جو اشنان" هو!

ان بعد پرواچن شروع ٿيا، جن ۾ سنتن-ساڌن پنهنجا پنهنجا اڌياتمڪ انڀؤ پئي ٻڌايا؛ ڪن شاسترن مان وارتائون پئي ٻڌايون. هرنام نواس جي ڀرسان واري ڀڳوت ڌام جي مهنت، پنهنجي پرواچن ۾، مهراج گرو چرڻداس جي تياڳي جيون جو هڪ پهلو سڀني کي ٻڌائيندي چيو: "هن مهان سنت جي

اندر ۾ ڪاٻه آس ڪٽي، ماتا منشا-ديويءَ جي سمڪ ويندو، تہ سندس من جي اها آس ضرور پوري ٿيندي. اِنڪري ئي هن ديويءَ کي سڀ سڏين ئي ٿا: منشا-ديوي!

هردوار شهر جي وچتي، هڪ ننڍيءَ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي اڏيل، ماتا جي هن مندر ۾ پهچندي، اسان اتي آيل شردالن جي مک مان اهڙا انيڪ انيؤ سٽيا. انهن جي ساکيات ثبوت لاءِ، اسان ماتا جي مندر ٻاهران اپو هڪ تمام پراچين درخت ڏٺو، جنهن جي شاهي ٽڙ ۽ لامن چوڌر، هزارين آس-وندن، پنهنجي من جي منشا پوري ٿيڻ لاءِ، ڪئين رنگين ڌاڳا ۽ ڪپڙي جون پٽيون ٻڌي ڇڏيون هيون. جڏهن ماتا منشا-ديوي سندن اهي آسون پڄائيندي، تڏهن ماتا سان ڪيل پرڻ انوسار، هو ُهت اچي، پنهنجن هٿن سان اهي ڌاڳا ۽ پٽيون ڇاڙ کولي، پنهنجي وچن جو پالن ڪندا آهن!

جيئن تہ، ان وقت سج لهڻ ۾ اڃا ڪافي سمو پيو هو، تنهنڪري اسان خيال ڪيو تہ اڳو پوءِ ان ڏينهن ئي، سپت-رشي آشرم بہ ڏسي اچون!

سپت-رشي آشرم، هردوار کان ٥-٦ ميل دور هو. گنگا ڪناري اهو آستان سچ پچ ئي سرڳہ سمان آهي! اتي انيڪ مندرن-آشرمن جو چڱو جهرمٽ آهي، جتي اسانکي ياترين جا ٽولا هڪ مندر-آشرم کان ٻئي ڏانهن ويندا-ٿهلندا نظر آيا. اسان بہ ڪين مندرن-آشرمن جي پرڪرما ڏيئي، آخر ۾ سپت-رشي آشرم ۾ آياسين. هن آشرم ۾ ستن ئي پراچين مهان رشين-وشست، ڪيشپ، انتري، جمدگني، گوتم، وشوامتر ۽ اگست-جون مورتون، هڪ هال ۾ ٽڪيل هيون، ست ئي رشي، هڪ ٻئي کان وڌيڪ تيجسوي، پراڪرمي هئا! اتي اسانکي ٻڌايو ويو تہ هن آشرم پاران هڪ اهم سماجڪ ڪاربہ ٿيندو آهي، اهو آهي: اپاهجن ٻالڪن جي پالنا، ديک-ريک. آشرم جي

۾ ڪافي دير لڳي ويندي؛ ان لاءِ ترسڻ محال آهي! مان نٿو چاهيان ته هن مها يگيه ۾ آيل هڪ به شردالو-ڀڳت ڀوڄن ڪرڻ بنا هتان هليو وڃي! هاڻي تون هڪڙو ڪم ڪر؛ تون ترت ئي، گيهه جا خالي دٻا، سندوءَ جي جل مان ڀرائڻ شروع ڪر. اسين گرو وڏيڪنڊي مهراج کي پرارٿنا ٿا ڪريون، ته هن سمي هوُ اچي اسانجي پت رکي ۽ سندوءَ جي جل کي گيهه بڻائي، جيئن هي مها يگيه باعزت، سک سان سماپت ٿئي! ها، باقي اِهو ڌيان ضرور رکجِ ته ٿين سندوءَ مان جيترا دٻا جل جا ڀرائين، انهن جي ڳڻپ ضرور ڪجِ. اِئين سمجهه ته اسان اِها امانت ٿا وٺون، جيڪا وري سياڻي ماتا سندوءَ کي هٿ جوڙي، گيهه جي ڀريل دٻن سان موٽائي ڏيڻي آهي. ان امانت ۾ ڪابه خيانت ٿيڻ نه گهرجي!

بس، گرو مهراج جي اِها آگيا پائي، مان وري ڀوڄن-شالا ۾ موٽي آيس ۽ ائين ئي ڪيم. پوءِ ته سچ پچ ئي چمتڪار ٿي ويو! جيئن ئي شيوادارين، سندوءَ جي جل وارا ڀريل دٻا، ديگين ۾ پئي پلٽيا، ته ديگ ۾ پوندي، اُهو جل اُمالڪ گيهه بڻجي پئي ويو!

اِن طرح منهنجي سمرٿ گروءَ ان ڏينهن، وڏو سنڪٽ ٽاري، اسانجي لڄ رکي ورتي!

ٻئي ڏينهن جيئن ئي سکر شهر مان گيهه جا دٻا گهرايا ويا، ته اسان، سندوءَ مان کنيل جل جيترا دٻا ڳڻي، هٿ جوڙي، اُهي ماتا سندوءَ کي موٽائي ڏنا ۽ انجي ڌنيواد پڻ مڃيسين!

اهڙو پراڪرمي هو منهنجو ستگرو هرنامداس سوامي!"

مهراج گرو چرڻداس جي واتان اِها وارتا سڻي، اتي ويٺلن سڀني جي مک مان "ڌن- ڌن" جي پڪار نڪتي!

ان بعد سڀني کي جل-پان ڪرائي، يگيه جي سماپتي ڪئي وئي ۽ سڀ ساڌو-سنت، مهراج گرو چرڻداس کي پرڻام ڪري، موڪلائي رمندا رهيا!

آڏو. جڏهن سنڌس انيڪ شرڌالو-ڀڳت، اڪيچار قسمن جون مٺايون، وستر يا ٻيون وستون توڙي ڌن آڻي ڌريندا آهن، تڏهن هو اهي سڀ چيزون، ان ڏينهن ئي شام تائين، جيسين هيڏانهن-هوڏانهن ونڊي-ورڇي پوريون نہ ڪندو آهي، تيسين ڪيس رات جو ننڊ ئي نہ ايندي آهي! جيڪڏهن هڪ رات ۾، مهراج گرو چرڻداس وٽ مليل شين مان ڪا بچي رهي، تہ سندس آرام ڦٽي پوندو آهي. انڪري اسان سڀ ڪيس ڦڪڙ مهنت ڪوٺيندا آهيون!"

ان ڪانپوءِ مهراج گرو چرڻداس اتي، پنهنجي گرديو جي جيون بابت ڳالهائيندي، سندس حاصل ڪيل سڌين جي باري ۾ هڪ مزيدار قصو ٻڌايو؛ هن چيو: "هڪ دفعي سنڌ واري ساڌ ٻيلي ۾ مها يڳيہ ڪيو ويو هو. ان يڳيہ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ، نہ صرف ساري سنڌ مان ڪٿان ڪان، سوين ساڌو اچي جمع ٿيا هئا، بلڪ ٻيا شرڌالو ۽ ڀڳت پڻ هزارن جي تعداد ۾ اچي اتي پهتا هئا. يڳيہ ڪانپوءِ، سڀني کي ڀوڄن ڪرائڻ جو پربنڌ پڻ ڪيو ويو هو. اها ڀوڄن-شيوا اڃا چالو ئي هئي، تہ اچانڪ گيهہ کٽي ويو! جيئن تہ ان وقت مان ساڌ ٻيلي جو ڀنڊاري هوس، تنهنڪري بيحد فڪر ۾ پئجي، مون اهو حال اچي پنهنجي گروءَ، سوامي هرنامداس کي ٻڌايو. پوءِ مون چنتا ۾ پئجي، ڪانئس سوال پڇيو: "گرديو، هاڻي ڇا ٿئي؟ اڃا ڀوڄن لاءِ تہ ڪافي خلق رهيل آهي، هن وقت گيهہ ڪٿان اچي، جو ڪاڏو رڌجي؟ ماڻهو اندازِ کان بيحد گهڻا اچي نڪتا آهن!"

منهنجي اها ڳڻتيءَ ڀري ڳالهہ ٻڌي، گرو مهراج جن، ڪا ساعت تہ سوچ ۾ پئجي، ڪجهہ ويچاريندا رهيا. پوءِ گهڙيءَ بعد مونکي چيائون: "ڀائي چرڻداس يڳيہ جي وچ ۾ گيهہ کٽي وڃڻ واري ڳالهہ تہ برابر ڏکوري آهي ۽ هاڻي سکر شهر مان بہ؛ ڀيڙيءَ رستي گيهہ گهرائڻ

سيس نوائي مهراج گرو چرڻداس کي پرڻام ڪيو!

... ...

جيئن ته رشي ڪيش هردوار کان اٽڪل ۴۰ ميل دور هو، اِنڪري اسان لڳ ڀڳ ڪلاڪ کن اندر، رشي ڪيش پهچي وياسين.

رشي ڪيش کي هماليه جي اُتر کنڊ جو دوار چيو ويندو آهي. هتان انيڪ ننڍيون-وڏيون، خانگي خواه سرڪاري بسيون، ڪئين ٽئڪسيون، ڪارون وغيره ياترين سان ڀرجي، اُتر کنڊ ۾ وسيل چئني پرسڌ ڌامن- ڪيدارناٿ، بدري ناٿ، گنگوتري ۽ جمنوتري- طرف روانيون ٿينديون رهنديون آهن. اسان به اُتان ٿي، ٻين ٻن ياترين سان گڏ، هڪ الڳ ٽئڪسي ڀاڙي تي ڪري، بدري ناٿ وڃڻ جو سوچيو.

رشي ڪيش ۾ اسانجي اهڙين ٻن ياترين سان ملاقات ٿي جن کي به صرف بدري ناٿ جي ياترا ڪري، ترت واپس ورڻو هو. انهن سان گڏجي، اسان هڪ ٽئڪسيءَ واري سان، ٻئي ڏينهن لاءِ ياترا جي اوٽ-موٽ جو ڀاڙو پڪو ڪري ڇڏيو؛ اِهو اِنڪري جو اهو سڄو ڏينهن، اسان رشي ڪيش جي پرڪرما پوري ڪرڻ پئي چاهي!

سو هڪ ڏينهن جي وسرام لاءِ، اسان بس-اڏي جي ڀرسان ئي ٺهيل ڪالي ڪملي واري بابا جي ڌرمشالا ۾ آياسين. ان ڌرمشالا ۾ هڪ ڏينهن لاءِ ڪمرو ورتــي، پنهنجو سامان ان ۾ رکي، اسان جلد ئي رشي ڪيش جي اِرد-گرد وارو علائقو ڏسڻ لاءِ نڪري پياسين.

اِئين ته رشي ڪيش جو هڪ حصو، اڄ ڪلهه جي زماني انوسار، هڪ ننڍو شهر بڻجي ويو آهي. ليڪن رشي ڪيش جي ٻئي حصي ۾، جتان گنگا وهي رهي آهي، اتي گنگا جي

باب چوٿون

رشي ڪيش!

مهاتمائون هڪ آستان ڪان،
ٻئي، آستان ڏانهن پنڌ ڪري،
انهن کي پوتر بڻائين ٿا؛
سندن تيرٿ-ياترا تہ،
هڪ ٻاهريون ڏيک آهي؛
اصل ۾ هوُ پنهنجي چرڻ-سپرش سان،
تيرٿ-آستانن کي سريشٽ بڻائين ٿا!

شريمد ڀاڳوت

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير اٿي، بدري‌ناٿ جي ياترا لاءِ، اسان رشي ڪيش ڏانهن اسهڻ لاءِ تيار ٿي، مهراج گرو چرڻ-داس کان آگيا وٺڻ وياسين.

مهراج پرسنتا سان، اسانکي نہ صرف بدري‌ناٿ وڃڻ جي آگيا ڏني، بلڪ هرنام نواس کان ٻاهر اچي، اسانکي رخصت ڪندي، پريل ڪنٺ سان آسيس ڪري چيو: "مٺوُ، شل سک سان درشن ڪري واپس ورو!" اِئين چوندي چوندي، سندس سندر موڪرين اکين ۾ جل ڀرجي آيو! ان وقت اسانکي احساس ٿيو تہ هن سنياسيءَ جي تپسوي ديهہ اندر، هڪ سنيهہ-ميہ ناريءَ جي ڪومل، ڪروڻاميہ دل پڻ آهي!

پوءِ ٽئڪسيءَ ۾ ويهڻ کان اڳہ، اسان ٻنهي هٿ جوڙي،

عيوضي بڻجي، ايوڌيا جو راڄ-ڪاروبار هلائڻ قبوليو هو!

هت پهچي ڀرت جنهن آستان تي ستياگره ڪري ويٺو هو ۽ واپس ايوڌيا موٽي وڃڻ لاءِ تيار نه هو، اتي سندس (ڀرت جي) وڏي آڪار واري، موهيندڙ مورتي استاپن ڪري، هڪ سندر مندر ٺهرايو ويو آهي!

وري جتي هاڻوڪو لڪشمڻ-جهولو ٺهيل آهي، اتي راجا رامچندر جي بنواس واري سمي ۾، ٻانس جي لڪڙن جي پل ٺهيل هئي، جنهن تان لنگهي هو ٽيئي مهان آتمائون- رام، سيتا ۽ لڪشمڻ- بنواس جو عرصو ڪاٽڻ لاءِ گنگا جي هن پار، گهاٽي بن طرف روانا ٿيا هئا!

ٻانس جي لڪڙن جي ٺهيل ان لڏندڙ پل تان لنگهندي، عام ياترين کي ڪافي ڊپ لڳندو هو ۽ هيٺان وهندڙ تيز رفتار واري گنگا جو رودر روپ ڏسي، گهڻن کي چڪر اچي ويندو هو، جنهن ڪارڻ ڪيترائي ڀانواٽي کائي، ڌون وڃي گنگا ۾ پوندا هئا ۽ ائين ئي سندن مرتيو-لوڪ جي ياترا، جلد پوري ٿي ويندي هئي!

تڏهن ڪلڪتي جي هڪ دانوير پرش سورجمل، ان پل کي، لوهه جي زنجيرن ۽ شيخن سان مضبوط ڪري ٺهرايو هو، جيڪا پل اڄ ڏينهن قائم آهي! جيتوڻيڪ گهڻن ياترين جي اچ-وڃ سبب، هيءَ پل، اڃا به ٿوري ٿوري لڏندي رهي ٿي؛ تنهنڪري ئي شايد ان تي نالو ڌريو اٿن: لڪشمڻ-جهولو!

... ...

پرڪرتيءَ جي سندر گود ۾ هئڻ ڪارڻ، ڪن آستانن جي سونهن، ڏاڍي ادڀت ۽ روچڪ ٿيندي آهي؛ لڪشمڻ-جهولو پڻ انهن آستانن مان هڪ آهي! هت گنگاجيءَ جي شوڀا، من-مگڌ ڪندڙ آهي. لڪشمڻ-جهولي جي چوڌر، گهاٽن وڻن-ٻوٽن سان ڍڪيل جيڪي ننڍيون-ننڍيون ٽڪريون ۽ پهاڙ آهن،

ڪناري اُن انيڪ پرڪارن جي گهاٽن، ڦهليل درختن جون
ڪنين لتڪندڙ ڦلن، رشين جي جٽائن جيان لڳن ٿيون ۽ انهن
جي ڪري ئي، ان آستان تي رشي ڪيش نالو پيو آهي! ان
ڪارڻ ئي، وقت به وقت ڀارت جي ڪيترن ئي سادن-مهاتمائن،
رشي ڪيش جي ان ايڪانت-ميه حصي کي ئي پنهنجي ڌيان-
اڀياس لاءِ پٽي چونڊيو آهي. اتي اسان اهو به ڏٺو ته ان
حصي ۾ گهاريندڙ سادو-سنتن وچ، سنڌيا سمي، خوب گنڀير
شاستر-چرچا ۽ واد-وواد ٿيندو آهي، جنهن مان سندن گيان
جي ڳهرائيءَ جي سڌ پوندي آهي. اسان کي اهو به معلوم ٿيو
ته ڪنڀ-ميلي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ، هتان ئي سادن-مهاتمائن جا
ٽولا انهن آستانن ڏانهن روانا ٿيندا آهن!

ان تپو بن ڏانهن پنڌ ڪندي، اسانکي ڏسڻ ۾ آيو ته
انهيءَ طرف سري رامچندر جي پياري ڀراتا، ڀرت جو چڱو
اڏيل هو! چوڏهن ورهين جو بنواس وارو عرصو پورو ڪرڻ
لاءِ، اتي آيل مرياڌا پرشوتم رام کي، ليلائي، واپس ايوڌيا هلي،
تخت تي براجمان ٿيڻ لاءِ، راجڪمار ڀرت هت اچي پهتو هو!
جيتوڻيڪ ڀرت پنهنجي مرلي ڀاءُ سري رامچندر کي، واپس
ايوڌيا هلڻ لاءِ گهڻو ئي چيو، پر جڏهن سري رام، پنهنجي پتا
جي وچن جي پت رکڻ لاءِ، سائنس (راجڪمار ڀرت سان) گڏ
ايوڌيا موٽي وڃڻ کان انڪار ڪيو، تڏهن هو (ڀرت)، رام بنا
پاڻ به واپس ايوڌيا وڃڻ لاءِ تيار نه هو! ان حالت ۾، سري
رامچندر جڏهن اهو محسوس ڪيو ته ايوڌيا جي راج-گدي،
اِئين خالي رهڻ ڪري، اُتان جي پرجا کي ڪافي ڪٺنائي
محسوس ٿيندي، تڏهن هن ڀاءُ ڀرت کي ڏاڍي پريم سان
سمجهائي-ٻجهائي، پنهنجون چاکڙيون لاهي، ڪيس نشانيءَ طور
ڏنيون، جيڪي ايوڌيا جي راج-سنگهاسن تي براجمان ڪري،
ڀرت، سندس (رام جي) واپس ورڻ تائين، راجا رام جو

ڪيا. هن پنهنجو آسيس جو هٿ وڌائي چيو: ”سدا سکي رهو، ٻچا!“

ان بعد اسان بابا جي سنمک ويهي، ڪا گهڙي پلڪ، سندس آنندائي مک طرف يڪ-ٽڪ ڏسندا ئي رهياسين! ڪجهه پلن گذرڻ کانپوءِ بابا اسان ڏانهن مرڪ ڪري مڌر واڻيءَ ۾ چيو: ”بدري ناٿ جي درشن لاءِ وڃي رهيا آهيو؟ ڏاڍو سٺو! سچ پچ اتي بيحد آنند لڳو پيو آهي!“

”ها، بابا! اتي آنند ته هوندو ئي! اسان پڻ اتان جون انيڪ اهڙيون وارتائون سڻيون آهن، جن اسانجو من لاچايو آهي!“ اسان ورائيو. ساعت بعد اسان نمرتا سان کانئس پڇيو: ”بابا، اوهان به ته بدري ناٿ جي ياترا گهڻائي ڀيرا ڪئي هوندي؟“

اسانجو اهو سوال ٻڌي، بابا مرڪي ڏنو؛ پوءِ ڌيمي سر ۾ ورائيائين، ”ها ٻچا، اها هر منش لاءِ تپ-ڀومي آهي! ان ڀوميءَ ڪي اهڙي ته الوڪ ڪشش آهي. جو سنياسي ته ڇڏيو، پر سنسار جي چڪر ۾ ڦرندڙ گرهستي پڻ، هڪ ڀيرو ان واٽ تي ايندڙ ست تيل پويتر آستان پسي اچڻ کانپوءِ، بار بار اوڏانهن وڃڻ جي چڪ پيو محسوس ڪندو آهي!“

ان بعد اسانجي شروعاتي جهجهڪ بلڪل هٽي وئي ۽ اسان ساهس رکي، بابا کان هڪ-ٻئي پٺيان سانده انيڪ سوال پڇيا؛ مثلن:

”بابا، اوهان سنياسي ڪڏهن ۽ ڪيئن بڻيا؟“

”ڀلا اوهانجو گرو ڪير هو؟ اهو اوهانکي ڪٿي ۽ ڪيئن مليو؟“

”ڇا اوهانجو گرو اڃا جيوت آهي؟“

”اوهان کي گروءَ ڪهڙن آستانن تي وڃي تپسيا ڪرڻ لاءِ چيو هو؟“

”ان ساڌنا دوران اوهانکي ڪهڙا انڀوَ ٿيا؟ ڪهڙا ڪهڙا درشن مليا؟“

تن جي وچان وهندڙ، گنگاجيءَ جو وهندڙ صاف-سٿرو، اوجل-نرمل جل، ڏاڍو آنند-ميہ ڀاسي ٿو. انڪري اسانجي ٻــڻ دل ٿي، ته اتي چپ-چاپ ويهي، بس لئين ٿي، گنگا جو وهڪرو ڏسندو رهجي. گنگا جي ان درشن سان من الوڪڪ آنند سان ڀرجي وڃي ٿو ۽ ان وقت اهو فيصلو ڪرڻ مشڪل ٿي پوي ٿو ته ڪير ڪنهنجي سندرتا وڌائي رهيو آهي: گنگا مئيا يا پتا سمان اِيو پهاڙ!

... ...

لڪشمڻ-جهولا جي ڀرسان ئي، ڪن سادن-مهاتمائن، تپسوين ۽ يوگين جا آشرم آهن. بمبئيءَ ۾ رهندڙ اسانجي هڪ متر، اسانکي خاص تاڪيد ڪري چيو هو ته اتي الهآباد واري مهان سنت سچا بابا جو آشرم پڻ آهي، جنهن ۾ ضرور وڃجو؛ ڀاڳن سان جيڪڏهن سچا بابا جن، ان سمي الهآباد کان اتي آيل هوندا، ته سندن درشن ڪري، اوهان ڪرتارٿ ٿي ويندا!

اسان اتي پڇا-ڳاڇا ڪري، سچا بابا جو اهو آشرم ڳولهي لڌو. پنهنجي ان آشرم لاءِ اهڙو رمڻيڪ آستان ڳولهڻ ڪاڻ، اسان من ئي من ۾ سچا بابا جي پسنديءَ جي ساراهه ڪرڻ کان رهي نه سگهياسين!

... ...

اسانجا سڀ پنج وڏا ڀاڳ، هئا جو آشرم اندر گهڙندي ئي، اسان کي پتو پيو ته سچا باباجن، ڪجهه ڏينهن کان اتي آيل هئا.

سچا بابا! واهه! جهڙو سندن ناءُ هو، اهڙو ئي سنت هو اهو! تيجسوي، تپسوي؛ سفيد سونهاري، ٻهڪندڙ للاٽ، ڪمل ڏل جيان تڙيل نيڻ، مک تي مڌر، مڪت مرڪ! اسان ڏسندي ئي، مٺس موهت ٿي پياسين!

اسان اڳيان وڌي، سامهون براجمان سچا بابا جا چرڻ سپرش

ڪيئن پريمي موونت ڇڪجي آيا ۽ هوريان انهن جي اچڻ، سهايتا ۽ سهڪار سان، ڪيترن ئي پويتر آستانن تي هفتا آشرم ٺهندا رهيا!" ايترو چئي، بابا مڌر مرڪ مرڪي، پنهنجي وارتا پوري ڪئي.

بابا جي واڻي، گنگا جل جيان سيتل، نرمل ۽ آننددائي هئي. اسان چاهيو پئي ته بابا ائين ٻوليندو ئي رهي ۽ اسان اُن رس-ڌارا ۾ وهندا ئي رهون! اِنڪري ان پرم آنند جي گهڙين جي مهلت وڌائڻ لاءِ، اسان وري بابا کان ٻيا سوال پڇيا:

"بابا، هندستان جي ورهاڱي وقت اوهين ڪٿي هئا؟"

"ڇا اوهان پنهنجي تپ-بل سان، ورهاڱي کي روڪي نٿي سگهيا؟"

"هيڏي پيماني تي لوڪن جي لڏپلاڻ، رلوڇاڻ، دربدري، پريشاني، مصيبت ۽ بربادي ڀوڳڻ، ڇا اِهو سڀ ضروري هو؟"

تڏهن بابا ساڳئي ئي ڌيرج سان وراڻيو: "ٻچا، توهين اِئين نه سمجهو ته دنيا ۾ جيڪي ڪجهه ٿئي پيو، انجي اسانکي اڳواٽ خبر نٿي پوي! سنسار ۾ جيڪڏهن ڪا وڏي آپدا يا بربادي ٿيڻ واري هوندي آهي؛ ڪا ڀاري وپدا يا مصيبت اچڻ واري هوندي آهي، ته اسانکي انجي سمڪ اڳيئي پئجي ويندي آهي ۽ انڪري اسانجو من به اشانت ٿي ويندو آهي! ديش جي ورهاڱي کان اڳ، اسانکي اهڙا ڀرون پيا هئا، ته ملڪ جي ٽڪرن ٿيڻ سان ڪهڙا کلور ٿيڻا آهن؛ لوڪ ڪيترو نه دکي ٿيڻا آهن. تنهنڪري اسان ان درگهٽنا کي ٽارڻ لاءِ وڏا وس ڪيا؛ سوکيم آتمائن سان ڳالهايوسين؛ انهن کي ان آپدا ٽارڻ لاءِ ڪيترا واسطا وڌاسين؛ پر اُتان ناڪار ٿي! ورندي آئي ته اِها گهٽنا اٽل آهي؛ اها اوس ٿي ئي رهندي؛ انکي ٿيڻ ڏيو."

ايترن ٻين سارن سوالن مان، اسانجو جگياسوُ من پرکي، بابا انهن سڀني سوالن جي جواب ۾، اسانکي پنهنجي مختصر جيون-ڪٿا ٻڌائي، جا هن ريت هئي:

”آءٌ جڏهن اڃا ڏهن-ٻارهن سالن جو ٻالڪ هوس، ته گروءَ مونکي پاڻ ئي ڳولهي لڌو هو. هڪ ڏينهن هو اوچتو اسانجي گهر گهڙي آيو هو ۽ منهنجي ماتا-پتا سان وارتالاپ ڪري، هن کانئن منهنجي ٻانهن گهري. ان بعد هوُ مونکي هماليه پربت ڏانهن وٺي هليو. بس انهين ننڍي ڄمار ۾ ئي منهنجي هماليه-ياترا شروع ٿي هئي! مان پنهنجي ان گروءَ سان گڏ، ڪيئين سال هماليه-پربت جي الڳ الڳ حصن ۾، پيري پنڌ رٽن ڪندو رهيس. ان عرصي ۾ گروءَ دواران، منهنجو انيڪ ساڌن-سنتن سان ميل ٿيو، سنگ ٿيو، وارتالاپ ٿيو. مون انهن کان ڪافي گيان پرايو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ منهنجي گرديو پراڻ تياڳيا ۽ ان بعد منهنجو رٽن به لڳ-ڀڳ بند ئي ٿي ويو! پوءِ مون ديو-پرياگ جي پرسان، هڪ غفا ۾ اچي ديرو ڪيو. اهو ديو-پرياگ هاڻي اوهان بدري ناٿ جي رستي تي ڏسندا. ان آستان جي مهما شبدن ۾ سمائڻ ڪٺن آهي! اهو سارو کيتر پاڻ ته هڪ وڏو بجلي گهر آهي، جتان شڪتي ۽ پرڪاش پيئي حاصل ٿيئن ٿا؛ خود آدي گرو شنڪر آچاريه پڻ، ڪجهه وقت ديو-پرياگ ۾ ترسي، هڪ غفا ۾ ويهي، تپ ڪيو هو. اتفاق سان مان به ان ئي غفا ۾ گهڙي، ڪيئين سال اتي هيڪلو رهي، ساڌنا ڪندو رهيس؛ اتي مونکي ڪيئين درشن ٿيا! ان بعد هڪ ڏهاڙي اگيات-جڳت جو آديش سڻڻ ۾ آيو ته مونکي هاڻي سنسار ۾ موٽي وڃي، لوڪن جي سيوا ڪرڻ گهرجي.

تڏهن مان پنهنجو ڪرمنڊل ۽ لٺ کڻي، اتان نڪري پيس ۽ هت اچي ديرو هنيم. ٿورن ڏينهن ۾ ئي، توهان جيان

لڙائي لڳندي ۽ وڏو وناش ٿيندو؟ اسانکي تہ چوڌر حالتون ڏاڍيون نراسائيءَ واريون پيون نظر اچن! وڏا وڏا شڪتي-شالي ملڪ ڏسو تہ ٿوري ٿوري ڳالهہ تي، ھر ھر پيا ھڪ ٻئي کي ڏنــد ڏيکارين ۽ دڙڪا ڏين! ننڍين ننڍين ملڪن ۾ وري بيحد بدامني، انڌ-ڌنڌ، ڦرلٽ، بي انصافي، اتياچار، ھنسا ۽ ڀرشٽاچار وغيره ڦھليل آھن! ان ريت ڏن-بدن ڪلجڳ جو پرڀاو وڌي پيو وڌندو، زور وٺندو! ڇا ڪلڪي اوتار جي پڌارڻ ۾ اڃا گھڻي دير آھي؟"

اسانجا اھي چنتا ڀريا سوال ٻڌي، بابا ٿورين تہ ھلڪو مرڪيو پوءِ گنڀير ٿي، ٻوليائين: "ٻچا، اشانتي ۽ گڙٻڙ تہ اڃا بہ وڌنديون آھن. ڪجھہ سالن تائين تہ حالتون وڌيڪ بگڙنديون ۽ خــراب رھنديون. ٻوڏون، ڏڪار، زلــزلا، بيماريون، ننڍيون ننڍيون جنگيون ۽ مذھبي فساد ٿيندا، جن جي ڪري جان-مال جــو گھڻو نــي نقصان ٿيندو؛ مــاڻھو دک-شوڪ وچان ڪراھيندا، ھاھاڪار مچائيندا؛ پر جيئن زوردار آنڌيءَ کانپوءِ وري ٺاپر ٿـي ويندي آھي، تيئن ھــر ملڪ ۾ ٻرائيءَ کانپوءِ چڱائيءَ جو زور وڌندو؛ نيڪ آدمي راڄ-ڪارو بار سنڀاليندا؛ ھرڪو سلوڪ ۽ پريم سان رھندو؛ آنند ڀري جيون گھاريندو. ساري دنيا ۾ بلڪل ست-يگ قائم ٿي ويندو. جيڪي ھي ڏکيو سمو جھاڳي ڇڙيندا، سي سونھري ڏينھن ڏسندا!"

سچا بابا جي سٽايل ان اڳڪٿيءَ سان وايو منڊل اھڙو تہ گنڀير ٿي ويو، جو پوءِ اسانجو وارتالاپ اڳتي چري ئي ڪين!

ان طرح ڪجھہ وقت سانت ويھي، اسان بابا کي ڏنڊوت پرڻام ڪري، ڪانڊس بدري ناٿ ياترا جي سٽڪا ٻـــي آسيس ورتي، اتان اٿي آياسين.

... ...

ليڪن بابا جي ان جواب سان، اسانکي سنتوش نہ ٿيو؛ اِنڪري اسان وري ڪانئس پڇيو: ”بابا، ڇا اوهين سچ پچ اِئين سمجهو ٿا تہ ورهاڱي ۾ ٿي ديش جي ڀلائي ٿي هئي؟ اسان نہ پنهنجو وطن وڃائڻ جو سؤر، اڄ ڏاڍين سهسائي نہ سگهيا آهيون......“

”ها پٽ، اِئين برابر آهي تہ، وطن ڇڏڻ جي پيڙا، وسرڻ جي نہ آهي؛ پر اسانکي تڏهن اِها بہ پروڙ پيئي هئي تہ اتي سيني جي گڏ رهڻ سان وڌيڪ هاڃي ٿيڻي هئي. چؤطرف دائما جهڳڙا-فساد ٿيندا رهن ها؛ سک-سلامتي بار بار بگڙي ها؛ اشانتي ۽ اَسنتوش وڌندو ئي رهي ها. اها حالت لاڏي اِن جي سور کان بہ وڌيڪ خراب ۽ ڏکدائي هجي ها! ملڪ جي ورهاڱي بعد، توهين ڏيکي شرنارٿي بڻجي هت آيا، تن برابر گهڻو ڪي سٺو ۽ ڀوڳيو؛ ڪافي ڪجهہ قربان ڪيو؛ پر پوءِ بہ پرماتما جي ڪرپا سان، رحم ٿي ٿيو آهي؛ نہ تہ اتي اوهان مثان، اڃا بہ، وڌيڪ وڏل وهن ها! هاڻي هت گهٽ ۾ گهٽ اوهين سڀ لڳہ ڀڳہ وري ورسجي ويا آهيو؛ تن ۽ ڌن طور اڳي کان سکي آهيو! اِها بہ پريوءَ جي وڏي ڪرپا آهي؛ مهان آتمائن جي آسيس آهي، انهن کي سدائين اوهانجي سک-شانتيءَ جي اون آهي!“

سچا بابا جي انهن سٺوچنن تي اسانکي ويسهہ اچي ويو! ان بعد گهڙي-پل شانتي ڇانئي رهي.

هاڻي جڏهن اسانکي سچا بابا وٽان، زمان حال جي سٺي گذرڻ جي خاطري ملي، تڏهن وري اسانجي من ۾ زمان مستقبل جي چنتا جاڳي اٿي! اِن ڪري ٿوري ساعت چپ رهڻ کانپوءِ، اسان بابا کان ان بابت سوال ڪيو: ”بابا، ايندڙ سمي بابت اوهانجو ڪهڙو رايو آهي؟ ڇا توهان سمجهو ٿا تہ ٿين مهاڀارت

هماليه - ڪبتر

(اُتر کنڊ)

هماليه جي اڳاڙ، امت سندرتا پسي،
منش-سمرتي جي جڳت ماڻ،
سڀ شبد لِئين الوپ ٿي وڃن ٿا،
جيئن آڪاش ۾ سُورج نڪرندي،
سڀ تارا ڪوهجي ويندا آهن!

ڪوي ڪاليداس

پارٿواسين ۾ هماليه-ڀڳتي تمام گهڻي آهي؛ هماليه جهڙي درشن ڀنڊار، هو جڻ ٻنهتجي هيءَ جيون-پاترا اَپوري سمجهندا آهن! هماليه ۾ سڀني ديوتائن جو واس آهي؛ اُتي وشنو ڀڳوان، ديوي لڪشميءَ سان گڏ نت رهي ٿو. اتي ئي ديون جو ديو، شنڪر ڀڳوان، اکنڊ سماڌيءَ ۾ لين رهي ٿو ۽ ماتا پاروتيءَ جو آسڻ پڻ اتي آهي. اتي ئي رهي ٿو شوئنه پائي، شانتي مهاراج؛ جو يوگين، تپسوين جي سادنا سڦل ٿائيندو آهي!

ان ريت هماليه آهي اڌيا تمڪتا جو آستان؛ رشين-منين جو نواس؛ شانتيءَ جو امر مثال؛ وشالتا ۽ مهانتا جي ليجسوي مورتي؛ ڌيان مگهن، يوگيءَ سمان ڀراجمان! هتي ئي ڀهرين ويد-واڻي گونجي هئي. ڀارت جي انيڪ ڪٿائن، وارتائن، گيتن ۽ چترن ۾ هماليه سمايل آهي؛ رامائڻ ۾ انجو بيان آهي؛

سچا بابا جي آشرم مان اسان جڏهن ٻاهر آياسين، تڏهن وقت اٽا ٽاڪ منجهند هئي؛ پر گنگا جل جي وهڪري ڪري ۽ سامهون واريءَ پهاڙن تان جهڪا سيتل هوا پئي گهلي، تنهن ڪري گرميءَ جي خاص لکا نٿي پيئي. انڪري اسان سوچيو ته اڄ پوءِ ان ڏينهن ٿي، سڀ لهڻ کان اڳ، لڪشمڻ-جهوالي جي ٻي پار وارا باقي رهيل آستان-آشرم وغيره به ڏسي، پوءِ ڪالي ڪملي واري جي ڌرمشالا ڏانهن ٿا موٽي هلون ۽ مٿان بدري ناٿ کان موٽڻ بعد، اهڙو موقعو نه به ملي. سو اسان يڪدم اوڏانهن پنڌ پياسين!

جيڪي ڪجهه پريل-سمايل آهي، ان سڀ جي سَتَ، خود ديوتائن جي تن-پتيءَ، ڪبير مهراج کي به ڪانه آهي!

اڄ به هماليه جي وادين مان، ڪئين امرت-ڦل ۽ جڙين-ٻوٽيون ملنديون رهن ٿيون، جن جي ڪتب آڻڻ سان، آدمي چر-جيوي بڻجي سگهي ٿو! پون-پتر هنومان به هماليه تان سنجيوني ٻوٽي آڻي، لنڪا جي يڌ جي ميدان تي، ميگهناد جي زهري تير کان گهايل ٿي، موت جي نزديڪ پهتل، لڪشمڻ کي سرجيت ڪري، نئين حياتي ڏني هئي؛ جڏهن ته خود ڀڳوان رام به پنهنجي پراڻا کي ان مورڇت اوستا مان سجاڳ ڪري نٿي سگهيو ۽ هن بيوسيءَ وچان، بيهوش پيل لڪشمڻ جي سر کي پنهنجي گوڏي تي ليٽائي، هنجون ويٺي هاريون!

سا ته ٿي تمام پراڻي زماني جي ڳالهه! پر اڄ به اسان خود پنهنجي سانڀر ۾ ڏٺو آهي ته، ڪيترائي هماليه واسي سادو-مهاتمائون، جڏهن پرڪرما ڏيندي، سنڌ تائين اچي پهچندا هئا، تڏهن گرهستين جي آدر ۽ سيوا تان پرسن ٿي، هو ڪين هماليه جي جڙين-ٻوٽين مان تيار تيل کي ڪک-ڦڪيون ڏيئي، انهن جا لاعلاج دک-درد دور ڪري ڇڏيندا هئا!

اِن طرح هماليه نه صرف ڀارت جو املهه، اکٽ خزانو آهي؛ نه فقط انجو هر حصو وئراڳين ۽ ڌرمي لوڪن جو مرڪز بڻيو آهي؛ نه رڳو ان سنت-درشن لاءِ، جگياسن کي پئي پاڻ ڏانهن ڇڪيو آهي؛ پر ڀارت جي ماڻهن جي سياسي توڙي سنسڪرت جيون تي پڻ، ان نت اثر پئي وڌو آهي! هتان ئي پويتر گنگا-مئيا نڪري، پنج سؤ ميلن جي پربتي پرڪرما پوري ڪري، پوءِ هيٺ لهي، ڀارت ڀوميءَ جي سنتان کي، پنهنجو کير سمان امرت-جل پياري، پريو-پاڳيو بڻائيندي رهي ٿي!

توڙي ۾ ائين ڪٿي چئجي ته نجو ڀارت جي لوڪن جي

مهاڀارت ۾ تہ انجو تمام گھڻو ورڻن آهي؛ ڇو تہ هتي ئي پراڪرمي پنج ئي پانڊو پائر جنميا هئا ۽ هتان ئي هو آخر ۾، مهاپرستان جي ياترا تي اُسهيا هئا!

مهاڪوي ڪاليداس بہ وڏو هماليہ-ڀڳت هو. سندس امر ڪويتا "ڪمار سنڀو"، تہ هماليہ جي ورڻن وارين سهڻي رچنائن کي شھہ ڏيئي وئي آهي! ان ڪانپوءِ مهاڪوي ٻاڻ ڀٽ بہ، "هرش چريتر" واري ڪويتا ۾، هماليہ جو اننت شوڀا-مئہ چتر چٽيو آهي!

اِن طرح نہ صرف ڪوين-ڪتاڪارن، بلڪ اسانجي انيڪ رشين منين توڙي ڌرم-گرن پڻ، هماليہ-درشن ۽ ياترا جو وڏو مهاتم پئي ٻڌايو آهي؛ انجي مهما ڳائي آهي. سندن چوڻ آهي تہ پرٿويءَ تي، پرڪرتيءَ جو سرو-سريشٽ درشيہ، هماليہ تان ئي پسجي سگھجي ٿو! هماليہ ۾ ٿورو ئي سمو گھارڻ سان، من جي ساري بي‌آرامي شانت ٿي وڃي ٿي. هت برف جي اَڇاڻ پسي، آدميءَ جو من بہ ڌوپجي، اوجل بڻجي وڃي ٿو! جنهن هت اچي، هماليہ کي پنهنجي هردي ۾ ڌارڻ ڪيو، تنهن سمجھو تہ هن جيون ۾ وجيہ پاتي؛ انکي سارٿڪ بڻايو!

هماليہ جي ان پرتاپ سبب ئي، ڀارت ۾ پراچين ڪال کان اِها ريت هلندي پئي آئي آهي، تہ ننڍا-وڏا راجائون ۽ سمراٽ، ٻڍاپي اچڻ سان، پنهنجو راج-سنگهاسن تياڳي، هماليہ ڏانهن روانا ٿيندا هئا. خود ساڌارڻ گرهستي پڻ، جن جو من دنيا مان کڄي ويندو هو، سي پڻ وئراڳي بڻجي، پنهنجو گرهست جيون تياڳي، هماليہ ڏانهن اُٿي هلندا هئا!

اِها تہ ٿي آڌياتمڪ ۽ پراڪرت نقط نظر جي ڳالهہ؛ پر ڀؤتڪ لحاظ کان پڻ، هماليہ ڀارتواسين لاءِ، هر طرح جي شڪتيءَ جو ڀنڊار ۽ امولہ پدارٿن جي کاڻ پئي رهيو آهي؛ ان اندر

باب ڇهون

ديو پرياگ!

جت ٻن ندين جو سنگم ٿئي ٿو،
ان آستان کي اسان پرياگ چئون ٿا؛
ندين جي سنگم جيان،
جڏهن ٻن سنسڪرتين جو ميلاپ ٿئي ٿو،
تڏهن اسان ان کي پوتر سمجهون ٿا؛
ان ڪارڻ ئي اسان وٽ اِهو نيم آهي ته،
وواھ لاءِ اِستري-پرش جا گوتر ٻه ڀن ڀن هئڻ گهرجن!

ڪاڪا ڪاليلڪر

بياسيءَ کان هلي، اسانجي ٽئڪسي، سڌو اچي ديو پرياگ تي بيٺي. ديو پرياگ بياسيءَ کان اٽڪل ۳۱ ڪلوميٽرن جي دوريءَ تي آهي. بدري‌ناٿ جي رستي تي جيڪي پنج سنگم آهن، انهن مان ديو پرياگ پهريون سنگم آهي.

حقيقت ۾ ديو پرياگ ٻن ندين جو سنگم آهي؛ بدري‌ناٿ کان الڪنندا، ڪيدارناٿ کان منداڪني ۽ گنگوتريءَ کان ڀاڳيرٿي اچي، ٻيئي ڀينر هٿ ٻانهن ۾ ٻاڪر پائي ملن ٿيون!

جيتوڻيڪ ٻن ندين جي ميلاپ کي به پرياگ چئبو آهي، پر ديو پرياگ وٽ ڀارت جي هنن ٻن مها ندين جي سنگم ڪارڻ، ان کي اِهو خاص نالو ڏنو ويو آهي: ديو پرياگ!

هتان ڪانپوءِ، ٻنهي مهاندين جي ميلاپ واريءَ هڪ ئي جل-

اڏامندڙ ڪڪرن ۾ وڪوڙجي پئي وياسين!

اسانجو من اڃا ان اپاءَ سندرتا ڏسڻ ۾ ئي لين هو، ته ايتري ۾ بياسي اچي وئي!

... ...

بياسي رشي ڪيش کان ١١ ميلن جي دوريءَ تي، بدري ناٿ ڏانهن ويندڙ رستي تي، ياترين جي لاءِ ٻهريون وسرام-آستان آهي. چؤطرف هماليه جي قطارن سان گهيريل، بياسيءَ جو ننڍڙو، صاف سٿرو ۽ شانت ڳوٺڙو، اِئين لڳي رهيو هو، ڄاڻ ۽ ماتا جسودا جي گود ۾ ليٽيل ننڊڪمت ڪرشڻ ڪيهڄ ڪري، کلي رهيو هو!

هونئن ته اسانجي ڏاڍي دل ٿي ته ٽڪسيءَ مان لهي، اُت ملندڙ هماليه جي ٿن امرت-ڦلن-سيتل جل، سڳند پريل هوا ۽ قدرتي سونهن- جو آنند ماڻيون؛ ليڪن جلدي بدري ناٿ پهچڻ جي اتڪنٺتا سبب، اسان اِئين ڪري نه سگهياسين ۽ اسانجي ٽڪسي، اتي صرف پنج منٽ ترسي، وري اڳتي وڌڻ لڳي.

بياسيءَ وٽان ٽڪسيءَ هلڻ بعد، سڄڻ چيو: "هماليه-ياترا واري منش جي ڪوچ، ڪيتري نه سندر آهي! پر هن سندرتا جي مڪت ڪندڙ درشن سان گڏ، ڪن ڊڄڻ آدمين، موت جو پڻ ڀڄ جوڙي ڇڏيو آهي؛ ان خوف کڻڻ ماڻهن لاءِ هن ياترا کي، اَسندر بڻائي ڇڏيو آهي ۽ ان ڪري ڪيترا ماڻهو هن ڙي وراٿ-درشن کان وانجهجي ويا آهن. اِها کهڙي نه درياڪيه جي ڳالهه آهي!"

تو. ساڌارڻ سنسارين جي تہ ڳالهہ ئي ڇڏيو، پر هت واس ڪرڻ لاءِ، ساڌن-سنياسين جو من بہ هرڪجي وڃي ٿو! خود جڳت گرو شنڪر آچاريہ، جنهن کي سعت-شرومڻي مڃيو وڃي ٿو، تنهن پڻ هت پهچي، ڪجهہ سمو ترسي، پرسان وارين غفائن مان هڪ ۾ رهي، تپسيا ڪئي هئي! ان وانگر صدين کان انيڪ رشين-منين، ساڌن-مهاتمائن، ويراڳين-جوڳين پڻ هت ترسي، تپسيا-ساڌنا ڪئي آهي؛ پرياڳ جي ارد-گرد موجود، نديين-وڏين غفائن ۾ رهي، سماڌي پڻ لڳائي آهي!

جيتوڻيڪ اسانجي بہ دل ٿي تہ بہ پل ئي سهين، اسان انهن ساڌيل غفائن مان ڪنهن هڪ اندر گهڙي، ويهي ڌسون، تہ اسانکي ڪهڙو اڌياتمڪ انڀؤ ٿو ملي؟ ليڪن سمي جي کوت ڪارڻ، اسانجي من جي اها آشا من ۾ ئي رهي!

ديو پرياڳ تي اسان جڏهن سنگم ۾ ٽبي ڏني، تہ اسانکي اهو جل، جڻ رجيل برف جي پاڻيءَ جيان لڳو! مٿان جو وري سنگم جي چوڌر ڦهليل، هماليہ جي پهاڙين تان لڳاتار سيتل وايو پئي گهلي، تہ پهرين ٽبي ڏيندي، اسان کي خوب ڏڪڻيءَ اچي وراي-و! ان بعد يڪدم ٻاهر نڪرتي، ڪپڙا اوڍي، اسان گهاٽ تي وينل هڪڙي پنڊي مهراج کي ديو پرياڳ سان واسطو رکندڙ ڪن ڪٿائن-وارتائن ٻڌائڻ لاءِ وينتي ڪئي!

پنڊي مهراج اسانکي ديو پرياڳ بابت پهرين ڪٿا اها ٻڌائي تہ : ”هت رگهوناٿ (شري رامچندر) جو هڪ سندر مندر آهي، جيڪو ان آستان تي جڙيل آهي، جتي پريو رام، ماتا سيتا ۽ ڀراتا لڪشمڻ سميت، چوڏهن ورهين جي بنواس وقت، ڪجهہ عرصو رهيو هو. ان مندر ۾ شري رام جي نيل-ورڻ سندر مورتي براجمان آهي، جنهنجي درشن ڪرڻ سان، ياتري ڪرتارٿ ٿي ويندا آهن!

ڏارا، جڏهن رشي ڪيش طرف وهي هلي ٿي، ته انکي گنگا چون ٿا!

گنگا صرف هڪ مها پويتر ئي نه، بلڪ هر ڀارتواسيءَ جي "مئيا" آهي. هر ڀارتواسي، نه فقط انجو ماتا سمان آدر-سنمان ڪندو آهي، بلڪ انکي پوڄيندو-آراڌيندو پڻ آهي. هو پنهنجي من جون آشائون-منشائون، پنهنجي هن ديوي-ماتا کي ٻڌائيندو آهي ۽ انهن جي پوري ٿيڻ لاءِ ٻاسيل سکائون به، هو پوري شردا-ڀڳتي سان، گنگا ڪناري اچي نباهيندو آهي!

ڀارتواسي پنهنجي سنساري جيون جا ڪيترا شڀ ڪاريه گنگا ڪناري ڪرڻ جي اِڇا ڌري ٿو؛ اِنڪري منڍ لاهرائڻ، جڻيو پائڻ، وواه رچائڻ، هائين جي پرواه، پنڊ دان ڪرڻ وغيره لاءِ، هو گنگا ڪناري پهچي وڃي ٿو!

گنگا ماتا جي آسيس کي هو سڀني مٽن-مائٽن، عزيزن-مترن، شڀ-چنتڪن ۽ مهاپرشن جي آسيس کان وڌيڪ مڃي ٿو؛ سريشٽ سمجهي ٿو. اِن طرح گنگا نديءَ لاءِ ڀڳتيءَ ۾، ساري سنسار اندر، ڀارتواسيءَ جي مٽ شايد ئي ڪو ٻيو ديشواسي هوندو!

... ...

بدري ناٿ ڏانهن ويندڙ گهڻو ڪري هر ياتري، ديو پرياگ وٽ ضرور رڪجندو آهي؛ ٻن مهاندين جي پويتر سنگم ۾ ٽٻي ڏيئي ڪرتارٿ ٿيڻ لاءِ!

اِئين ته اسان سنگم ٻيا به گهڻا ئي ڏٺا آهن، پر ديو پرياگ جي شوڀا ئي اُور آهي! هماليه جي وادين ۾ وسيل هي رمڻيڪ آستان، سچ پچ ئي ديو-لوڪ ڀاسي ٿو. هتان جي نرمل شڌ هوا ۽ وايو منڊل ۾، ماڻهوءَ جو من، سڀني چنتائن-پريشانين کان مڪت ٿي، هڪدم شانت ٿي وڃي ٿو؛ چت پرسن ٿئي

نڪيندڙيون آهن، تڏهن اهي پنڊا، ڪٽنبين سميت اتي اچي رهندا آهن ۽ نويمبر کان اپريل جي آخر تائين، هو پنهنجن بارن-ٻچن سوڌو هت رهيا پيا هوندا آهن. وري مئي مهني جي شروعات ۾، جڏهن انهن مندرن (بدري ۽ ڪيدار) جا دوار، ياترين جي درشن لاءِ کوليا ويندا آهن، تڏهن هي پنڊا پڻ، ڪٽنب سميت اوڏانهن روانا ٿي ويندا آهن. ان ريت ڇهن مهنن لاءِ پنڊن جي ڪٽنبين سان هت رهڻ ڪري، ديو پرياگ، ڏيري ڏيري هڪ چڱو خاصو شهر بڻجي ويو آهي. ٻين چڱن شهرن جيان، هت پنڊن جي ٻارن جي پڙهائيءَ لاءِ اسڪول ۽ ڪاليج به کلي ويا آهن، جن ۾ سٺي تعليم حاصل ڪري، ڪيترن پنڊن جا ٻار، هاڻي پارٽ جي ڏار ڏار پرانتن ۾، اباڻو پيشو نه ڪري، الڳ الڳ قسمن جون نوڪريون ڪرڻ لاءِ ويندا رهندا آهن!

ان پنڊي مهراج سان ڪجهه وقت وارتالاپ ڪرڻ بعد، ديو پرياگ جي موٽر اڏي تي موٽي اچڻ سان، اسانجي ملاقات ياترين جي هڪ ان ٽولي سان ٿي، جيڪي بدري‌ناٿ جي ياترا پوري ڪري، واپس رشي ڪيش وڃي رهيا هئا. هو بيحد خوش پئي لڳا، ڇو ته سندن هن جنم جي اِها هڪ مکيه منشا پوري ٿي هئي!

هنن کان بدري‌ناٿ جو سماچار ۽ ٽوري ۾ سندن ڪي انڀوَ سڻي، اسان بدري‌ناٿ-درشن لاءِ وڌيڪ اتڪنٺ ٿي، جهٽ ٽئڪسيءَ ۾ ويهي، وري اڳتي وڌياسين!

ٻي ڪٿا هن اسانکي اِها ٻڌائي ته هت بدري‌ناٿ کان ايندڙ الڪنندا، پهنجين پندرهن ڪلائن سان اچي سهڙي ٿي ۽ انجي باقي هڪ سو رهين ڪلا، اتي بدري‌ناٿ ۾ ئي، برهم ڪپال وٽ موجود آهي، جيڪا وري ياترين پاران سندن سمبنڌين جا پراپل پنڊ سويڪار ڪري، انهنکي وئڪنٺ-ڌام پهچائي، سندن موکش ڪندي رهي ٿي!

ٻين وارتا هن اسانکي اِها ٻڌائي ته هتان هڪ پيدل جو دڳ، منداڪنيءَ جي ڪناري-ڪناري، سڌو ڪيدارناٿ ڏانهن وڃي ٿو ۽ ٻيو هڪ مارڳ، وري ڀاڳيرٿيءَ جي ڪپ ڏانهن ٿيندو، گنگوتريءَ هليو وڃي ٿو. جنهن زماني ۾، موٽرن جا پڪا رستا نه هئا، تڏهن انهن پيچرن تان ڏيري پنڌ ڪندا، وات تي ساهيون پٽيندا، منزلون هٽيندا، هنن ڌامن جي ياترا ڪندڙ، مهنن ڪانپوءِ وڃي ماڳ تي پهچندا هئا! هاڻي ته اُنهن دڳن تان صرف سادو-سنت، اتيت ۽ فقير، جگياسو ۽ کوجنا ڪندڙ يا ڪي پرڪرتيءَ جي سندرتا جا پريمي ئي پنڌ ڪندا رهن ٿا! ڇو ته اڄ ڪلهه ماڻهو وقت کي ڏاڍو قيمتي ٿا سمجهن، اِنڪري هو اُهو پنڌ ۾ زيان ڪرڻ نٿا چاهين! هاڻي گهڻا آدمي، هرڪو ڪم، ويندي ياترا به، جهٽ پوري ڪرڻ ٿا چاهين! شايد جڏهن هنن تيرٿ آستانن ڏانهن هوائي جهاز هلڻ لڳندا، تڏهن ماڻهو موٽرن جي پچر ڇڏي، جهازن رستي تڪڙو اُتي وڃي پهچندا! هي ڪلجڳ آهي، جنهنجي معنيٰ آهي: ڪل تي هلندڙ يگ، يعني رفتار جو يگ!”

پنڊي جي اِها ٽيڪا ٻڌي، اسان ڪلي ڏنو!

ان کانپوءِ پنڊي اسانکي ٻڌايو ته ديو پرياڳ ۾ مکيه طور بدري‌ناٿ ۽ ڪيدارناٿ جي پنڊن جا گهر آهن. جڏهن سياري اچڻ سان، بدري‌ناٿ ۽ ڪيدارناٿ نگريون، برف سان ڍڪجڻ

آهي ته هت پٿر جي هڪ وڏي شلا (چِٽ) تي ”شري-چڪر“ يعني سدرشن چڪر اُڪريل هوندو هو، جنهنکي ڀڳوان ڪرشڻ جو روپ ڄاڻي، انجي روز پوڄا ڪئي ويندي هئي. هن ”شري-چڪر“ واري شلا آڏو ڪنهن خاص ڏينهن تي، سال ۾ هڪ دفعو، هڪڙي ماڻهوءَ جي ٻلي چڙهائي ويندي هئي. اُن اِنساني ٻليءَ جو واسطو، راجا ششوپال جي وڌ (هتيا) سان هوندو هو، جنهنجي سسي، شري ڪرشڻ پنهنجي سدرشن سان سر کان ڌار ڪئي هئي؛ ڇاڪاڻ ته هن مريادا جا سڀ ليڪا لنگهي ۽ ڪرشڻ جي ڏنل چتاءُ جي پرواه نه ڪري، کيس (ڪرشڻ کي) مقرر ڪيل حد کان وڌيڪ گاريون ڏنيون هيون! تڏهن کان، اُن ساڳئي ڏينهن تي، هر سال هن ”شري-چڪر“ وٽ، ڪنهن نه ڪنهن پاپي اِنسان جي ٻلي چڙهائي ويندي هئي. پر جڏهن آدي گرو شنڪر آچاريه هت آيو هو ۽ هن هتي اِها ڪ رسم ڏٺي، تڏهن هن لوهه جي هڪ وڏي لٺ سان، ”شري-چڪر“ واري شلا کي، اونڌو ڪري ڇڏيو. اُن کانپوءِ، هن هتان جي لوڪن کي آديش ڏنو ته آئينده اُتي ڪا به اِنساني آهوتي نه ڏني وڃي؛ اِهو ڌرم نه، اڌرم آهي!

اِن طرح آدي گروءَ شنڪر آچاريه، نه صرف ويدن-اُپنشدن تي سريشٽ ٽيڪا لکي آهي، سنسڪرت ۾ سندر شلوڪ رچيا آهن، پر ڀارت جي پرڪرما ڪندي، هن ڪيترن ئي آستانن تي هلندڙ، ڪئين ٻريون ريتيون-رسمون به بند ڪرايون هيون، جيڪي ڀارت جي مهان سنسڪرتي ۽ سڀيتا لاءِ ڪلنڪ مثل هيون! آدي گروءَ جي اُن گهٽنا جو ٻڌي، اسانجي اکين آڏو اُن مهان سنياسيءَ جي تيجسوي مورتي اچي بيٺي، جيڪو هڪ هٿ ۾ لنبي لٺ ۽ ٻئي ۾ خالي ڪرمنڊل کڻي، ساري ڀارت جي لوڪن کي پنهنجي پرٻل گيان-گنگا سان پويتر

رودر پرياڳ!

پاڻ کي وڏائڻ، ورچ جو وردان ڏيئي،
اڻاهه ۽ انت ٻڌائي ڇڏيو آهي!
ان کي ساگر جيڏي ڳاڻ ۾ رک،
ته به هو ان ۾ سمائجي نه سگهندو!

هڪ سنسڪرت ڪوي

ديو پرياڳ کان هلي، اسان سڌو اچي شرينگر پهتاسين، جيڪو ديو پرياڳ کان اٽڪل ۲۷ ڪلوميٽر دور ۽ سمنڊ جي سطح کان اٽڪل ۱۶۵۰ فوٽ مٿي آهي. هيءُ شري‌نگر، ڪشمير جي گاديءَ واري شهر سرينگر کان نرالو آهي. بدري ناٿ کان ايندڙ الڪنندا، هتان ٿورو دور، نگر جي ٻاهران ئي ٻاهران وهندي، ٽڪڙي وک سان ديو پرياڳ طرف هلندي وڃي ٿي. ننڍين ننڍين ٻهاڙين جي وچ ۾، هيءُ هڪ ننڍو، پر سندر نگر آهي. ڪنهن زماني ۾ هيءُ نگر، ٽهري راجائن جي راڄڌاني هو.

جيئن ته هن نگر جي پرسان، پرسِڌ ڪپليشور مهاديو جو پراچين مندر آهي، انڪري شري‌نگر کي سڌ-پيٺ به سڏيندا آهن. شو-پراڻ ۾ هن آستان جي وڏي مهما ٻڌايل آهي. ان انوسار ڪنهن به سادڪ جي هٿ ڪيل سادنا، جلد ئي ڦلدائي سڌ ٿيندي آهي! ديوي ڀاڳوت ۾ هن آستان جو اهو مهاتم لکيل

اهڙي مستيءَ ڀرئي سياڙ سمپ، انجو جل به آهي خوب اڙاٽيل،
ميرانجهڙو ۽ گج ڀريو!

رودر پرياگ وارو سنگم، موٽر جي رستي کان اٽڪل سؤ فوٽ کن هيٺ آهي؛ اِنڪري اوڙائي ڏاڪا لهي، اُتي پهچڻو پوي ٿو. اسان جڏهن اهي ڏاڪا لهي، هنن ٻن ندين جي ميلاپ جو ساڪيات درشن ڪيو، تڏهن اسانجيون اکيون تعجب ۽ خوشيءَ وچان ٽڙي پيون! سنگم وٽ جل جو وراٽ روپ ڏسي، ساڌارڻ آدميءَ جو هانءُ ڏڪي وڃي ٿو ۽ چڱن سگهارن ماڻهن کي به، ان سنگم ۾ ٽٻي ڏيڻ جو ساهس نٿو ٿئي! اِنڪري ئي شايد ديو پرياگ جي ڀيٽ ۾، هن سنگم تي اِشنان لاءِ، اصل ڀيڙ ڪانه هئي ۽ فقط ڪي ايڪڙ-ٻيڪڙ ياتري تي موجود هئا؛ اسان ڏٺو ته انهن کي به اندر گهڙڻ، ٽٻي هڻڻ جي جرئت نٿي ٿي ۽ هو صرف پنج-سناني ڪري، واپس هلندا پئي ويا!

پر اسان ته ياترا تي اسهڻ کان اڳ، اِهو پڪو پهه ڪري نڪتا هئاسين، ته واٽ تي ايندڙ هر سنگم ۾ ضرور ٽٻي ڏينداسين! پنهنجي ان وچن پالڻ ڪاڻ، اسان سنگم جي هيٺين ڏاڪن تي هنيل، لوهه جي ٿلهين، مضبوط زنجيرن کي پڪڙي، ٻه-ٽي ٽٻيون هڻي ورتيون. انهن ٽٻين ڏيندي اسانکي ڏاڍو آنند آيو!

ان ڪانپوءِ جڏهن ڏاڪا چڙهي، اسان واپس مٿي پئي آياسين، ته اڌ ڏاڪن چڙهي اچڻ بعد، اسان واٽ تي ٿهيل هڪ ننڍيو مندر ڏٺو (جنهن ڏانهن ٽڪڙ ٽڪڙ ۾ هيٺ لهڻ وقت اسان جو ڌيان نه ويو هو). اسان چاهيو ته ان مندر ۾ گهڙي، جيڪو به ديوتا اتي براجمان هجي، انجو درشن ڪجي. اَن مندر اندر داخل ٿيندي، اسان ڏٺو ته هڪ ساڌوي اکيون ٻوري، ڌيان ۾ ويٺي هئي. جنهن ته اُهو چاموندي ديويءَ (پاروتيءَ)

ٻڌائيندو، اروڪ هلندو پئي رهيو، پنڌ ئي پنڌ- هزارين ميل!

جيئن ته شري نگر هڪ سٺي پهاڙي اِسٽيشن (Hill Station) جيان آهي، تنهنڪري بدري ناٿ ڏانهن ويندڙ گهڻو ڪري سڀ ياتري، ڪجهه وقت هت ترسي، هتان جي وڻراهه، رمڻيڪ نظارن، شڌ، نرمل، سيتل وايوءَ سان تن-من کي ٺاري، پوءِ اڳيان وڌن ٿا. اسان به ائين ئي ڪيو ۽ ان بعد وري منزل ڏانهن وڌياسين.

شري نگر کان هلي، اسان سڌو اچي رودر پرياگ وٽ پهتاسين.

رودر پرياگ، شري نگر کان اٽڪل ٣٤ ڪلوميٽرن جي دوريءَ تي آهي. هن پرياگ تي وري بدري ناٿ کان ايندڙ ٽيز گرجدا ڪندي، الڪنندا اچي، ڪيدارناٿ کان ايندڙ مانيٽي منداڪنيءَ سان، گلي ملي ٿي! هنن ٻنهي الڳ الڳ سياوَ وارين ٻيڙن جي، ان وسميءَ ۾ وجهندڙ ميلاپ سان، جيڪو ناد جهڙو آواز ٿئي ٿو، سو دور دور تائين ٻڌڻ ۾ اچي ٿو؛ ان ڪري ئي شايد هن کي "رودر" يعني ڀينڪر پرياگ ڪوٺيو وڃي ٿو. پر نالي جي اِلهاس ۾ نه وڃي، ايترو ضرور چئبو ته هي سنگم بلڪل شو ڀا-ميه آهي!

ٻنهي پرم ڌاسن- ڪيدارناٿ ۽ بدري ناٿ کان ايندڙ پيئي مهان نديون- منداڪني ۽ الڪنندا- پاڻ سان انيڪ انپوَ ڪٺي، ڏاڍي ڀاوَ سان، پهريون ئي دفعو هت اچي پاڻ ۾ گڏجن ٿيون. جيئن ته منداڪني آهي شڌڪرجيءَ جي پوڄارڻ، ان ڪري سندس چال به آهي تپسوڻين جهڙي گنڀير، ڌيمي، شانت؛ ۽ انجو جل به آهي شفاف، نرليپ، شوجيءَ جي سرير جهڙو نيرو! پر الڪنندا جيئن ته وشنو ڀڳوان جي پياري آهي، اِنڪري انجي چال ۾ مستي، ورتاءُ ۾ وڏائي ۽ ڏيک ۾ ڏيل آهي؛ ۽

تي پهتاسين، ته اُتي وري اسانجي ملاقات هڪڙي رمتي جوڳيءَ سان ٿي. ان سان وارتالاپ ڪندي، اسانکي خبر پيئي ته سن ۱۹۱۴ع ۾، جڏهن سوامي رامڪرشن پرمهنس جو هڪ پرم شش، مهاودوان سورداس مهراج سچدانند سوامي، هت رودر ناٿ جو درشن ڪرڻ آيو هو، تڏهن سندس اُتي آديش سان، ياترين جي سهنج لاءِ، هن سنگم تائين پهچڻ ۽ اُتي ٽُبي ڏيڻ لاءِ هي ڏاڪا ناهيا ويا هئا ۽ گهاٽ تي لوهه جون مضبوط زنجيرون ٻڌايون ويون هيون، جيئن ٽُبي هڻندي، سنگم وٽ زوردار وهڪري ۾، ڪو ياتري وهي هليو نه وڃي! اهڙي پنج جي ڪارج ڪرڻ سبب، هن ساري علائقي ۾، ان سچدانند سواميءَ جي ڏاڍي مڃوتي آهي. ٽنهن ڪانسواءِ ان ڪرم يوگيءَ هتي هڪ سنستا به برپا ڪئي هئي، جنهن پاران اڃا تائين ڪيترائي لوڪ - پرشارٿ جا ڪارج هلندا رهن ٿا؛ تن ۾ دواخانا به آهن، ته اسڪول به آهن. انهن جو لاڀ، هتان جا غريب ماڻهو اڄ تائين وٺي رهيا آهن ۽ ان لاءِ هوُ ڪيس (سوامي سچدانند کي) خوب آسيسون ڪندا آهن!

ان طرح اسان ان پرڪرما واسيءَ کان، رودر پرياگ جي علائقي توڙي آس-پاس واري ڪيترن جون ٻڌون ٻه انيڪ وارتائون ٻڌيون. ان بعد اسان سندس ڌنيواد مڃي، ڪسانئس موڪلايو ۽ اُتان پنڌ ڪري، پنهنجي ٽئڪسي پڪڙڻ لاءِ بس-اڏي تي آياسين.



جو مندر هو، اِنڪري انجي سنڀال، هڪ سنياسڻيءَ پئي ڪئي.

اسانکي مندر ۾ گهڙندو ڏسي، ان سادويءَ پنهنجا وڏا وڏا، ٽيجسوي نيڻ کوليا. اسان کيس نمي نمسڪار ڪيو. هن پنهنجي پرسان تريل چمڪندڙ ڪلش مان، امرت-جل ڏيئي، اسانکي آسيس ڪئي. ان وقت اسانجي من ۾ اِها لالسا جاڳي ته رودر پرياڳ جي اِتهاس ۽ مهما بابت، هن سادويءَ کان ڪجهه سڻون؛ پر کيس ان وينتي ڪرڻ لاءِ، اسان ڪجهه جهجهڪياسين پئي! تڏهن اُن ديويءَ شايد اسانجي من جي اِها اِڇا ڄاڻي ورتي ۽ هٿ جي اِشاري سان، هن اسانکي پرسان آسڻ گرهڻ لاءِ آگيا ڪئي.

ان بعد، هن نهايت ئي مڌر، ڌيمي سُر ۾ ٻولڻ شروع ڪيو؛ چيائين: ”هن سنگم تي رودر نالو اِنڪري پيو آهي، جو هن سنگم جي سامهون، مٿي ٽڪريءَ تي، رودر ناٿ شنڪرجيءَ جو مندر ٺهيل آهي. ان آستان تي ويهي، آدي ڪال ۾، ڀڳوان شو پاڻ، نارد منيءَ کي سنگيت وديا سيکاري هئي. اِنڪري ئي ان رودرناٿ جي نالي پويان هن سنگم جو نالو به رودر پرياڳ پيو آهي!“

ان ريت سرل وارتالاپ بعد، جڏهن اسانجي شروعاتي جهجهڪ ٿوري گهٽ ٿي، تڏهن اسان ساهس ڪري، ان سادويءَ کان، سندس ننڍي وهيءَ ۾ ئي آيل وئراڳ وٺڻ ۽ هت اچي واس ڪرڻ بابت سوال پڇيو. تڏهن ان تپسوڻيءَ، پنهنجي مڌر مرڪ سان، اسانکي ٽاريندي چيو: ”بيٽي، اب تو مين خود ڀي، وه ڪارڻ ڀول گئي هون! تمهي ڪيا بتائون؟“

ان ڪانپوءِ اسانکي هن ديويءَ کان وڌيڪ ڪجهه به پڇڻ جي همت ڪانه ٿي ۽ اسان ڪانئس آسيس وٺي، اُٿان اُٿي آياسين!

سڀ ڏاڪا مٿي چڙهي اچڻ کانپوءِ اسان جڏهن ان سنياسڻيءَ جي ڏسيل، رودرناٿ مندر جو درشن ڪرڻ لاءِ، ٻهاڙيءَ

آهي، انڪري اهي انڌيرا ۽ سادا گهر پڻ ڏاڍا لڀائيندڙ ٿي لڳا! پر انهن گهرن کان به وڌيڪ مگن ڪندڙ هئا، اتان جي ٿڌي مٺي هير جا جهونڪا؛ پاڻيءَ ته هوا ۾ ماکي ملائي وئي هئي!

هن چٽيءَ تي گوچر نالو انڪري پيو آهي جو هتي چوڌاري وڏا وڏا سبز ميدان آهن، جتي ڳانيون ۽ ٻيو چوپايو مال ڏاڍي مزي سان ٿي چريو! انهن وشال سائي گاهه سان ڇانيل پٽن جي سونهن، اسانجي اکين کي ڏاڍي طراوت ڏئي رهي هئي؛ وري جو انهن چراگاهن ۾ گول گول مُنهن ۽ گلابي ڳلن وارا موهيندڙ، پهاڙي ٻالڪ ۽ ٻالڪيون، پنهنجا ڌڻ چاريندا، کلندا-کڏندا، رانديون رمي رهيا هئا، تن ته هيڪاري هنن سبز ميدانن جي شوڀا وڌائي ٿي ڇڏي؛ ان سان لئين ٿي پاسيو پاڻ ڪنهن سندرتا جي شائق، موجيلي مالهيءَ، وچ وچ ۾ سبز بوٽا هڻي، انهن ۾ قسمين-قسمين، وڏا-ننڍا، رنگارنگي ڦول ٽيڙيا هئا! انهن معصوم سندر، وڻندڙ کلمک ٻالڪن، ور وڪڙ پهاڙي رستو طئه ڪري آيل پريشان ياترين جو، جڏهن پنهنجا ننڍڙا-ننڍڙا هٿ زور سان لوڏي، سواگت ٿي ڪيو، ته ڏسجن انهن ٿڪل-ٽٽل ياترين جي مک تان پڻ، ڪجهه پلن لاءِ مايوسي هٽي، ان تي مرڪ ڦهلجي ٿي وئي!

ڪي ٻالڪ - ٻالڪيون وري، پنهنجي المست ٽور سان، ڪتابن جا ٿيلها ۽ سليٽون لوڏائيندا، پاڻ ۾ کيچل ڪندا، دور دور استاپن ٿيل، پهاڙي پاٺشالائن ڏانهن ويندا ٿي نظر آيا. سندن ان بيفڪر جيون تي، اسان جهڙن وڏن شهرن ۾، انيڪ فڪرن ۽ چنتائن سان گهيريل حياتي گهاريندڙن کي بيحد رشڪ ٿي آئي! سادن وسترن ۾ ملبوس ۽ پيرن اگهاڙا هوندي به، اهي ٻالڪ - ٻالڪيون قدرتي بخشيل سونهن ۽ صحت سبب، تمام لڀائيندڙ ٿي لڳا!

سندر سرشٽي!

پارس جي هردي مان، جيڪو آنند-مئه جهرڻو وهندو رهي ٿو؛
ان ۾ ساري جڳت جا لوڪ وهنجي، اوجل بڻجن ٿا؛
ان مگن-اشنان سان، هو اٿاه پراڻ-شڪتي پائين ٿا،
۽ سندن جيون، هڪ مهاياترا بڻجي پوي ٿي!
سري اربندو گهوش

رودر پرياگ وٽان هڪ رستو ڪيدارناٿ ڏانهن وڃي ٿو ۽ ٻيو بدري‌ناٿ ڏانهن. جن ياترين کي ٻنهي ڌامن- ڪيدارناٿ ۽ بدري‌ناٿ جي ياترا هڪ ئي وقت ڪرڻي هوندي آهي، سي رودر پرياگ وٽ اچي، پهرين ڪيدارناٿ جي ياترا ڪري، واپس هت اچي، پوءِ بدري‌ناٿ ڏانهن ويندا آهن. پر جيئن ته اسان هن دفعي صرف بدري‌ناٿ جي ياترا لاءِ نڪتا هئاسين، تنهنڪري، اسان سنگم وٽان موٽي، پنهنجي ٽئڪسي پڪڙي، اوڏانهن (بدري‌ناٿ) اُسهياسين.

رودر پرياگ کانپوءِ، بدري‌ناٿ ڏانهن ويندڙ رستو، گهڻي ڀاڱي سڌو ۽ سنو آهي؛ انڪري اسانجي ٽئڪسي ڪلاڪ سوا ۾ اچي گؤچر چٽيءَ تي پهتي. گؤچر، رودر پرياگ کان ٢٢ ڪلوميٽر دور آهي ۽ ڪافي وڏي چٽي آهي. اتي جي رهواسين جا گهر اڪثر ڪري، ننڍين ننڍين پهاڙي لاهين تي ٺهيل آهن ۽ انهن جي ارد-گرد جا پرڪرتيءَ جي سندرتا ڦهليل

پٿرن ۽ سنڌن مهابلي جوڌن مٿان ڪتب آندا هئا!

ڪرڻ-پرياگ کانپوءِ، ٢١ ڪلوميٽرن جي دوريءَ تي آيو ڇوٿون پـريـاگ: نند-پرياگ. هتي وري رودر-پرياگ جيان الڪنندا ۽ منداڪنيءَ جو سنگم آهي. هيءُ سنگم ٻن هماليه جي شوينيڪ واديءَ ۾، هڪ دلڪش آستان هو. هن آستان جي مهما اِها ٻڌايائون ته، هت ڪنهن ڪال ۾ راجا نند هڪ مها-يگيه ڪيو هو ۽ اِنڪري ئي انتي اِهو نالو پيو آهي. ان ڪيل يگيه جي آستان پرسان ئي، ڪرشڻ، شنڪر ڀڳوان ۽ چنڊيڪا ديويءَ جا مندر نهيل آهن ۽ ياتري سنگم ۾ سنان ڪرڻ بعد، ٻنهي ندين جو پوتر جل، انهن مندرن ۾ براجمان مورتين تي چاڙهيندا آهن.

ڪرڻ پرياگ کانپوءِ ١٠ ڪلوميٽرن تي آئي چمولي ڇٽي؛ اُها سمنڊ جي سطح کان لڳ ڀڳ چار هزار فوٽ اوچائيءَ تي آهي؛ اِنڪري هت اتر-هماليه جي سيتل وايوءَ جو احساس، موٽرن جي اڏي تي ئي هڪدم محسوس ٿئي ٿو!

چموليء، ٽهري ڳڙهوال جي ضلعي جي گادي آهي ۽ هن ضلعي جي حد بدري‌نات تائين هلي وڃي ٿي.

بلڪل سڌي-سنواٽي ميدان تي نهيل چمولي، چڱي آباديءَ وارو هڪ سندر نگر آهي. اُتي ڪافي سنيون-سنيون ۽ نموني نموني جون سهڻيون جايون نهيل آهن. چوطرف خوب وڻراه ڏسي ۽ شهر جي نزاڪت سان گڏ، بت کي لڳندڙ اُتان جي شڌ هوا جي سيتل جهونڪن سان، اسانجي دل ڏاڍي پرسن ٿي وئي!

اُتي اسانکي معلوم ٿيو ته ڪنهن زماني ۾، جڏهن چموليء ڳڙهوال جي سوتنتر راجيه جي گاديءَ جو آستان هو، تڏهن هن رياست جي راجا صاحب، چموليءَ ڪسي، تمام سندر نگر

پرماتما هر پراڻيءَ جيان، مٿس جي اندر ۾ پڻ، جٺرا اگنيءَ جو اکنڊ-ٻرندڙ ڪنڊ ڏنو آهي ۽ ان کي شانت ڪرڻ لاءِ، ڪيس کي نه ڪو ادم ڪرڻو ئي پوي ٿو؛ ڇو ته صرف شڌ وايو ۽ نرمل جل گرهڻ ڪرڻ سان، ماڻهو جيون گذاري نه سگهندو!

ان جٺرا اگنيءَ ۾ آهوتي چاڙهڻ لاءِ، آدميءَ کي ان اپائڻو پوي ٿو. پر هماليه جي هن کيتر ۾، اسان کيتيءَ جو هڪ نئون ۽ بيحد سندر نمونو ڏٺو! ٽڪرين جي لاهن کي سنواري، مٿان کان هيٺ تائين ڏاڪا ناهي، اتي ماڻهن ساريون ۽ پٽاٽا پوکيا هئا.

هماليه کيتر ۾ اهي ٻئي شيون- چانور ۽ پٽاٽا- شايد تمام گهڻي انداز ۾ ٿين ٿيون، انڪري هر چٽيءَ تي اهي عام طور کائڻ لاءِ پئي مليون.

دور کان، اهي ننڍا ننڍا لاهن وارا کيت، اهڙا ته شوڀا-ميه پئي لڳا، ڀانءِ ڪنهن چترڪار، پنهنجي چمتڪاري برش سان، ڪو وشال ڪئنواس، سائي رنگ سان رنگي ڇڏيو هجي!

هت اسان ٻي به هڪ مزيدار ڳالهه ڏٺي، ته کيتن ۾ توڙي آجيوڪا جي ٻين انيڪ ننڍين-وڏن ڪمن ۾، پهاڙي علائقي جون ناريون پڻ، پرشن سان گڏ ڪم ڪري رهيون هيون!

... ...

ڳؤچر کان نڪري، اسان سڌو اچي ڪرڻ پرياگ تي پهتاسين، جو ڳؤچر کان صرف ڏهن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي هو. ڪرڻ پرياگ تي وري الڪنندا ۽ پنڊر گنگا جو سنگم آهي. اتي اسانکي ٻڌايائون ته، دواپر يگ ۾، هتي ڪنتي-پتر، سورويـر ڪرڻ، جنهنکي رشم-رٿي به چوندا آهن، ڪٺن تپ ڪري، پنهنجي پتا سوريه-ديو کان انيڪ ور ۽ دئيويه استر-شستر پراپت ڪيا هئا، جيڪي پوءِ هن مهاڀارت جي يڌ وقت، پانڊو-

اچي، اِنڪري جتي ڳرڻ جو پاڇو بہ پيو، تہ ٽانگ يڪدم ٻر ۾ هليو ويندو آهي!

... ...

پپل-ڪوٽيءَ کان بدري ناٿ ڏانهن ويندي، نہ صرف هڪدم اونچي چڙهائيءَ وارو رستو شروع ٿئي ٿو، بلڪ ڪٿي ڪٿي اهو رستو ايترو تہ سوڙهو ٿي وڃي ٿو، جو مٿان (بدري ناٿ) کان موٽندڙ ٽئڪسيون ۽ بسون، صرف ڪن انچن تان، هيٺان کان بدري ناٿ طرف وارين گاڏين سان ٽڪرجڻ کان بچي ٿيون! ان گهڙيءَ ٻنهي طرفن وارين گاڏين ۾ ويٺل ياترين جو ساهہ بلڪل مٺ ۾ اچي پئي ويو! پهرين تہ ٽئڪسيءَ ۾ ويٺي، اسانجي حالت بہ ڪجهہ وقت اهڙي ئي بڻجي ٿي وئي، پر پوءِ جلد ئي، خبر ناهي ڪيئن، اسانجي دلين مان "ڪال" جو ڊپ بلڪل غائب ٿي ويو! ان وقت سجن کلندي کلندي مونکي چيو: "هاڻي مونکي اِها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ٿي تہ اسانجي وڏن، جيڪي هڪ پيري سنڌ مان بدري ناٿ جي ياترا تي وڃي رهيا هئا، اُنهن کان اڳ، نہ صرف گهر وارن کان، بلڪ سڄي ڳوٺ جي ماڻهن کان اِئين پئي موڪلايو، ڄڻڪ هو واپس ئي نہ ورڻا هئا! هاڻي مان ان جو ڪارڻ ساکيات ڏسي رهيو آهيان! برابر، هن رستي تان ياترا ڪندي، ڪوبہ ياتري، ڪنهن مهل بہ، يمراج جي مظبوط ڏور ۾ ٻڌجي، سڌو يم-پريءَ پهچي سگهي ٿو! اسانکي بہ پنهنجن ڪٽنبين کان اِئين موڪلائي اچڻ کپندو هو، تہ جي موٽياسين تہ ملنداسين، نہ تہ توهان پرنا ڀاڳکي ۽ اسان پرلاسين پرماتما کي!"

اِن ڳالهہ تي اسان ٻنهي گڏجي، هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو!

... ...

ان وقت هلندڙ ٽئڪسيءَ مان ٻاهر نظر وجهندي، اسان ڏٺو

ٻڌائڻ ۾، ڪا ڪسر ڪانہ ڇڏي هئي! هڪ ليکڪ چموليءَ جي سندرتا لاءِ اِئين بہ لکيو آهي تہ انجو ورنن ڪرڻ لاءِ سوني ڪلڪ کپي، جيڪا اندلت جي مس-ڪپڙيءَ ۾ ٻوڙي، لکندو ئي رهجي، لکندو ئي رهجي!

... ...

چموليءَ جي ان سونهن تان موهت ٿي سگهن چيو: "اسان هن سرپرڪ نيٺرن سان، سرڳ تہ ڪونہ ڏٺو آهي. پر انجو ڪلپنا وارو ورنن سو گهڻن ئي پستڪن ۾ پڙهيو آهي. ان انوسار چموليءَ جي ڀيٽ، بيشڪ سرڳہ سان ڪري سگهجي ٿي!"

چموليءَ کان جيڪو رستو بدري ناٿ وڃي ٿو، انجي اهميت اڳي صرف تيرٿ ياترين جي ڪري ئي هئي؛ پر سنہ ١٩٦٢ع واري ڀارت-چين جي لڙائيءَ کانپوءِ، انجي سياسي اهميت گهڻي وڌي وئي آهي؛ ڇاڪاڻ تہ اهو رستو بدري ناٿ کان ٿيندو، ڀارت-چين جي سرحد تائين هليو وڃي ٿو؛ ان ڪري هاڻي سارو وقت اِهو رستو ڀارتي فوج جي سنڀال هيٺ رهي ٿو. ان رستي تي ملٽريءَ جا جوان، انجنيئر ۽ ٻيا ڪيترا ڪم ڪندڙ، سارو سمو هڪيا حاضر آهن ۽ ڪنهن بہ قسم جي اڙچڻ کي منهن ڏيڻ لاءِ سدا تيار رهن ٿا!

... ...

چموليءَ کان هلي، اسان پپل-ڪوٺيءَ پهتاسين، جيڪا اُتان اٽڪل ١١ ڪلوميٽر پري ۽ سمنڊ جي سطح کان اٽڪل ساڍا چار هزار فوٽ مٿي آهي.

پپل-ڪوٺيءَ جي ڀرسان گرڙ-گنگا وهي ٿي، جنهن جو جل بيحد ٿڌو هو. گرڙ گنگا جو مهاتم اِهو ٻڌايائون تہ ان ۾ سنان ڪرڻ کانپوءِ، ماڻهوءَ کي ڪڏهن بہ نانگ جي ڏنگ جو ڀؤ نٿو رهي؛ ڇو تہ گرڙ ۽ نانگ جو آد کان پاڻ ۾ وير هلندو پيو

ساهري مائٽ کي، پاڻ ڏانهن نهاريندي، ڏسي ورتو هجي!

بس، ان طرح اسانجو ڌيـــان اچا لڳ اڳاڻ سندرتـــا ڀريون تصويرون ڏسڻ ۾ ٿي لڳل هو، تـــه ايتري ۾ اچي ويو جوشي مٺ!

۽ هماليه جي وشال وادين ۾، دور دور تائين، قسمين-قسمين شاهي درخت- ديودار، چيل، شيشم، صنوبر وغيره، انسان لنگهندڙ پانڌيئڙن جو، ڏاڍي پريم-ڀاءُ سان سواگت ڪري رهيا هئا. پنهنجا اونچا سر جهڪائي، ڄڻ ته هو نمرتا سان چئي رهيا هئا: ”ڀلي آيا، نڄ آيا!“

اِئين ته ڀارت جي ڪيترن آستانن جون ياترائون ڪنديءَ، اسان جهجها ئي درخت ڏٺا آهن- ميدانن ۾، کيتن وچ ۾، ٽڪرن جي لاهن تي، ندين ڪناري- ليڪن هماليه جي درختن جي شوڀا ئي نرالي آهي. شايد انڪري ئي چيو ويندو آهي ته جنهن هماليه جا وڻ ڏٺا، انکي ڀوءِ دنيا جو ڪو به درخت لڀائي-لالچائي نه سگهندو!

انهن شاهي درختن جي سڪدائي ڇايا ۾، ڪيترن ئي نمونن جا ٻوٽا- ننڍا-وڏا اُسريا بيٺا هئا، جن ۾ ڀين ڀين پرڪارن، رنگن ۽ الڳ الڳ آڪار وارا گل لهرائجي رهيا هئا. اهو منوهر درشيه ڏسي، ڦتن چيو: ”هي ته ڄڻ اسان گرديو رويندرناٿ جي چمتڪاري قلم سان رچيل، الوڪ نندن-بن مان هلي رهيا آهيون!“

ٽڏهن سڳن وري ڏکڻ جي پٺي طرف واري نظاري ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي چيو: ”هاٿي هيڏانهن ڏس ته، ڇا لڳو پيو آهي!“

اُن پاسي وري هزارين فوٽ هيٺ، واديءَ مان الڪنندا جي جل-ڌارا، ڪل-ڪل سر ۾ ڳائيندي، ٽڪري هيٺ لهندي پئي وڃي! وقتي وقتي انجو جل-روپي مکڙو، چڱيءَ طرح ڏسڻ جو سؤڀاڳيه ملندو پئي، ته ڪڏهن وري اُن اوچتو ئي اوجهل لڪانجي، پربت جو آنچل ڇڪي، پنهنجو سندر مک ڇپائي پئي ڇڏيو، ڄڻ ڪنهن نؤ ورنيءَ، سامهون پنهنجي ڪنهن

جوشي مٺ تي پهچي، اسان ڏٺو ته، اهو هڪ ننڍڙو خاصو نگر هو ۽ شهري جيون جون لڳ ڀڳ سڀ سهوليتون اتي ميسر هيون. جيتوڻيڪ جوشي مٺ، هماليه جي ڪن برفاني چوٽين جي اوڏو آهي، پر پوءِ به هتان جي هوا ۾، ايترو سيات ڪونه هو، جيترو سادارڻ طور اهڙي آستان تي هئڻ گهرجي. هيڪاري هتان جي هوا، تن کي تازگي بخشيندڙ ۽ رڳ رڳ تاريندڙ هئي.

جوشي مٺ جو ٻيو گڻ، جنهن اسانکي گهڻو موهيو، سو هو اتان جو امرت سمان مٺو جل؛ اهڙو جيترو پيئو، اوترو ٻيو وٺي! وايو ۽ جل جي انهن خوبين ڪارڻ، جيڪڏهن ڪو پنهنجي دنيوي ڪارگذارين مان فرصت ڪڍي، مهنو کن هت اچي گهاري، ته هوند سندس ڪايا-ڪلپ ٿي وڃي!

جوشي مٺ تي، بدري ناٿ ڏانهن ويندڙ ياترين جي وسرام لاءِ ڪئين جڳهيون ٺهيل آهن. تنهن ڪانسواءِ انهن جي رهڻ لاءِ ٻيا به ڪيترائي مٺ، ڌرمشالائون، سکن جو گردوارو ۽ ٻرلا جو مهمان-گهر لوڙي ٻيا آستان آهن، جتي ياتري رهي سگهن ٿا. اسان به اهڙي هڪ هنڌ ٽانئيڪا ٿي، پوءِ جوشي مٺ جي پرڪرما تي نڪتاسين.

جوشي مٺ جي ڏوڏر ٿڌڙي-ٺرندي اسان ڏٺو ته پهاڙي علائقي جي باوجود، اتان جي بازار ڪافي وڏي ۽ سٺي هئي. بازار ۾ اسانکي ڪيترائي عمدا ڦل نظر آيا جهڙوڪ صوف، زردالو، چلو ڦل وغيره. جيئن ته اهو سڀو ميوو اتي ئي پيدا ٿئي ٿو، تنهنڪري اهو تازو پڻ هو. هت ميوي جهجهي ٿيڻ سبب، ان کي ڊبن ۾ بند ڪرڻ وارا ننڍا ننڍا ڪارخانا به آهن.

انهن سڀني سکن ۽ سهوليتن کان وڌيڪ، جوشي مٺ جي اهميت ٻين ڪارڻن ڪري آهي؛ اهي هي آهن:

جوشي مٺ!

سارنگ آهي منهنجو هي جنم،
جو هن ڀوميءَ تي ديهہ ڌاري اٿم؛
توکي پيار ڪري ٿي، هي جندڙي،
منهنجو جنم سڦلو بڻيو آهي!
مونکي اِها بہ سڌ ڪانهي،
تہ راج-راڻيءَ جيان،
تو وٽ ڌن-رتن آهن بہ يا نہ؟
آءٌ صرف ايترو ٿي ڄاڻان ٿو،
تہ تنهنجي ڇايا ۾ رهي،
منهنجا انگ ڪلن-ٺرن ٿا!

گرديو رويندرناٿ

چموليءَ کان هلي، اسان سڌو اچي جوشي مٺ تي رڪياسين.

جوشي مٺ چموليءَ کان اٽڪل ٥٣ ڪلوميٽر پري ۽ سمنڊ جي سطح کان اٽڪل ڇهہ هزار فوٽ مٿي آهي. چموليءَ کان جوشي مٺ وارو سڄو رستو بلڪل سٺو، سڌو ۽ ڪافي ويڪرو هو، جنهن تان ٻنهي طرفن کان موٽرن جي تيز رفتار سان ڪافي اچ-وڃ جاري هئي. هن رستي جي سنڀال ڀارتي سئنا جا جوان ڪري رهيا هئا، ڇاڪاڻ تہ هتان کان چين جي سرحد ويجهي آهي.

آهن. اسان انهن جو ساکيات درشن ڪيو. ان غفا اندر آدي گرو جيڪا جوت جڳائي ويو آهي، سا اڄ تائين ٻرندي رهي ٿي. غفا اندر آدي گروءَ جي آدم-قد، ڌيان-مورتي براجمان آهي ۽ بدري‌ناٿ ڏانهن وينڌڙ ياتري، هت اچي انجو درشن ڪندا آهن.

جوشي مٺ ۾ پنج سال رهي، آدي گروءَ، شاسترن- ويد، پراڻ، اُپنشد، برهم سوتر وغيره تي، ٽيڪا لکي راس ڪئي. سندس ان امولهه گيان-دان کي ياد ڪري، اسان سندس ڌيان-مورتيءَ آڏو، مستڪ نوائي، پرڻام ڪيو!

شاسترن جي ٽيڪا جي ان مهان ڪاريه سماپت ڪرڻ کانپوءِ، شنڪر آچاريه، جوشي مٺ کان بدري‌ناٿ ويو هو. اِها ته هڪ ڏاڍي روچڪ وارتا آهي، جيڪا اسانکي جوتير-مٺ جي سيپاليندڙ سواميءَ ٻڌائي؛ هن چيو:

"هت رهندي، هڪڙي رات جو، آدي گروءَ کي، سپني ۾ ڀڳوان بدري‌ناٿ جو درشن ٿيو هو. ان وقت ڀڳوان کيس آديش ڏنو ته هو بدري‌ناٿ مندر وٽ وڃي، انهي پرسان وهندڙ الڪنندا جي تري مان، ٻوڌين پاران اُڇلايل سندس مورتي ڪڍي، انکي پوريءَ وڌيءَ سان وري مندر اندر براجمان ڪري."

اِن ريت ڀڳوان بدريءَ جي اِها آگيا سڻي، آدي گرو ٻئي ڏينهن ئي اوڏانهن روانو ٿيو هو. اتي پهچي، هن ڀڳوان جي آديش انوسار، الڪنندا جي تري مان، سندس مورتي ڪڍي، انکي وري مندر ۾ استاپن ڪيو هو. سندس ان مها پراُپڪار واري ڪاريه سبب، اڄ لکين-ڪروڙين ياتري، بدري ڀڳوان جي درشن جا ڀاڳي بڻيا آهن!

جوشي مٺ ۾ هڪ رات وسرام ڪري، ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ئي، اسان پنهنجي بدري‌ناٿ ياترا، وري اڳتي شروع ڪئي.

هڪ ته جوشي مٺ بدري ڀڳوان جو سياري وارو گهر آهي. جڏهن ڏياريءَ کانپوءِ بدري ناٿ پريءَ ۾ برف پوڻ شروع ٿيندي آهي ۽ بدري ناٿ مندر جو دوار، برف سان ڍڪجڻ لڳندو آهي، تڏهن بدري ڀڳوان جي چل-مورتي، پوريءَ ڌارمڪ وڌيءَ سان، هت آندي ويندي آهي. هتان جا لوڪ انکي ڀڳوان جي اُتسو-مورتي به چوندا آهن. ڇهن مهنن تائين، ان مورتيءَ کي هتان جي نرسنگهه مندر ۾ براجمان ڪيو ويندو آهي. اهي ڇهه مهنا- نومبر کان اپريل تائين- بدري ڀڳوان جي پوڄا، آرتي ۽ درشن، ان مندر ۾ ئي ٿيندو آهي.

جڏهن اسان اهو نرسنگهه مندر ڏسڻ وياسين، تڏهن اُتي اسانکي ان مندر بابت هڪ وچتر وارتا ٻڌايائون؛ چيائون: پراڻن جي ڪٿا انوسار، جڏهن گهور ڪلجڳ ايندو، تڏهن بدري ڀڳوان جي ان مورتيءَ جو هڪ هٿ، اچانڪ پنهنجو پاڻ ڪري پوندو! ان کانپوءِ بدري ناٿ ڏانهن ويندڙ رستو ٻه برفن جي وڏين ڇپن ڪرڻ ڪري، بند ٿي ويندو!

جوشي مٺ جي ٻي اهميت اِها آهي ته هت آدي گرو شنڪر آچاريه جو استاپن ڪيل مکيه مٺ آهي، جنهن کي جوتير-مٺ چون ٿا. حقيقت ۾ ان جوتير-مٺ تان ئي هن آستان جو نالو جوشي مٺ پيو آهي. اِتهاسڪارن جو چوڻ آهي ته جڳت گرو شنڪر آچاريه ١١ ورهين جي ڄمار ۾ هت پهتو هو ۽ هن ٥ سال هت هڪ ننڍڙي غفا ۾ رهي، ڪٺن تپسيا ڪئي هئي. ان بعد ئي، گوتم ٻڌ جيان کيس ”روشني“ پراپت ٿي هئي. پوءِ ان گيان جي پرڪاش جي ڦهلاءَ لاءِ، هن هت مٺ استاپن ڪيو هو. اُها غفا، جنهن ۾ ويهي، آدي گروءَ تپسيا ڪئي هئي ۽ اهو ٻڙ ڪلپ-ورڪش (شهتوت جو درخت) جنهن هيٺان شنڪر آچاريه ڌيان ۾ ويهندو هو، سي اڄ به اُتي موجود

ٻيهي ٿي، سنان ڪرڻو پوي ٿو!

ڌؤل گنگا جو جل نيري رنگ جو آهي، جنهنجو سنبنڌ شايد وشنو ڀڳوان جي سرير سان آهي؛ ڇو ته لوڪ انکي وشنو-گنگا به چون ٿا.

ڌؤل گنگا تمام وڏي اونچائيءَ تان ٽپو ڏيئي، پنهنجي وڏي ڀيڻ الڪنندا کي، ڇرڪ ڀرائڻ لاءِ، پٺيان ئي پٺيان اچي، اوچتو ”هاٿ“ ڪري ٿي ۽ پوءِ ٻيئي ڀينر، ٺهڪ ڏيئي، هڪ ٻئي کي ڀاڪر ۾ ڪٽي ڀرين ٿيون!

ڌؤل گنگا ۽ الڪنندا جي ان انوپم ميلاپ سان، سنگم وٽ جل ڌارا، جڻ هڪ کير ڌارا جيان بڻجي وهي ٿي.

هن سنگم وٽ اشنان ڪندي، اسانکي اها وارتا به ٻڌايائون ته هت ويهي، نارد منيءَ، ڀڳوان وشنوءَ جي خوب ڀڳتي ڪئي هئي ۽ ان تان پرسن ٿي، ڀڳوان کيس چِر جيوي ۽ هرجائي هئڻ جو وردان ڏنو هو!

وشنو پرياگ کان ۱۰ ڪلوميٽر هيٺ ٿي آيو پانڊوڪيشور. جيتوڻيڪ سمنڊ جي سطح کان اونچائيءَ طور، پانڊوڪيشور، جوشي مٺ جيترو ئي اوچو يعني ڇهه هزار فوٽ مٿي آهي؛ پر جيئن ته پانڊوڪيشور تائين پهچڻ وارو ڏاڍو هيٺ-مٿي ۽ ور-وڪڙن وارو آهي، انڪري هي ۱۰ ڪلوميٽرن جو ننڍو فاصلو طئه ڪرڻ ۾ به، ڏاڍي ڪنهائي ٿئي ٿي ۽ ڪافي وقت لڳي وڃي ٿو!

اسانکي پانڊوڪيشور جو مهاتم اهو ٻڌايائون ته هتي هڪ يوگ-بدري ڀڳوان جو مندر آهي، جيڪو راجا پانڊوءَ تڏهن وقت ٺهرايو هو، جڏهن هو پنهنجين ٻن راڻين- ڪنتي ۽ مادريءَ سان، ڪجهه وسرام-ڪال گذارڻ لاءِ هت اچي رهيو هو. ان مندر ۾، هو ٻنهي راڻين سميت، روز پوڄا-آراڌنا

وشنو پرياگ ۽ پاندوڪيشور!

ڏٺي جن هيڪار،
صورت ساهڙ ڄام جي؛
سڪ ٿي سٽيون ڪين ڪي،
پري ساڻ پيار؛
گهڙيون گهڙن ڌار،
ڪاهي پيئون ڪن ۾.

شاهه صاحب

جوشي مٺ کان پوءِ اسان جي ٽئڪسيءَ اڃا ٿورو ئي مفاصلو طئه ڪيو هو، ته ٽئڪسي ڊرائيور اسان کي هڪ ٽُوانٽُو ڏيکاريندي چيو: ”هي جيڪو کاٻي پاسي وارو ڏڳ آهي، سو سڌو مانسرووَر ڏانهن هليو وڃي ٿو. جيئن ته اهو تمام ڪٺن مارڳ آهي، تنهنڪري ورلي ڪي ياتري، هن ڏڳ تان اوڏانهن وڃڻ جو ساهس ڪندا آهن!“

جوشي مٺ کان ڏهن ڪلوميٽرن جي دوريءَ تي آيو وشنو پرياگ. بدري ناٿ جي ڏڳ تي هيءُ آخرين ۽ پنجون سنگم آهي. هت ڌؤل گنگا ۽ الڪنندا جو ميلاپ ٿئي ٿو. سنگم ڏانهن پهچڻ لاءِ، پهرين ڌؤل گنگا مٿان ٺهيل 115 فوٽ لمبي، جهولندڙ پل پار ڪرڻي پوي ٿي. سنگم وٽ پاڻيءَ جو ڇوهه ايترو گهڻو آهي، جو اشنان ڪندڙ ياترين کي ڪناري تي

پانڊون جو جنم ٿيو هو ۽ انهن جو ٻالڪپڻو پڻ هت ئي گذريو هو.

ليڪن هاءِ ڙي ٻلوان ڀاوي! هڪ ڏينهن من جي دربلتا ڪارڻ، راجا پانڊوءَ جو هت ئي انت اچي ويو!

اهو وسنت رت جو ڏينهن هو. قدرتي سونهن وارو هي رمڻيڪ آستان، چوڌر ٽڙيل انيڪ رنگارنگي گلن سان هيڪاري وڌيڪ شوڀاميہ بڻجي پيو هو. پرڪرتيءَ جي ان سندرتا وچہ، راڻي مادري، جا اڳيئي بيحد سندر هئي، سا ڄڻ ساکيات رنڀا اپسرا پئي ڀاسي! بس، سونهن جي هن راڻيءَ، راجا پانڊوءَ کي مدمست بڻائي ڇڏيو ۽ هو پنهنجي من تان ظابطو وڃائي ويٺو! ڪانئس مرندڙ مرگھہ جي سراپ واري ڳالھہ بلڪل پلجي وئي ۽ هو مادريءَ کي پاڪر ۾ پري، هڪ لتا-ڪنج ۾ هليو ويو! راڻي مادريءَ پنهنجي پياري پتار کي گھڻو ئي سمجھايو، منع ڪئي ۽ سراپ جي ياد ڏياري؛ پر راجا پانڊوءَ جي ٻڌيءَ جو دوار، ڪام-ديو اڳيئي بند ڪري ڇڏيو هو!

بس، پوءِ تہ هونئي ڪين ٽري سگھي. راڻي مادريءَ سان ليٽيل راجا پانڊوءَ جا پراڻ، ان پرم اوستا ۾ ئي، يمراج جي ڏور ۾ بڌجي ويا!

تڏهن راجا پانڊوءَ جي اگني سنسڪار وقت، راڻي مادري بہ پنهنجي پتيءَ سان گڏ، چکيا تي چڙهي ۽ پنهنجو ستي ڌرم نڀاهيائين!

ان بعد راڻي ڪنتي، پنجني پانڊو-پٽرن کي ساڻ وٺي، هتان هستناپور موٽي وئي هئي!

راجا پانڊوءَ جي پاران استاپن ڪيل پانڊوڪيشور مندر کان سواءِ، هت ٻيا بہ پراچين مندر آهن. انهن ۾ هڪ واسديو جو مندر پڻ آهي، جو ڀڳوان ڪرشڻ جي اصل پتا جي نالي پويان،

ڪندو هو.

هن آستان جو ورنن مهاڀارت ۾ هن ريت ڪيل آهي:

هڪڙي ڀيري راجا پانڊوءَ هستناپور جي ٻاهران، هڪ ٻن ۾ شڪار ڪندي، ٻـِل وڇان ڪنهن مرگهه جــي انوقت هڻيا ڪري وڌي. جڏهن اهو پنهنجي ساٿڻ مرگهڻيءَ سان سڀوڳ ڪري رهيو هو. تڏهن راجا پانڊوءَ جي تير سان گهايل ٿيل ان هرڻ، مرندي مرندي راجا پانڊوءَ کي سراپ ڏنو: "هي راجن، تو اڄ گهور پاپ ڪيو آهي؛ تنهن ڪري جيئن اڄ آءٌ پنهنجي پتنيءَ جـــي وِلاس ڪان وانجهيو ويو آهيان، تيئن تون ٻــ پنهنجي پتنيءَ جي ان سڪــ ڀوڳ ڪـــان وانجهيو رهندين. اگر تون اهو سڪ ڀوڳڻ جي ڪوشش ڪندين، ته تنهنجو ٻہ اتي جو اتي اِئين موت ٿيندو، جهڙي طرح اڄ مـــان مري رهيو آهيان!"

مرگهہ جي اُن سراپ ڪان دکي ٿـي، راجا پانڊو، ان ڏينهن ئي، پنهنجين ٻنهي رائين سان گڏ، هستناپور ڇڏي، وسرام لاءِ ڪجهہ وقت هت اچي رهيو هو ۽ مرندڙ مرگهہ جي مليل سراپ جـــي اثر کـــان بچڻ لاءِ، هوُ هت ڪٿيا اڏي، سادي جيون گهاريندو هو.

جيتوڻيڪ راجا پانڊوءَ ان سراپ جـي ڳالهہ ڪنهن سان ٻہ ڪانہ ڪئي هئي، پر سياڻين رائين کـــي انجو پتو پئجي ئي ويو! ان سڌ پوڻ کانپوءِ، جڏهن ڪين اِها ڄاڻ پيئي تہ هاڻي ڪين راجا پانڊوءَ مان ڪوبہ اولاد ٿيڻو ناهي، تڏهن هنن ديوتائن جي شڪتين کي سنتان لاءِ آراڌنا ڪئي. سندن اِها آراڌنا اگهامي. ان بعد ڪنتيءَ اُن پٽن- يڌشٽر، ڀيم ۽ ارجن کـي جنم ڏنو ۽ راڻي مادري وري ٻن پٽن- نڪل ۽ سهديو سان پنهنجي گود ڀري!

اِن ريت هتي پانڊوڪيشور ۾ ئـــي، پنجئي پرتاپي پانڊوَ

باب ٻارهون

گوبند گهاٽ ۽ هنومان چٽي!

جيئن پرڀوءَ جا گڻ ڳائڻ،
نؤڌا ڀڳتيءَ جو هڪ روپ آهي؛
تيئن ڀارت ڀوميءَ جي،
پهاڙن، ندين، ڳوٺن ۽ شهرن ۾ وسيل،
لوڪن جي پرشارت جو ورڻن ڪري،
انهن بابت ٻين جي ڄاڻ وڌائڻ پڻ،
ديش-ڀڳتيءَ جو هڪ مثال آهي!

ڪنعيالال منشي

پانڊوڪيشور کان هلڻ ڪانپوءِ، ٿوري ئي پنڌ تي آيو وري ٻيو اتهاسڪ آستان : گوبند گهاٽ.

گوبند گهاٽ جو اتهاس اهو آهي جو هتان ئي هڪ ٻيدل جو رستو، پوتر هيمڪنڊ ۽ ڦولن جي گهاٽيءَ ڏانهن وڃي ٿو.

پراڻن جي ڪٿا انوسار، راجا جنڪ هيمڪنڊ وٽ ئي، ڪٺن تپ ڪري، سڀ سڌيون پاتيون هيون. ان ئي جڳهه تي وري گرو-ڪل جي ڏهين پاتشاهي، گرو گوبندسنگهه، پنهنجي پورب جنم جي ياد ايندي، هت پهچي، تپسيا ڪئي هئي ۽ ان مان پاتل شڪتيءَ سان، اؤرنگزيب جي اتياچارن جي انت آڻڻ لاءِ ڪمر ڪشي هئي. اها وارتا خود گروجن (گرو گوبندسنگهه) پنهنجي جيون ساکي ”وچتر ناٽڪ“ ۾

ساري ڀارت ۾ شايد هڪ ئي مندر آهي!

پانڊوڪيشور کان بدري ناٿ کيتر ۾ ٻـراجمان، نر-نارايڻ پربتن جي جهلڪ پڻ پسجي ٿي، جا دل کي ڏاڍو موهي ٿي ۽ جلدي بدري ڌام پهچڻ لاءِ، من کي چنچل بڻائي ٿي ڇڏي!

ڪري سگھن ٿيون. انگريز پھاڙ کان پاسو ڪري هلو!"

هماليہ پہاڙ ۾ ڪچو، ان ڳالھ تي ساڌارڻ طور عجب لڳي سگھي ٿو؛ پر اسان ساکيات ان بيانيءَ جـي تصديق ڪئي آهي! ان بابت پرٿويءَ جـي اتپتيءَ جـي کوجنا ڪندڙن جي اها راءِ آهي تہ هزارين ورهيہ اڳ، جڏهن هت پهاڙ نہ هئا، تڏهن مها ساگر پيو ڇوليون ماريندو هو. پر پوءِ سمي گذرندي، ڌرتيءَ جي ڌڏڻ ۽ ٻين زلزلن ڪارڻ، ان ساگر منجهان اچانڪ پرٿوي مٿي اچي وئي ۽ سمنڊ الوپ ٿـي ويو! ان ريت، اهي ڪچا پهاڙ، ساگر مان نڪتل پرٿويءَ جـا ئي ڀير آهن، جن منجهان ساگر ۾ موجود انيڪ پرڪارن جا پدارٿ لڀندا رهندا آهن!

ليڪن گوبند گهاٽ کانپوءِ جيڪو پهاڙ شروع ٿئي ٿو، سو بلڪل پڪو ۽ سچي معنيٰ ۾ پربت آهي!

ان ڪانسواءِ گوبند گهاٽ کـان هلڻ بعد اسان ٻـي جيڪا وسميءَ ۾ وجهندڙ ڳالھ ڏٺي، سا اها تـہ اُتان ڪانپوءِ اسانجي ٽئڪسي ساري وات انيڪ مائرين مان پئي هلي- لڳاتار، هڪ پويان ٻي ماڙ-ري پئي آئي! انگريز اسانجي ٽئڪسي ڪنهن ڪنهن مهل، ٻہ-ٻہ هزار فوٽ مٿي پهاڙيءَ تـي پهچي، وري هيٺ اچـي، الڪنندا جـي ڪناري ڪناري پئي هلي! ان درشيہ اسانکي مگڌ ڪري ڇڏيو؛ جيتوڻيڪ ڪنهن ڪنهن مهل اسانکي ڊورو ڊپ بہ پئي ٿيو تہ ڪٿي......! ڇو تـہ اسان ڏٺو پئي تہ اسانجو ٽئڪسي-ڊرائيور گـاڏيءَ جو گيئر ڊبائيندي-ڊبائيندي، بلڪل هڄي، بيحال ٿـي پئي ويو. هٿڙي ڏکئي، ور وڪڙ ۽ هيٺ مٿاهينءَ واري رستي تان ٽئڪسي ڀـا موٽر هلائڻ سچ پچ هڪ جانفشانيءَ جو ڪم هو!

جيتوڻيڪ فاصلي طور هنومان چٽي، گوبند گهاٽ کان فقط ٨ ڪلوميٽر دور هئي، پر توبہ، توبہ! اُن ننڍي دوريءَ کي

لکي آهي.

گرو گوبند جي اِها وارتا پڙهي، سندس ٻن پرم سک-شردالن- ڀائي سوهن‌سنگهه ۽ ڀائي عالم‌سنگهه- سن ١٩٣٥ع ۾، گهڻي جاکوڙ ۽ کوج کانپوءِ، هي آستان ڳولهي لڌو هو!

هيم ڪنڊ، گوبند گهاٽ کان ١٩ ڪلوميٽر دور، هماليه جي واديءَ ۾ وسيل آستان آهي. جيتوڻيڪ اوستائين پهچڻ لاءِ صرف پيدل جو ئي رستو آهي، جنهن تان پنڌ هلندي يا گهوڙي تي سوار ٿيڻ سان، ياترا ڪندڙ جو دم ڦوڪجڻ لڳي ٿو، پر پوءِ به هر سال سوين ساهسي شردالو، ان ساڌيل مها پوتر آستان تي پهچي وڃن ٿا!

هيم ڪنڊ ڏانهن ويندي، واٽ تي ايندڙ گوبند ڌام وٽان، هڪ ٻئي وري جڳهه پرسد ڦولن جي گهاٽيءَ طرف وڃي ٿو. اها گهاٽي سال ۾ صرف ٻه مهنا- سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر- ياترين لاءِ کليل هوندي آهي. چيائون پئي ته ان سمي ات لڳندڙ هوا ۾، ڦول گهاٽيءَ جي اڪيچار وچتر گلن جي مهڪ سان، ماڻهوءَ جو من ۽ مغز بيٺي تر ٿي ويندا آهن. ساري سنسار ۾، اهڙو سندر ۽ رهسيه-ميه آستان، شايد ئي ٻيو ڪو هوندو؛ اِنڪري نه صرف ڀارتواسي، پر ٻين ديشن جا به انيڪ آدمي، الڳ الڳ ڀاونا، اتساهه ۽ ويچار سان، هن گهاٽيءَ تائين اچي پهچن ٿا!

... ...

جيتوڻيڪ اسان اُن مهل تائين ٽئڪسيءَ ۾ هماليه جي وچمان ڏاهيل رستي تان ئي پئي هلياسين، پر هماليه جو اهو حصو شايد پڪو پربت نه هو، ڇو ته ڪيترن هنڌن تي، ننڍين-ننڍين پهڻن جا ڍير لڳا پيا هئا، جي وقت به وقت، مٿان کان هيٺ اچي ڪريا هئا. ان کانسواءِ ڪيترن هنڌن تي اهڙا بورڊ به لڳل هئا:

”ساوڌان! پهاڙ ڪچو آهي؛ ڪنهن مهل به تيز هوائن سبب، ڇپون

هنومان، ڏڳہ جي بلڪل وچ تي ليٽي، سارو ڏڳہ والاري ڇڏيو هو. جيئن تہ ڀيم ان سڳنڌي ڦول جي ٽوهہ وٺي اوستائين آيو هو ۽ اهڙو ٻيو گل هٿ ڪرڻ لاءِ ڪيس اڃا اڳتي وڌڻو هو، تنهنڪري هن ان ٻڍي باندر کي نہ سڃاڻي، ڪيس خنڪيءَ سان هڪل ڪري چيو تہ هو ڏڳہ جو وچ ڇڏي، پاسيرو ٿي وڃي، ڇو تہ باندر کي اورانگهڻ، منش-ڌرم جي خلاف آهي!

پر ٻڍو باندر، ڀيم جي ان آديش ڏانهن ڪن لاٽار ڪري، بنا چرڻ-پرڻ جي، ساڳيءَ اوستا ۾، اتي ئي ليٽيو رهيو. تڏهن ڀيم جهڙي پهلوان کي ڏاڍو غصو آيو ۽ هن ان باندر جي پڇ ۾ هٿ وجهي، انکي ڇڪي، هڪ جهٽڪي سان پري ڦٽي ڪرڻ چاهيو. ليڪن مهابلي ڀيم، ان باندر جي پڇ کي پڪڙي، پري ڦٽي ڪرڻ تہ ڇڏيو، انجو پڇ چوري ئي نہ سگهيو! ان ڪارڻ غصي ۾ ڀرجي، وڌيڪ طاقت آزمائي ڪندي، ان ولهہ ۾ ٻہ ڀيمسين کي پسينو اچي ويو!

ان آزمائش بعد ڀيم جو اهنڪار ٽٽي پيو ۽ هن دل ۾ ويچاريو: "لڳي ٿو، هي ڪو ساڌارڻ باندر نہ آهي. پڪ ٿي پڪ هوءُ ڪو دئيت يا اسر آهي، جيڪي هنن گهاٽن ٻڻن ۾ اڪثر گهڻا ٿيندا آهن!"

اهو خيال ايندي ئي، ڀيمسين لڄي، پنهنجو هٿ ڇڏي، چپ چاپ، سڌو ٿي، پريشان بيهي رهيو!

تڏهن ڀيم جي من جو اهو ڀاو پروڙي، ان ٻڍي باندر اکيون کوليون، ڀيم ڏانهن نهاري، کيس کلي چيو: "اي يوڌا ڀيم، توکي پنهنجي طاقت تي ڏاڍو ٻانور هوندو آهي ۽ تون سمجهندو آهين تہ هن ساري سرشٽيءَ ۾، تو جهڙو بلوان ٻيو ڪو آهي ئي ڪونہ! ليڪن اڄ توکي سڌ پئجي وئي هوندي، تہ ان ويچار ۾ تون ڪيترو نہ ڀلل آهين! اڄ تون پنهنجي سوري

پوري ڪرڻ ۾، اسانجي ٽئڪسي ڊرائيور کي پورو ڏيڍ ڪلاڪ لڳي ويو؛ چاڪاڻ ته هنومان چٽي، گوبند گهاٽ کان اٽڪل ٢٥٠٠ فوٽ اوچائيءَ تي هئي!

پر اِهي واٽ جا لوڏا-لما ڪاٽي، اسان جڏهن هنومان چٽيءَ تي پهتاسين، ته اسانکي خوب آنند آيو ۽ ان اسانجي هن ڏکي ياترا جو سڄو ڪشٽ-ڪشالو مٽائي ڇڏيو!

هنومان چٽيءَ وٽ پرڪرتيءَ جي سندرتا پنهنجي آدي-روپ ۾ قائم هئي، جيئن سرشٽيءَ جي رچنا ڪندي، پرڀوءَ انکي جوڙيو هو!

وڻ ٻوٽا، انهن ۾ ٽڙيل طرح-طرح جا ڦول؛ هرڪا ٽاري اِئين پئي لڳي، ڄڻ ڪنهن ڌنوان جي گهر جي ننهن، خوب هار-سينگار ڪري، سڄ-ڌڄ سان هن رستي تي ٿهلڻ لاءِ نڪتي هئي! اهي انوپم قدرتي درشيه پسي، اسان پاڻ ۾ چيو: "شڪر آهي جو منش جي لوڀ واري، اترپت وناش-ٻڌي، اڃا هت پهچي ڪين سگهي آهي، نه ته جيڪر......!"

... ...

هن هنومان چٽيءَ جو ورنن مهاڀارت ۾ پڻ ٿيل آهي. اُن انوسار هتي پون-پتر هنومان، جنهن کي چرجيوي هئڻ جو وردان مليل آهي، پنهنجي ننڍي ڀاءُ اهنڪاري ڀيم (پنجن پانڊو-ڀائرن مان هڪ)، جو ايمان چور-چور ڪيو هو. اها وارتا هن ريت آهي:

اگيات بنواس جي هڪ سال واري عرصي ۾، پانڊو هن هنڌ اچي لڪا هئا. ان سمي هڪ ڏينهن، جڏهن هڪڙي بيحد سگنڌي ڦول جهڙي، ٻئي ڦول آڻي ڏيڻ لاءِ، دروپديءَ جو ضد پورو ڪرڻ ڪاڻ، ڀيمسين ٽڪندو-ٽڪندو، هن هنومان چٽيءَ وٽ آيو، تڏهن هڪ ٻڍي باندر جي روپ ۾،

باب ٻارهون

ديو - ديڪڻي!

هي ٻريو! اسانکي سمرٿي ڏي،
جيئن اسان انهن پوتر آستانن جو درشن ڪري سگهون،
جيڪي توکي نت پريہ آهن؛
تنهنجو اهو سندر روپ پسي،
اتي آنند پايون، مگن ٿيون؛
اتي رمندڙ تنهنجن چرڻن جو سمرش ڪري،
اسين پنهنجو هي جنم سڦل بڻايون!

رگ ويد

جيتوڻيڪ رڳو گوبند گھاٽ کان هنومان چٽيءَ تائين، لڳ ڀڳ ۱۵۰۰ فوٽن جي اونچائي چڙهي اچجي ٿي، پوءِ بہ بدري ناٿ تائين اڃا لڳ ڀڳ ۲۰۰۰ فوٽن جي چڙهائي طئہ ڪرڻي هئي؛ ڇو تہ ڀوگول انوسار، بدري ناٿ سمنڊ جي سطح کان اٽڪل ۱۰،۵۰۰ فوٽن جي اونچائيءَ تي آهي. انڪري هنومان چٽيءَ کانپوءِ لڳاتار چڙهائي چالو هئي. ان عرصي اندر، واٽ جي لهين-چاڙهين، هيٺ-مٿاهين ڪارڻ، ٿڪسيءَ ان [illegible] ويہ بہ، اسان خوب ٿيرائيون ۽ گھمرسون پئي [illegible] انهن اسانکي اهڙو بيحال ڪري وڌو، جو اسان من ئي من ۾ اها آراڌنا پئي ڪئي تہ: "هي ڀڳوان، هاڻي اسانکي ڪوسي پنهنجو درشن ڪراءِ؛ سيگهہ اسانجي من جي مراد پوري ڪر؛ بس، هاڻي گھڻو ٿي ٿيو!"

سگهه سان، هڪڙيءَ ٻڍيءَ ٻانڊر جو صرف پڇ ٻه چوري نه، سگهيو آهين! ڇي، ڇي...... ڪيڏانهن ويئي تنهنجي ساري ويرتا؟ تو ته سوچيو هو ته تون مونکي پڇ کان پڪڙي، ايترو زور سان پري ڦٽي ڪندين، جو منهنجا هڏ-گُڏ ڀڄي پوندا! ها، ها، ها، ها...... هي اپماني ڀيم! ليڪن تون ته منهنجو پڇ ٻه نه کڻي سگهئين! اڄ تنهنجي هيءَ دردشا جيڪڏهن تنهنجو وڏو ڀاءُ يڌشٽر ڏسي ها، ته جيڪر سندس عجب ۽ ڏک جي ڪا حد نه رهي ها! اڙي پهلوان! اڳتي ڪڏهن به پنهنجي مهابلي هئڻ جو گهمنڊ نه ڪج! هاڻي مان توکي پنهنجي اصلي سڃاڻپ ڏيان ٿو. آءٌ تنهنجي اڳئين جنم جو وڏو ڀاءُ هنومان آهيان!" ائين چئي، اهو ٻڍو ٻانڊر، امالڪ دڳ، تان اٿي کڙو ٿيو ۽ ڀيم جي ڏسندي-ڏسندي ئي، هُو پنهنجي وراٽ روپ ۾، سندس سامهون بيهي رهيو. هنومان جي ان وشال آڪار آڏو، ڀيم هڪ جيتامڙو ٿي لڳو!

اهو لقاءُ ڏسي، ڀيم نهايت شرمندو ٿيو ۽ هُو هڪدم پنهنجي وڏي ڀاءُ هنومان جي پيرن تي ڪري، ڪانئس پنهنجي اوڳڻا لاءِ ڪميا گهرڻ لڳو!

تڏهن هنومان، پنهنجي ساڌارڻ روپ ۾ اچي، کيس اُٿاري، گلي لڳايو ۽ پيار وچان سندس پٺي ٺپري، کيس آسيس ڪئي!

مهامني ويد وياس جي رچيل ان ڪٿا جو، اسان اُن ڏينهن جڻ ساکيات انڀو ڪيو! هنومان چٽيءَ تائين پهچڻ ۾ سچ پچ کهڙي نه ٻلوان جو ايمان چُور ٿي وڃي ٿو. اوستائين پهچڻ لاءِ سچ پچ بجرنگ بليءَ جهڙي شڪتيءَ جي ضرورت آهي!

هٿ جوڙي، اِشٽ کي اتان ئي نمسڪار ڪيو!

ديو-ديکڻيءَ ڪانپوءِ، اسان ايترو ته آتر ٿي وياسين، جو من ۾ چاهنا جاڳي ته باقي رهيل ۳ ڪلوميٽر، جلدي جهاڳي، ترت وڃي ڀڳوان بدريءَ جي چرڻن ۾ ليٽجي!

ليڪن هيٺڙي ڏکي منزل ڪاٽي اچڻ ڪانپوءِ، موٽرن ۽ ٽئڪسين جا ڊرائيور، سامت جو ساهه کڻڻ لاءِ، ڪجهه وقت هٿ ساهي پٽڻ لڳا. وسرام جي ان سمي کي سڦل بڻائڻ لاءِ، اسان ٻه، ٽئڪسيءَ مان هيٺ لهي، چؤطرف پرڪرتيءَ جا سندر درشيه، ڏسڻ لڳاسين.

هماليه جي پوتر گود ۾ ليٽيل، بدري ناٿ جو پرم ڌام، هتان ڏسڻ ۾ ڏاڍو سندر پئي ڀاسيو. ان ڪانسواءِ هتان ئي نر-نارائڻ جا برف ڇانيل اوچا پربت پڻ نظر پئي آيا، جن کي ڏسي، اسانجو هردو ڪدڪد ٿي ويو! نر-نارائڻ به آدي-انادي متر؛ ڌرم جا رکيڪ؛ اڌرم سان لڙندڙ؛ نت وجئي ۽ سدا گڏ!

جيئن شاسترن ۾ اهڙو آيت مليل آهي ته ايشور ڀڳت-وتسل آهي، تيئن اسانجي پڪار به، جڏهن بدري ڀڳوان جي ڪنن تي پهتي، ته اسان اچانڪ پاڻکي "ديو-ديکڻيءَ" وٽ پهتل ڏٺو!

ديو-ديکڻي، هنومان چٽيءَ کان پوءِ، صرف ۱۲ ڪلوميٽر دور آهي ۽ بدري‌ناٿ ياترا جي آخرين منزل پڻ.

ديو-ديکڻي وٽان ئي ڀرين ڀرين، بدري‌ناٿ مندر جي سونهري، چمڪندڙ ڪلش جو درشن ٿئي ٿو. هتان کان پوءِ بدري‌ناٿ صرف ۳ ڪلوميٽر دور آهي ۽ اهو بلڪل سڌي پٽ وارو رستو آهي.

هن آستان تان بدري‌ناٿ پوري پڻ بلڪل صاف نظر اچي ٿي. انڪري هن آستان جو نالو "ديو-ديکڻي" پيو آهي، يعني جتان ديو جو درشن ٿئي ٿو. هيءُ آستان جڻ بدري ڌام جو دوار آهي!

ديو-ديکڻيءَ وٽ پهچي، هر ياتريءَ جو من اتساهه سان ڀرجي وڃي ٿو ۽ سندس هردو ان آشا سان مگن بڻجي وڃي ٿو ته بس، هاڻي ڀڳوان جي چرڻن ۾ پهچي ئي ويس! انڪري هت پهچڻ تي، ياتريءَ جي مک مان اڳاڌ خوشيءَ وچان جيءِ-ڌني نڪري ٿي: "جيءِ بدري وشال! جيءِ پريو!"

اسان به انوقت اتي پهتل ياترين سان گڏجي، اها آنند-ڌني هنئي: "جيءِ بدري، جيءِ پريو!" ان سر گونجندي، اسانجا نيڻ خوشيءَ وچان سڄل ٿي ويا ۽ اسان اندر ۾ چيو: "آها! پريو، اسانکي پنهنجي آڏو سڏي، تو اسانجو هي منش-جنم ڪرتارٿ ڪري ڇڏيو! تون سچ پچ بيحد ڪرپالو آهين! اسان لاءِ اڄ جهڙو آنندائي ڏينهن ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟" ان وقت اسان ٻنهي، بدري‌ناٿ پريءَ ڏانهن منهن ڪري،

طلسمي ۾ من موهيندڙ هو!

اسان ٽڪسيءَ مان لهي، منتر-مگند ٿي، اچا اهو الوڪڪ نظارو پسي ئي رهيا هئاسين، ته ايتري ۾، ولهه وسڻ شروع ٿي وئي! برف ڇانيل هماليه جي چوٽين تان، هوا جي اهڙن ته زوردار سيتل جهونڪن، اچي اسانجي بت کي سپرش ڪيو، جو اسانجا سرير هڪدم ڪنبي ويا. ولهه، تارڪا راڪشسڻ جيان، پنهنجا پوائنتا ڏند ڏيکاري، اسانکي ڏڪائڻ لڳي!

جيتوڻيڪ ان ڏڪائيندڙ ڏائڻ کان بچڻ لاءِ، اسان يڪدم پاڻ سان آندل گرم وستر ڪڍي، پنهنجي سرير جي مڙنئي حصي کي پوريءَ طرح ڪڍي ڍڪيو، پر اسانجي ٽنگن ۽ پيرن جي حالت بلڪل نازڪ هئي؛ انهن جي ڏڪ-ڏڪ زور سان چالو هئي!

بس، پوءِ ته ان خوفناڪ سرديءَ جي چپيٽ کان بچڻ لاءِ، اسان هڪدم پنهنجو سامان کڻائي، سيگهه ئي اچي، هڪ جاءِ ۾ سوگها ٿياسين. تڏهن مس وڃي اسانجي بت جي ڏڪڻي ڪجهه جهڪي ٿي!

... ...

اِن طرح اسان اچا پوريءَ طرح ٺانئيڪا ئي نه ٿيا هئاسين، ته ايتري ۾ بدري‌ناٿ جي پنڊن اچي اسانکي ورايو ۽ پڇڻ لڳا:

”اوهان ڪٿا آيا آهيو؟“

”اصل ڳوٺ ڪهڙو اٿو؟“

”ضلعو ڪهڙو؟“

”توهانجي نک، ذات، آکهه ڪهڙي آهي؟“

سنڌيءَ ۾ هڪ پهاڪو آهي: ”ٻڪريءَ کي ساس جي، ڪاسائيءَ کي ماس جي!“ اسانجي حالت اِهي، ان وقت اهڙين ٻڪرين جيان هئي! بيحد ٿڌ کان اسانجي جان پئي ڪنبي ۽

باب تيرهون

ساکيبات درشن!

هماليه ۾ وسندڙ چئن ڌامن-
گنگوتري، جمنوتري، ڪيدارناٿ ۽ بدري ناٿ-
ڪي پنهنجو پنهنجو مهتو آهي؛
گنگوتريءَ ۾ ساتوڪتا جي سيما آهي؛
جمنوتري ساڌڪ جي تپسيا ۽ شانتيءَ جي اُرڪ ڪرتي،
انکي امرتا جو وردان ڏئي ٿي؛
ڪيدارناٿ آهي وئراڳ جو پرم آستان؛
بدري ناٿ آهي پراڻ سڌ، لوڪ-پريه ڌام!

سوامي رام تيرٿ

جنهن وقت اسان بدري ناٿ پهتاسين، تنهن وقت سنجها جا پنج وڳا هئا. جيتوڻيڪ اهو ميءَ جو مهنو هو ۽ آڪاش جي هڪ ڪنڊ ۾، سوريه-ديو اڃا موجود هو، ته به اُتي پئي لڳو، ڄڻ انجو آب-تاب، پوئين مغل بادشاه بهادر شاه جيان، صرف سندس راج گديءَ جي ارد-گرد ئي موجود هو!

بدري ناٿ جي چئني طرف، هماليه جون برف ڇانيل چوٽيون، انگ-رکيڪن جي قطار جيان پئي ڀاسيون؛ انهن جي وچ ۾، بدري ناٿ پري، هڪ مهاراڻيءَ جيان براجمان هئي! لهندڙ سج جي سونهري، ملايم ڪرڻن پوڙ سان، بدري ناٿ پري خوب ڀڪي رهي هئي ۽ شاسترن ۾ ورنن ٿيل سوني-لنڪا جيان پئي لڳي، هن نگريءَ جو اهو درشيه، بلڪل

مان معلوم ٿيو تہ ٿوريءَ ئي دير ۾، ڀڳوان بدريءَ جي سنجھا واري آرتي آرنڀ ٿيڻ واري آهي. ان سماچار اسانجي خوشي هيڪاري وڌائي ڇڏي ۽ اسان تڪڙي وک کڻي، مندر طرف وڌياسين!

... ...

جيئن ڪنهن سهاڳڻ جي مستڪ جي وچتي، سندر گلابي ٽلڪ ڏنل هوندو آهي، جيڪو سندس مک جي شوڀا وڌائي ڇڏيندو آهي، تيئن بدريناٿ پريءَ جي وچتي براجمان ڀڳوان بدريءَ جو مندر، نهايت رمڻيڪ پئي ڀاسيو!

هو مندر، انادي ڪال کان، ڪروڙها شرڌالن ۽ ڀڳتن کي، پاڻ ڏانهن ڇڪيندو، ڪشش ڪندو پئي رهيو آهي!

هن مندر جي بڻجڻ-بڻائڻ جي ڪا هڪ ڪٿا ڪانهي؛ انيڪ ئي ئي وارتائون آهن ان نسبت. انهن جي تصديق ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. بس، اها هڪ حقيقت آهي تہ، شرڌالن جي جنمن جي سڌ پوري ڪرڻ لاءِ بدريناٿ مندر قائم آهي. سرير تان آهو پلي، رستي جا سوين ڪشٽ-ڪشالا سهي، ڀڳت-شرڌالو هتي پهچي، ڀڳوان جو درشن ڪري، آنندت ٿين ٿا ۽ ان سان هو پنهنجو هي جنم سڦل سمجهن ٿا؛ اها هڪ سچائي آهي؛ انجو پوريءَ طرح احساس، هت پهچڻ بعد ئي ٿئي ٿو!

... ...

اسان الڪنندا جي مٿان واري پل پار ڪري، جلدي تپت-ڪنڊ طرف وڌياسين؛ ڇو تہ اتان جي ريت انوسار، تپت-ڪنڊ ۾ اشنان ڪرڻ ڪانپوءِ ئي، ياتريءَ کي ڀڳوان بدريءَ جو درشن ڪرڻ گهرجي.

تپت-ڪنڊ، بدري ڀڳوان جي مندر جي لڳولڳ آهي. اهو

چاهيوسين ٿي ته ڪنهن ٺڪاڻي ۾ گهڙيون، ڪجهه ڪوسا ٿيون؛ هيڏانهن وري ميڙو پنڊا، جند ڇڏين ٿي نه پيا! نيٺ جيئن تيئن ڪري، اسان پنڊن کان پنهنجا پلؤ آجا ڪيا ۽ کين صاف صاف چيو ته مهرباني ڪري هو هينئر انهن سڀني سوالن سان اسانکي پريشان نه ڪن؛ هو سڀاڻي صبح جو پل اچن ۽ جيڪي پڇڻو هجين، سو اسان کين خوشيءَ سان ٻڌائينداسين!

ان ريت پنڊن کان نجات پاتي، اسان ڪلاڪ ڪن وسرام ڪري، پوءِ بدري ڀڳوان جي درشن لاءِ نڪري پياسين.

جڏهن اسان بدري‌ناٿ مندر طرف وڃي رهيا هئاسين، ته ان پون پاون نگريءَ جي وچمان وهندڙ الڪنندا جي پربتي شوڀا ڏسي، اسانجون اکيون عجب وچان ڦاٽي پيون ۽ ڪا ساعت ته اسان الڪنندا مٿان، ياترين جي اچ-وڃ لاءِ جوڙيل پل تي بيهي، انجو الوڪڪ سندر روپ ڏسندا رهياسين. الڪنندا جو اهڙو موهيندڙ روپ اسان بدري‌ناٿ ڏانهن ايندڙ رستي تي، ڪٿي به ڪين پسيو هو. بيشڪ!

... ...

الڪنندا مٿان جوڙيل هيءَ پل، بدري‌ناٿ پريءَ کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿي. پل جي هن پر، جتي ياتري اچي لهن ٿا، جن جي رهڻ لاءِ اتي انيڪ ڌرمشالائون، جايون، هوٽلون وغيره ٺهيل آهن، انکي ان-ڪيتر ڪوٺيو وڃي ٿو. وري پل جي هن طرف، جتي بدري ڀڳوان جو مندر آهي ۽ ان سان گڏوگڏ، مندر ۾ پوڄا ڪندڙ برهمڻن، مندر جي ٻين سيوڪن ۽ پنڊن جا گهر آهن، انکي سڏين ٿا: ڌرم-ڪيتر. الڪنندا جي هيءَ پل، ٻنهي ڪيترن کي ملائي، ياترين کي ڀڳوان بدريءَ جي درشن جو لاڀ ڏئي ٿي.

ان وقت پل تي بيٺي ٿي، اسانکي اتان لنگهندڙ ياترين

سچ پچ هڪ چمتڪار ئي آهي!

هن تپت-ڪنڊ بابت ٻه جيتوڻيڪ ڪيتريون ڏند-ڪٿائون جڙيل آهن، پر هڪ ڪٿا جيڪا اسان ٻڌي، سا هيٺين هئي ته جيئن ته ڪئين ساڌو-مهاتمائون، رشي-مني، يوڳي-سنياسي، بدري ناٿ نگريءَ جي ارد گرد ڦهليل، ٻنن ۽ غفائن ۾ ويهي ڀڳوان جو جپ ڪندا رهن ٿا، ته انهن جي سک جي اون رکي، هڪ دفعي نارد منيءَ، وشنو ڀڳوان کي وينتي ڪئي هئي، ته هُو هت گرم جل جو هڪڙو ڪنڊ پرگهٽ ڪري، جيئن اهي ساڌو-سنت، روز ان ۾ اشنان ڪري، پرسن ٿي، بدري ڀڳوان (وشنو ڀڳوان جو روپ ئي) جو درشن ڪن ۽ پوءِ پنهنجن آستانن تي واپس هليا وڃن!

اِن طرح نارد منيءَ جـــي ديا جو لاڀ، اڄ ساڌن-مهاتمائن سان گڏ، سنساري به وٺندا رهن ٿا!

ٻين جيان اسان به، ان تپت-ڪنڊ ۾ ٽٻي ڏيئي، تازا توانا ٿي، ڀاو-ڀرتي من سان بدري ڀڳوان جي درشن لاءِ، مندر طرف وڌياسين!

... ...

بدري مندر جي مکيه دوار ٻاهران، اسان، ڀڳوان وشنوءَ جا ڏهه ئـــي اوتار (ڪلڪي اوتـــار سميت، جيڪو هن يگ ۾ پرٿويءَ تي پڌارجڻو آهي!)، سندر رنگن ۾ چٽيل ڏٺا. مندر جي دوار جي وچتي هڪ شاهي گهنڊ به ٽنگيل هو، جيڪو ڪافي ڳـــؤرو هو. انجي آس-پاس ڪئين ننڍا-ننڍا گهنڊ پڻ ٽنگيل هئا، جـــي ياتري مندر اندر گهڙندي، وڄائيندا، ”جيءِ بدري وشال! جيءِ پرڀو!“ چوندا هلندا پئي رهيا! ان وقت انهن سوين ياترين جي اُمنگ پرئي، آنند-ميه مک جو درشن ئي، اسانکي هڪ مها-درشن پاسيو! ڇا نه پرسنتا جو ڀاو هو سندن خوش،

مندر جي مکيه در کان ٢٠ فوٽ کن هيٺ، ساڄي طرف آهي. اصل ۾ هت ٽي ڪنڊ ٻيا به آهن- برهم-ڪنڊ، ڳوري-ڪنڊ ۽ سوريه-ڪنڊ. اسانکي اِنهن ٻڌايائون ته ڪنهن ڪال ۾ هت پنجون ڪنڊ به هو، جنهنکي نارد-ڪنڊ چوندا هئا؛ پر سمي گذرندي اهو هاڻ الڪنندا جي ڌارا ۾ الوپ ٿي ويو آهي.

هرهڪ ڪنڊ ۾، هڪ ئي وقت اٽڪل ٢٠-٢٥ ماڻهو اِشنان ڪري سگهن ٿا. سڀني ڪنڊن ۾، جل ڪافي گرم آهي. اهو گرم جل ڪٿان ٿو اچي، انجو پتو اڄ تائين پئجي نه سگهيو آهي!

پر سڀني ڪنڊن کان، تپت-ڪنڊ جو جل بلڪل باهه جهڙو گرم آهي؛ ايتري قدر جو اتي ڪن ياترين چيو ته جيڪڏهن پٽاٽا يا چانور به، هڪ انگوڇي جي پلوَ ۾ ٻڌي، اهو انگوڇو ١٠ منٽ کن، هن ڪنڊ اندر وجهي بيهجي، ته اهي پٽاٽا يا چانور پچي-رجهي، کائڻ لائق ٿجي ويندا! ليڪن وڏي تعجب جي ڳالهه اِها هئي جو پوءِ به، ايتري گرم جل، اِشنان ڪندڙن جو سرير نٿي ساڙيو. هان، البت ان ۾ گهڙي، ٽٻي ڏيڻ سان دم ضرور ٿي گهٽيو؛ انڪري گهڻو به بهادر آدمي، ٻن منٽن کان وڌيڪ ان اندر ويهي نٿي سگهيو!

هي تپت-ڪنڊ، بدري-ناٿ ايندڙ ياترين لاءِ هڪ وڏو وردان آهي. ڇوته وسندڙ ولهه ۾ ڏڪندو، جڏهن ياتري هن گرم پاڻيءَ جي ڪنڊ وٽ پهچي ٿو، تڏهن ان ۾ هڪ ئي ٽٻي ڏيڻ سان، هوُ بلڪل نئون ٿي وڃي ٿو؛ مڙهس نئين جان پوئي ۽ سندس ڏکي ياترا ڪري اچڻ واري ساري ٿڪاوٽ، ماندگي، ان پل مٽجي وڃي ٿي!

هيڏي سرد آستان ۾، جتي هڪ طرف برف جو ڄميل جل ڪٽي، الڪنندا وهندي رهي ٿي، اتي هيڏو تپت-ڪنڊ هئڻ،

پون منڊ، سڳنڌ سيتل، هم منڊر شوڀيتم؛
نڪت گنگا بهت نرمل، شري بدري ناٿ وشمڀرم!

اُن وقت انيڪ گهنڊن، تالن، ڪرتالن ۽ هٿن جي تاڙين سان سر ملائي، سڀ ياتري پريم وچان ڳائي رهيا هئا، جهومي رهيا هئا!

اُن ڏينهن اسانجي من جي، ورهين کان سانڍيل بدري ڀڳوان جي درشن جي سڌ پوري ٿي. اسانجي جيون جي سڀاڳن ڏينهن مان، اهو ڏينهن هڪ هو!

ڀڪندڙ مدهن ٿي!

اهو ڀاو-ڀريو درشيه پسي، اسان به اتساه ڀاڻي، "جيه جيه" پڪاريندا، بدري ڀڳوان جي درشن لاءِ سڀا-منڊپ ۾ داخل ٿياسين ۽ اتي درشن لاءِ لڳل ياترين جي قطار ۾ بيهجي وياسين!

درشن ڪندڙن جي قطار ۾ اسان ڏٺو ته، ان ۾ هر قسم جا لوڪ، پنهنجن هٿن ۾ وت-وس آهر، پوڄا-پرساد جون ٿالهيون جهلي، آسائتين اکين سان بيٺا هئا. انهن ۾ امير به هئا ته غريب به هئا؛ سنساري به هئا ته سنياسي به هئا؛ گوڙ-ورڻ به هئا ته ڪارا به هئا؛ پرش به هئا ته ناريون به هيون! ڀڳوان جي دوار تي ڌرم- رنگ- ذات جو ڪو ڀيد ڪونه هو؛ هندو، سک، پارسي ۽ مسلمان پڻ درشن لاءِ قطار ۾ بيٺا هئا؛ ڇو ته اسان ڏٺو ته خود اسانجو ٽئڪسي ڊرائيور محمد به، پوڄا جي ٿالهي هٿ ۾ کڻي، گلال جو تلڪ لڳائي، اسانجي اڳيان قطار ۾ بيٺو هو!

ايتري ۾ چوڌاري انيڪ گهنڊ ۽ گهنڊڙيون وڄڻ لڳيون. تڏهن سڀني ياترين جي مک مان هڪ ئي آواز نڪتو: آرتي، آرتي. ان مان اسان سمجهيو ته شايد سنڌيا جي آرتيءَ جو سمو ٿيو آهي!

اسانکي ٻڌايو ويو ته، هت آرتيءَ جو ڪو به مقرر ڪيل وقت ڪونهي. مندر جو مکيه پوڄاري مهاراول (جيڪو آدي شنڪر آچاريه جي هلايل پرمپرا انوسار ڪيرالا جي نمبودري ڪل جو ئي برهمڻ هوندو آهي)، جڏهن انيڪ قيمتي گهڻن، وسترن ۽ گلن سان، ڀڳوان جو سينگار ڪري پورو ڪندو آهي، تڏهن بدري ڀڳوان جي آرتي شروع ٿيندي آهي. بس، پوءِ ته گهڙيءَ اندر ئي شروع ٿيو آرتيءَ جو مڌر گيت:

هڪ دفعي برهم ديو (برهما) پنهنجي ئي اپايل روپونتي ڪنيا تي موهت ٿي پيو ۽ سندس من ۾، پنهنجي ان اٽي سندر، جوپيوت سپتري لاءِ برو خيال پيدا ٿيو.

پتا جي ان بدخياليءَ ڪان بچڻ لاءِ اها ڪنيا پنهنجي بچاءُ لاءِ شو جيءَ جي شرڻ ۾ وئي. برهما جو اهو ناجائز ويچار جاڻي، شنڪر ڀڳوان کي اتس ڏاڍو ڪروڌ آيو ۽ هن يڪدم ونس ڀڃي، تلوار سان، پنج مکي برهما جو پنجون مک (تنهن سمي برهما کي پنج مک هئا، جن سان هو نه صرف سرشٽيءَ جي چئني ڏسائن کي هڪ ئي وقت ڏسي سگهندو هو، بلڪ آڪاش ۾ پڻ جيڪي ڪجهه واپري پيو، سو سڀ پڻ، هو سارو سمو پسي سگهندو هو) ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيو! ليڪن ان وقت هڪ اچرج ڀري ڳالهه اها ٿي، جو برهم-هتيا جي گهور پاپ سبب، برهما جو ڪپيل اهو پنجون مک، شنڪر جيءَ جي ان تلوار واري هٿ کي چنبڙي پيو ۽ ڪيڏي ڪوشش ڪندي به، شو جي، برهما جي ان ڪپيل سسيءَ کان، پنهنجي هٿ کي آجو ڪري نه پئي سگهيو. ان اچنبي جي ڪري، مهاديو ڏاڍو اچي حيران-پريشان ٿيو!

تڏهن ان مصيبت کان مڪت ٿيڻ لاءِ، هو تيئي لوڪ - سرڳ لوڪ، مرتيو لوڪ ۽ پاتال لوڪ - ڦرندو رهيو، پر پوءِ به سندس هٿ برهما جي وڍيل سر کان ڇوٽڪارو پائي نه سگهيو!

آخر مجبور ٿي، شنڪر جي سهايتا لاءِ، وشنو ڀڳوان وٽ وڃي پهتو ۽ کانئس ان وپدا کان ڇٽڻ لاءِ واٽ پڇي. تڏهن شري نارايڻ کيس بدري‌ناٿ ڌام ڏانهن وڃڻ ۽ اتي وهندڙ الڪنندا جي جل ۾، پنهنجو اهو هٿ بوڙڻ جو ڏس ڏنو. ڀڳوان وشنوءَ جي بتايل ان صلاح انوسار، شنڪر جيءَ ائين ئي ڪيو.

بدري ناٿ جي هن پوتر ڪيتر ۾ پهچي، شو جيءَ جيئن

باب چوڏهون

پنڊ دان ۽ پرڪرما!

آڪاش ۾ شانتي هجي؛
وايوءَ ۾ شانتي هجي،
ڌرتيءَ ۾ شانتي هجي؛
جل ۾ شانتي هجي
هر پراڻيءَ کي شانتي هجي؛
اهائي شانتي، هي پريو،
اسانجي هردي ۾ به هجي!

يجر ويد

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ئي، اسان سنڌي يجمانن جو پنڊو، پنڊت دوارڪا پرساد شرما، پنهنجي هڪ نوجوان پٽ سان گڏ، اسانجي رهڻ واري آستان تي پهچي ويو. لنبي سفيد ڏاڙهي، سرير تي صاف سٺري ڌوتي ۽ ڪڙتو پهريل، للاٽ تي لال ٻگهو تلڪ - ان روپ ۾ هو هڪ تپسوي پئي لڳو! واقفيت ڏيڻ بعد، اسان کيس نمي نمسڪار ڪيو. ڪجهه گهڙين جي وارتالاپ ڪانپوءِ، اسان ساڻس گڏ، پنهنجن وڏن جا پنڊ پرائڻ لاءِ، برهم ڪپال طرف هلڻ لڳاسين.

برهم ڪپال، تپت-ڪنڊ کان ڪجهه وکون دور، الکنندا جي ڪناري تي آهي. ان کي برهم شلا به چيو ويندو آهي. پراڻن ۾ برهم ڪپال بابت هن ريت ورنن ٿيل آهي:

آهي، جو هٿ پنڊ دان ڪرڻ کانپوءِ ان ماڻهوءَ کي، پنهنجي فوتي سنٻنڌين لاءِ پڻ ڪنهن هنڌ به— دوارڪا، گيا، ڪاشي، هردوار وغيره— پنڊ دان ڪرڻ جي ضرورت ناهي. نه صرف ايترو، بلڪ هٿ پنڊ دان ڪرڻ بعد، ان ماڻهوءَ کي، ٻڌي مهني جي شرادن وارين ڏينهن سمي، پنهنجي گهر ۾، هر سال ٻراهمڻ دواران، پنڊ دان ڪرائڻو نٿو پوي!

ان ڪانسواءِ هٿ پنڊ پرائڻ جي ريت ٻه، ايتري ته سرل ۽ مختصر آهي، جو هرڪو ياتري (پنڊ دان ڪندڙ) پنهنجي پتا شڪتيءَ انوسار، پنڊ پرائيندڙ ٻرهمڻن کي دان دکشنا ڏئي ٿو ۽ ان لاءِ ڪانئس ڪنهن به قسم جي گهر نٿي ٿئي؛ نڪي سندس انهن ٻراهمڻن سان ڪا کٽ-پٽ ٿئي ٿي! هٿ پنڊ دان ڪرڻ لاءِ، الڳ الڳ ماڻهوءَ لاءِ رسم نٿي ڪئي وڃي. جنهن کي به پنڊ دان ڪرڻو هجي، سو ڪيڏي مهل به، قطار ۾ ويهي سگهي ٿو. اِنڪري صبح کان وٺي شام تائين. پنڊ دان ڪندڙن جا ٽولا، پنهنجو اِهو ڪاريه سماپت ڪري، هلندا رهن ٿا. اسان به ٻين وانگر ئي، هڪ ٽولي ۾ ويهي، پنڊ دان جي ڪريا، ترت سماپت ڪئي.

ان کانپوءِ اسان ٻرهم ڪپال جي پرسان ئي ٻين پنجن پوِتر شلائن— نارد شلا، گرڙ شلا، نرسنگهه شلا، واراها شلا ۽ مارڪنڊيه شلا— جو درشن ڪري، پنهنجي پنڊي دوارڪا پرساد سان گڏ، وري بدري ڀڳوان جو درشن ڪرڻ لاءِ، مندر ۾ آياسين.

مندر ۾ اسانجي پنڊي، جو هڪ ڪافي وڏو ودوان پنڊت هو، اسانکي بدري ڀڳوان جي باري ۾ اِها وارتا ٻڌائي ته جڏهن ڪئين صديون اڳ، هن علائقي ۾ ٻوڌي مت جو زور هو ۽ بدري ڪيتر ٻڌ ڌرم جو هڪ مکيه مرڪز هو، تڏهن ڪن ٻوڌين، بدري ڀڳوان جي هيءَ مورتي، هن مندر مان هٽائي،

ٿي الڪنندا ۾ پنهنجو اهو هٿ وڌو، ته برهما جي ڪٽيل سِر کان، اهو يڪدم آجو ٿي ويو!

الڪنندا جي جنهن هنڌ اهو ڪوتڪ ٿيو هو، ان آستان جو نالو ٿي ڌرجي ويو: برهم ڪپال!

پراڻن ۾ ان وزن سان ڳڻ، اها ڳالهه به چٽي وئي آهي ته جنهن مرئيو-پراڻيءَ جو هن هنڌ پنڊ دان ڪيو ويندو، سو پڻ سڀني پاپ-ڪرمن کان مڪت ٿي ويندو ۽ ان موڪش پائڻ ڪــانپوءِ، هو وئڪنٺ ۾ جڳهه پائيندو. انڪري پنڊ دان لاءِ، بدري نــاٿ ڌام، سڀني پوتر آستانن ۾ سريشٽ مڃيو وڃي ٿــو!

برهم ڪپال وٽ پهچي، شرڌالو ياتري، نــه صرف پنهنجي فــوت ٿيل ماتا، پتا، ڀائرن، ڀينرن، پتني ۽ ٻين ڪٽنب جي ڀاتين جــي نمت پنڊ ڀرائــي سگهي ٿو، بلڪ هو پنهنجي ساري ڏاڏاڻــي، ناناڻي، ساهري ڪل، توڙي پاڙي--اوڙي ۽ ڳوٺ جي مُري ويل ماڻهن پــاران پڻ، پنڊ دان ڪري، انهن کي به، جوڻين جي چڪر کان مڪت ڪرائي، ديو لوڪ پهچائي سگهي ٿو!

پراڻن انوسار، هن سنسار مــان سڌارجي ويل جيو، ان پنڊ دان لاءِ پنهنجي ونش وارن جي راهه تڪيندا رهندا آهن.

اسان ٻنهي بــه ان ڏينهن پراڻن ۾ ڏنل ان آديش جو پالن ڪيو ۽ پنهنجن وڏن ڏانهن اهو فرض نڀاهي، انهن پــاران پاڻ مٿان رهيل اهو اهم قــرض چڪايو. ان وقت پنهنجن گــذري ويل عزيزن سان اها آخرين موڪلاڻي ڪندي، اسانجو من ڀرجي آيــو!

... ...

برهم ڪپال وٽ پنڊ دان ڪرڻ جي هڪ خوبي اها بــه

مندر جي آڳڙ ۾، لڪشمي ديويءَ جي ننڍي مندر جي لڳو لڳ، شري هنومان جيءَ جو مندر هو ۽ وري انهيءَ پڙ ۾ ئي آدي گرو شنڪر آچاريہ جي وشال مورتيءَ وارو مندر هو، جنهنجي آڏو اچي، هر ڪنهن ياتري، آدر ۽ شرڌا سان سر پئي جهڪايو. ان مهان آتما جي يتن سان ئي، ياترين کي بدري ڀڳوان جو درشن ڪرڻ جو سؤڀاڳيہ پراپت ٿيو هو!

بدري ڀڳوان جي مورتي استاپن ڪرڻ ڪانپوءِ، آدي گروءَ ڀارت جي اکنڊتا لاءِ هڪ نيم اِهو بہ مقرر ڪيو هو تہ بدري ڀڳوان کي روز اِشنان ڪرائڻ لاءِ، راميشور وٽان، ٽن ساگرن جي ميلاپ وارو جل آندو وڃي. هڪ ٻي ريت آدي گروءَ اِها ٻڌائي هئي تہ، بدري ڀڳوان جي روز ٻہ ڀيرا آرتي، ڪيرالا جو نمبودري براهمڻ ئي ڪندو!

... ...

اِئين بدري ناٿ مندر جي پرڪرما پوري ڪري، اسان جڏهن ٻاهر آياسين، تہ اسانجو پنڊو دوارڪا پرساد، ڏاڍي پريم سان، اسانکي ڀوڄن ۽ وسرام لاءِ پنهنجي گهر وٺي هليو.

دوارڪا پرساد جو گهر، بدري ناٿ نگر جي چيڙي تي هو ۽ اوستائين پهچڻ لاءِ، اسانکي بدري ناٿ جي هڪ ئي ڊگهي ۽ سوڙهي بازار مان لنگهڻو پيو. ان بازار جي ٻنهي پاسي، بدري ڀڳوان تي ڀيٽ چڙهائڻ لاءِ قسمين قسمين پرساد جون ٿالهيون ۽ ياترين کي ڪشش ڪرڻ لاءِ، ٻيون بہ انيڪ وستون سجائي رکيل هيون.

پنڊت دوارڪا پرساد جي گهر وارو ڀوڄن ساتوڪ ۽ سوادي تہ هوئي، وري جيئن تہ اسان اهو گهر جو ڀوڄن، اٺن ڏينهن ڪانپوءِ ڪري رهيا هئاسين، تنهنڪري اسانکي ان ڀوڄن ڪرڻ سان خوب آنند آيو!

سامهون الڪنندا جي جل ۾ اڇلائي ڇڏي هئي، جيئن هندو ڌرم وارا، ڀڳوان بدريءَ جي پوڄا-آراڌنا لاءِ هيستائين نه اچن!

پر پوءِ جڏهن آدي شنڪر آچاريه، هندو، ڌرم ۽ انهن جي پوتر تيرٿ آستانن جي رکيا لاءِ، ڀارت جو رٽن ڪندو، جوشي مٺ کان هت اچي پهتو، تڏهن هن ڀڳوان جي مورتيءَ کي الڪنندا جي ٽري مان ڪڍي، انکي وري مندر ۾ استاپن ڪيو هو!

ان بعد پنڊت دوارڪا پرساد، اسانکي مندر جو سيا گره ۽ گرڀ گره ڏيکاري، بدري ڀڳوان جي دربار ۾ وٺي هليو. اتي پهچي هن اسانکي ٻڌايو ته ڀڳوان جي ساڄي پاسي وينل آهن: اڌو (سندس پيارو مترِ)، ڪبير (ديوتائن جو ڌن-پتي)، گڻيش مهراج (ديوتائن جو شرومڻي) ۽ گرڙ (ڀڳوان جو واهڻ)؛ ۽ سندس کابي طرف وينل آهن: نارد-مني (ڀڳوان جو پرم ڀڳت)، اِندر (ديوتائن جو راجا)، نر-نارايڻ (ڀڳوان جا ٻه اوتاري روپ). هنن سڀني کي گڏيءَ، ”بدري پنچايت“ چيو ويندو آهي.

ان وقت پنڊت دوارڪا پرساد اسانکي اِهو به ٻڌايو ته ماتا لڪشميءَ کي هت، سندس پتي وشنو ڀڳوان کان الڳ ڪري، ٻاهر مندر جي آڳنڌ ۾ نهيل، هڪ خاص مندر ۾ براجمان ڪيو ويو آهي؛ ڇو ته هن ڪيتر کي ڀڳوان جي تپ-ڀومي مڃيو ويچي ٿو، اِنڪري هت ڪيس پنهنجي ارڌانگنيءَ کان الڳ رهڻو پوي ٿو.

مندر جي اندر، پاسي کان اکنڊ جوت جلي رهي هئي؛ اها جوت آدي شنڪر آچاريه جڳائي ويو هو ۽ اڄ تائين اها اِئين ئي جلندي رهي ٿي؛ ايتري قدر جو سياري ۾ جڏهن مندر جا دوار بند ڪري، مهاراول ۽ بدري مندر جا ٻيا سڀ شيوڪ، جوشي مٺ ڏانهن هليا ويندا آهن، تڏهن به اها جوت، سندن ڇهن مهنن کانپوءِ واپس اچڻ تائين جلندي رهندي آهي!

هت آيو هو ۽ هن اهي هت اچي براجمان ٿيون هيون. ڪرشڻ ڀڳوان جي انهن چاڪرين جي اڄ ڏينهن تائين هت پوڄا ڪئي ويندي آهي!

ان کان بعد شاڪيه، مني گوتم ٻڌ هت پڌاريو هو ۽ اتهاسڪارن جي لکڻ انوسار، ڪنهن سمي هي آستان ٻوڌي ڌرم جي ڦهلاءَ جو مکيه مرڪز هوندو هو. پوءِ جڏهن سن ٨٨٧ع ۾ آدي گرو شنڪر آچاريه، سپني ۾ ڏنل ڀڳوان بدري جي آديش انوسار، سندس مورتي استاپن ڪرڻ لاءِ هت اچي پهتو، تڏهن سندس گيان جو تيج ڏسي، هت رهندڙ سڀ ٻوڌي ڀڪشو، هتان پنهنجو لڏو پٽي، تبت طرف هليا ويا هئا!

ان کانپوءِ بدري‌ناٿ، هندن جو مهان تيرٿ-آستان بڻجي پيو آهي ۽ هر سال هزارين ياتري ڀڳوان بدريءَ جي درشن لاءِ هت ايندا رهن ٿا. انهن عام ياترين کانسواءِ، ڪيترائي هندو راجائون پڻ، وقت به وقت هت ايندا رهندا آهن ۽ انهن هن مندر لاءِ، ڌن جي خوب سهايتا پڻ ڪئي آهي. هاڻوڪو مندر به، اڄ کان اٽڪل چار سؤ سال اڳ، نيپال نريش نئين سر جوڙايو هو؛ ڇو ته برف جي طوفانن لڳڻ سبب، هي مندر ڪئين دفعا ڀڄندو ۽ ٺهندو پئي رهيو آهي!

اِتي بدري‌ناٿ بابت ڪٿائن-وارتائن جو باب سماپت ڪندي، پنڊت دوارڪا پرساد چيو: ”بدري‌ناٿ جو اتهاس ڏاڍو روچڪ آهي. ان جون انيڪ وارتائون آهن! هاڻي هلو ته توهانکي بدري‌ناٿ نگر جي پرڪرما ڪرائي اچان. توهان نر-نارايڻ جو به درشن ڪريو، جن جي وڏي اهميت آهي. ڀڳوان بدريءَ جي درشن سان گڏ، ياتري انهن ٻنهي جو به ضرور درشن ڪندا آهن!“

نر-نارايڻ جو ذڪر اسان مهاڀارت ۾ پڻ پڙهيو آهي؛ انجي شروعاتي شلوڪن ۾، مني ويد وياس لکيو آهي: ”مان نارايڻ

پوڄن ڪرڻ بعد، اسان پنڊت دوارڪا پرساد کي وينتي ڪئي، ته هو اسانکي ٽوري ۾ بدري ناٿ پوريءَ بابت، پنهنجيون-پڙهيل-سڻيل ڪي ڪٿائون ٻڌائي.

اسانجي ڳالهه مڃي دوارڪا پرساد پهرين پهرين اسانکي جيڪا هڪ پراڻ-ڪٿا ٻڌائي، سا هن ريت هئي:

منش جاتيءَ مان، سڀ کان اول منو مهراج بدري ناٿ آيو هو. جڏهن ڀڳوان وشنو، متسيه (مڇي) جو روپ ڌارڻ ڪري، پرٿويءَ تي پڌاريو هو، تڏهن پرلئه کان بچائڻ لاءِ، هن منو مهراج جي ٻيڙي کي، پنهنجي پنيءَ تي کڻي، هت آڻي بيهاريو هو. ان ٻيڙيءَ ۾ منو مهراج سان گڏ ست رشي-وشست، ڪيشپ، انتري، جمدگني، گوتم، وشوامتر ۽ اگست پڻ هئا. انهن ستن رشين ئي، پنهنجي سڌي ٻل سان، راجا ڀاڳيرٿ جي سرڳ کان آندل گنگا جي ڌارا کي روڪيو هو. هن گنگا جي ڌارا کي مڪت ڪرڻ لاءِ، راجا ڀاڳيرٿ کي اهو شرط وڌو ته، جيسين گنگا جي اها ڌارا، سندن چرڻن ۾ اچي، انهن جي چرڻن کي سپرش نه ڪندي، تيسين هو انکي مرتيو لوڪ ڏانهن وڃڻ نه ڏيندا! تڏهن انهن ستن رشين جي اها اڇا پوري ڪرڻ لاءِ، گنگا جي هڪ ڌارا، ستن ڌارائن ۾ ورهائجي وئي هئي. انهن ستن ڌارائن، جڏهن، سڀني رشين جا چرڻ ڇهي، پرڻام ڪيو، پوءِ ئي گنگا، وري هڪ ڌارا بڻجي، پرٿوي ڏانهن وڌي هئي!

ان ڪانپوءِ دوارڪا پرساد اسانکي ٻڌايو ته منو مهراج بعد، پنج پانڊو پاڻ دروپديءَ سميت، ٻارهن ورهين جي بنواس ڪال ۾، گهمندا-ڦرندا هت اچي پهتا هئا. انهن کانپوءِ ڀڳوان ڪرشڻ جو گهرو متر اڌو، ديوڪي-نندن جي پرٿويءَ تان انترڌيان ٿيڻ کان اڳ، سندس چاکڙيون کڻي، دوارڪا کان هلي،

باب پندرهون

ساڌو-مهاتمائون!

ساڌ-سنگت سان ايشور لاءِ اُڪير پئدا ٿئي ٿي؛
انهي درشن لاءِ من ۾ اتڪنٺا وڌي ٿي؛
ست ۽ آستيہ جي ڀيد جي ساڃهہ پوي ٿي؛
آدميءَ جي وويڪ - ويچار ۾ انتي ٿئي ٿي؛
ان طرح ساڌو-مهاتمائون پرماتما سان گڏجائيندا آهن!

رمڻ مهرشي

ان ڏينهن منجهند ڪانپوءِ، پنڊت دوارڪا پـرساد اسانکي پهرين ٽيپت-ڪنڊ جي لڳولڳ، هڪ ننڍڙيءَ پهاڙي غفا ۾ وٺي هليو، جتي اسان مؤني بابا جو درشن ڪيو.

مؤني بابا، پنهنجي بلڪل ننڍڙي غفا جي منهُ وٽ ويٺي، سڄو وقت الڪنندا جـي درشن ڪرڻ سان گـڏ، ٽيپت-ڪنڊ وٽ، اشنان لاءِ ايندڙ ياترين جـي انمت ڌارا ۾، ڏاڍي پرسنتا سان ڏسي رهيو هـو. جڏهن انهن مـان ڪن ياترين، سندس نـزديڪ وڃي، آدر سان ڪيس پرڻام پئي ڪيو، تہ هن صرف پنهنجي مڌر مرڪ سان، ان جي موٽ پئي ورائي!

اڄي اسان ٻڌو تہ هي مؤني بابا ڪجهہ ورهيہ اڳ، اچانڪ الاجي ڪٿان هليو، هت اچي نڪتو هو ۽ هن اها غفا اچـي وسائي هئي. ڪنهن بہ ڪيس ڪڏهن ڳالهائيندو يا ڪجهہ چوندو نہ ٻڌو هو. هو ڳالهيون-شنڪائون سيني جون سٽي رهيو هو،

۽ نر کي پرڻام ڪريان ٿو ۽ هيءَ جيءَ-گاٿا لکڻ آرنڀ ڪريان ٿو."

انهن ورات نر-نارايڻ پربتن جي سنمک پهچندي، پنڊت دوارڪا پرساد اسانکي ٻڌايو: "ڪنهن سمي هن ڀومي ۾ ته صرف ديوتائون ئي واس ۽ تپ ڪندا هئا. تڏهن هڪ دفعي، سهسر ڪوچ نالي هڪ دئيت هتي اچي پهتو. هو سڀني ديوتائن کي ڏاڍو تنگ ڪري، سندن تپسيا ۾ رخنو وجهڻ لڳو. ان وپدا کان پريشان ٿي، جڏهن سڀني ديوتائن گڏجي ڀڳوان وشنوءَ کي، رکيا لاءِ وينتي ڪئي، تڏهن ديوتائن جي آرادنا سٽي، ڀڳوان پنهنجي پريه متر نر سان گڏ، هت پڌاريو هو. هنن ٻنهي گڏجي، سهسر ڪوچ دئيت سان خوب لڙائي ڪئي ۽ آخر کيس ماري وڌائون. ان ڏينهن کانپوءِ هو ٻيئي، ڌرم جي رکيا ڪرڻ لاءِ، هنن پربتن جو روپ ڌاري، سدا واسطي هن بدري کيتر ۾ رهيا پيا آهن!"

ان وقت پنڊت دوارڪا پرساد اسانکي وڌيڪ اِهو به ٻڌايو: "هنن ٻنهي مترن- نارايڻ ۽ نر- جنم جنم ۾ گڏ رهڻ جو سنڪلپ ڪيو آهي؛ تنهنڪري دواپر يگ ۾ جڏهن ڀڳوان وشنوءَ، ڪرشڻ جي روپ ۾ جنم ورتو هو، تڏهن ڌرم جي رکيا ۽ اڌرم جي ناس ڪرڻ لاءِ، ارجن جي روپ ۾، نر به پرٿويءَ تي آيو هو!"

هيئن ته اسان صبح جو سوير کانوٺي، هلي هلي ڪافي ٿڪجي پيا هئاسين، تنهنڪري ڪجهه وقت پنهنجي ڪمري ۾ وڃي، ليٽي آرام ڪرڻ ٿي چاهيوسين. پنهنجي اِها اِڇا، جڏهن اسان پنڊت دوارڪا پرساد کي ٻڌائي، ته هن اسانکي چيو: "بلاشڪ، هاڻي توهان ڀلي پنهنجي نواس آستان تي وڃي آرامي ٿيو. ٻن ڪلاڪن کن کانپوءِ، مان توهان وٽ اچي، توهان کي هت رهندڙ ڪن خاص سادن-مهاتمائن جو درشن ڪرائڻ لاءِ وٺي هلندس."

انهن ڇهن مهنن جي پوري ٽيڻ ڪانپوءِ، جڏهن ٻدري ناٿ مندر جا دوار، ياترين جي درشن لاءِ کلندا آهن، تڏهن پرمانند جيءَ جو اهو شش ٻه، هٿ اچي پهچندو آهي ۽ گروءَ جي ڪٽيا جي دوار وٽ جمع ٿيل برف جا ڍير هٽائي، ڪٽيا ۾ داخل ٿي، ڪاٺ جي پيٽيءَ اندر سماڌيءَ ۾ ليين پنهنجي گرديو کي پرڻام ڪري، سڄاڳ ڪندو آهي! سرڪاري عملدارن ۽ ملٽريءَ جي مهندارن، پرمانند جي مهراج کي ان آپگهاتي ڪوشش کان روڪڻ لاءِ، ڪيترائي پيرا ڪيس اتان هٽائڻ جا يتن ڪيا آهن، پر هيءُ اؤڌوت انهن جي هڪ ٻه نه ٻڌندو آهي، هوُ پنهنجي اشٽ کان هڪ ڏينهن به جدا رهڻ نٿو چاهي! ان پرتاب ڪارڻ، چؤڌر سنڌس تمام گهڻي ڪيرتي ڦهليل آهي ۽ وڏن ڀاڳن وارن کي ئي سندس درشن نصيب ٿيندو آهي؛ ڇو ته ڏينهن جي وقت هوُ پنهنجي ڪٽيا ڇڏي، آس-پاس وارن ٻنن ۾ وڃي گهاريندو آهي؛ اسين به اڄ سندس ڪٽيا طرف هلي، پنهنجي قسمت آزمائي ٿا ڏسون!

... ...

شايد اسانجا ڀاڳ ڀلا هئا، جو اسانکي پرمانندجي مهراج ان ڏينهن پنهنجي ئي ڪٽيا ٻاهران، اس جي ٽڙڪي ٽي، پٿر جي هڪ وڏي ڇپ ٽي، لنبو ٿي ليٽيل نظر آيو! سفيد ڏاڙهي، لنبو قد، سگهارو سرير؛ سواءِ هڪ لنگوٽ جي، سندس باقي بت سڄو اگهاڙو هو!

جيتوڻيڪ ان وقت تمام ٿڌي هوا لڳي رهي هئي ۽ اسان کي ان کان بچاءُ لاءِ، سرير ٽي گهٽ ۾ گهٽ ڇهه ڇهه وستر- گنجي، قميص، سويٽر، ٻه ڪوٽ، شال وغيره پيل هئا، تڏهن به هيءُ المست يوڳي، بلڪل بي پرواهه، ننگي بدن سان، کلئي آڪاش هيٺ آهليل هو! سندس اهو اڪيلو شش به، هنجي پر ۾

ٻر انهن جي ورنديءَ، صرف پنهنجي مڌر مرڪ سان ٿي ڏنائين! مؤني بابا بلڪل پرسن-چت مهاتما جو ۽ سارو سمو مرڪندو ٿي پئي رهيو. جگياسن کي پاڻ وٽان اٽڻ مهل، هن هٿ ٻڌگهيڙيءَ، ڪين من سان ڀرپور آسيس ٿي ڏني! هوُ پئسي-ڏوڪڙ جي ويجهو ٿي نه هو ۽ ڪنهن به ياتريءَ کان دان سويڪار نٿي ڪيائين. سندس هردو ايترو ته آنند سان ڀريل هو، جو انجي جهلڪ، سندس تپسوي مک مان پسڻ ۾ پئي آئي!

ان بعد پنڊت دوارڪا پرساد اسانکي الکنندا جي هن پار، پئي هڪ پرياوشالي سادوءَ وٽ وٺي هليو، جو اتاهينءَ ٿي پنهنجي ڪٽيا اڏي، ڪيترن سالن کان، پنهنجي هڪڙيءَ ٿي شش سان گڏ، اتي گهاريندو هو. سندس نالو هو: پرمانندجي اوڌوت!

اوڏانهن هلنديءَ، پنڊت دوارڪا پرساد اسانکي وات ٿي ٻڌايو ته، پرمانندجي مهراج هڪ مها-تپسوي سادو آهي ۽ پنهنجي ان تپ-ٻل سان هوُ ٻارهان ئي مهنا، ٻدري کيتر ۾ رهندو آهي. هن اهو به ٻڌايو ته، جڏهن سياري شروع ٿيڻ سان، ٻدريناٿ مندر بند ٿي ويندو آهي ۽ ساري ٻدري پري ماڻهن کان بلڪل خالي ٿي ويندي آهي، تڏهن به هي مهاتما پنهنجي ڪٽيا نه ڇڏيندو آهي ۽ اندر بند ٿي رهندو آهي؛ اڪيلو ئي اڪيلو! خود سندس هڪڙو ئي شش به، گروءَ جي آگيا وٺي، سياري جا ڇهه مهنا (نويمبر کان اپريل تائين) ڪاٽڻ لاءِ، جوشي مٺ ڏانهن روانو ٿي ويندو آهي! سال جا اهي ڇهه مهنا، پرمانندجي، هڪ آدم قد ڪاٺ جي پيٽيءَ اندر بند ٿي، ڪٽيا ۾ ئي ليٽيو پيو هوندو آهي؛ ڇو ته ان عرصي ۾ سندس ڪٽيا جو هڪ ئي ننڍو دوار پڻ، هيٺ لڳاتار پوندڙ برف سان ڍڪجي، بلڪل پورجي ويندو آهي!

سندس عزيزن-سنبنڌين جو ڪو پريوجن ڪونهي؛ جيڪڏهن اوهان زال کي ڇڏيو ته مان روز ٻه سؤ پيرا ڀڳوان جو نالو وٺندو آهيان، ته ان ۾ ڪيس ڪا به دلچسپي نه هوندي آهي. ڪيس گهر-گرهستيءَ جو ڪاروبار هلائڻ لاءِ صرف پئسا-ڏوڪڙ ئي کپن؛ هن جو توهانجي ڀين مشغولين سان ڪو مطلب ڪونهي! اِهو ڀڳوان ۽ توهانجي وچ ۾ سڌو رشتو آهي؛ جيترو توهان سائنس وڌيڪ ناتو رکندا، گهري پريت جوڙيندا، اوترو اوهانکي وڌيڪ لاڀ ٿيندو! هن دنيا ۾ ٻيءَ سڀ لالچ ٻري آهي، پر ايشور جي نالي جو لوڀ بڇه ٻرو نه آهي؛ اها لالچ سٺي آهي!"

اسان ٻڌا ڪجهه ڪڇڻ جي، ماٺ ئي پرمانند اؤڌوت جا وچن سڻي رهيا هئاسين.

هن وري ڇوڻ شروع ڪيو: "ڏسو، هت ڀڳوان جي در تي ٻڪاري ٻه ڪيترو نه سنتوشي آهن! توهان کين ڪجهه ڏيو يا نه ڏيو، ته به هو اوهانکي خوب آسيس ڪندا. ڪي ته دورڳو ڏيڻ تي به، ڪڏهن ڪان ڪجهه وٺڻ کان اِنڪار ڪن ٿا! توهانکي اصل ٻڪاري شهرن ۾ ملندا؛ هو ڀڳوان کان لک گهرندا رهن ٿا؛ پر انهن جي ملڻ ڪانپوءِ به، وٽن نه پرسنتا هوندي آهي ۽ نه سنتوش! حقيقت ۾ وڏا فقير ته اهي آهن! ليڪن مزو وري اِهو آهي جو اهي ئي ماڻهو هت رستي جي پاسي ۾، ياترين کان ڪجهه ملڻ جي آس لڳائي ويٺلن کي فقير يا پينو چون ٿا!"

اسان پوءِ به چپ رهياسين.

ان بعد پرمانندجي مهراج ٻه منٽ کن خاموش رهيو. پوءِ وري ٻولياٺين: "سچ ته نام-سمرڻ ئي مهان ڌن آهي؛ اهو بيحد سکدائي آهي. توهان ان طرف پنهنجو من وڌيڪ لڳايو.

ويٺو هو.

اسانجي اچڻ جي آهٽ ٻڌي، پرمانند جي مهراج پنهنجيون ٻوٽيل اکيون کوليون، ٿورڙو اٿي، ان وڏي ٻٽر جــي چپ کي ٽيڪ ڏيئي ويٺو. اسان جهڪي، کيس پــرڻام ڪري، سندس سامهون، ٻرپرو ٿي ويناسين. ڪي پل ائين شانتي ڇانئي رهي؛ پوءِ پرمانند مهراج وارتالاپ شروع ڪيو:

”اوهين ڪٿي رهندا آهيو؟“

”ٻمبئي ۾.“

”اتي ڇا ڪندا آهيو؟“

”نوڪري.“

”هت گهمڻ آيا آهيو؟“

”نه، ڀڳوان جو درشن ڪرڻ!“

”واه! ڏاڍو سٺو! ڀڳوان کي روز ياد ڪندا آهيو؟“

اسان چپ رهياسين.

”پرارٿنا ڪرڻ ايندي اٿوَ؟“

اسان وري به چپ رهياسين.

”ڪا به پرارٿنا ڳائي ٻڌايو.“

”ڳائڻ نه ايندي آهي“ اسان ورائيو.

”پرواه ناهي؛ کڙي به سر ۾ هجي!“

اسان پوءِ به چپ وينا رهياسين!

”جيڪڏهن ٻن منشن جي پرارٿنا جئي نٿا سگهو ته پرماتما جو سمرڻ ڪيئن ڪندا آهيو؟“

اسان چپ.

”ايشور کي پڪارڻ ايندو اٿوَ؟“

اسان ڪجهه، نه چيو.

”ڀڳوان جو سمرڻ هر منش جي نجي پونجي آهي؛ ان سان

مهاتمائن جو ميلاپ اِئين ٿـي ٿيندو آهي؛ اچانڪ، بنا ٽمڪ، ٽهل، موقعي جي!

اسان ڪن سرلا ڪري، سندن گفتگو ٻـڌي رهيا هئاسين. جيئن ته هوُ هنديءَ ۾ ٿـي ڳالهه-ٻولهه ڪري رهيا هئا، تنهن ڪري اسانکي هيڪاري گهڻي خوشي ٿي. سندن وچ ۾ وارتالاپ لوڪن جي وهنوار، وشواس ۽ مريادا بابت هلي رهيو هو. انهن ۾ جيڪو گيڙو وسترن وارو مهاتما هو، سو شايد ولايت جـي ڪيترن ملڪن جو ڀ رَمڻ ڪري آيو هو؛ اتان جي ماڻهن جي وشواس-وهنوار جـا حوالا ڏيئي، عيسائين ۽ ٻـوڌين ڪـي ڏاڍو ساراهي رهيو هو؛ انهن جـي ڀيٽ ۾ هوُ هندن کـي، سندن ڇلت-ڇلت ۽ ڌرمـي ريت-نيت جـي ڪوڪلائپ لاءِ، نندي رهيو هو؛ هندن جـي مريادا-رهت ۽ اڌرمي وهنوار تـي، هوُ سخت جلهه ڪري، سندن پشچمي نقل جـي نيتيءَ تـي نڪتچيني ڪري رهيو هو. ان ٻي هن ۽ جٽاداري سادوءَ جي وچ ۾ خوب گرما گرم بحث اچي چڙيو هو. ليڪن ٻوءِ ٻـ ٻنهي جي سڀاءُ ۾ وڏو فرق هو. گيڙو وسترن وارو سادو، رڪـي رڪي ڪروڌ ۾ ٻـرجي، لال-پيلو ٿئي ٿيو؛ پـر جٽاداري سنياسي اِئين سيتل هو، جيئن الڪندا جو جل! هوُ سارو وقت مٺڙ، مڪت مرڪ مرڪي رهيو هـو ۽ وچ وچ ۾ "سري رام، سري رام" پڻ چوندو پئي رهيو! سندس مک تي رنج، ڪاوڙ يا ڏمر جو ڪو اهڃاڻ ڪين پئي نظر آيو!

اِئين ته اسان پنهنجي جيون ۾، سوين آدمين کـي ڪلندي ڏٺو آهي، پر جيڪا مـرڪ تنهن ڏينهن اسان، ان جٽاداريءَ جي تيجسوي مک تـي ڏٺـي، اهڙي معصوم ڪل اسان ورلي ڪڏهن ڏٺي آهي! سندس ڳالهائڻ به ايترو ته سرل ۽ آنندائي هو، جهڙو ڀهاڙي جهرڻو! هن ڪنهن به ڳالهه بابت گهڻي واد-

هتان اهو پڙن ڪري ويو. هت اچي ڀڳوان جي درشن ڪرڻ جو، گهٽ ۾ گهٽ اهو ڦل ته نڪرڻ گهرجي!"

اِن ڪانپوءِ وارتالاپ اڳتي ڪين وڌيو. اوڌوت مهراج پنهنجي ڌيان ۾ ليِن ٿي ويو. ٽڌهن سندس مک ڏانهن ڏسي، اسان پروڙيو ته مهراج جو چت اچانڪ ٻئي طرف هليو ويو آهي! اِنڪري اسان به ڌيري ڌيري اٿان اٿي، سندس چرڻن ۾ پرڻام ڪري، پوئتي موٽياسين!

... ...

پرمانند اوڌوت جي اونچي آستان تي اڏيل ڪٽيا کان هيٺ اچي، جڏهن اسان الڪنندا جي ڪناري لڳ آياسين ته ڏٺوسين ٿورو دور، هڪڙا چار ساڌو، ننڍو گول ناهي، هڪ هنڌ ويٺا هئا ۽ پاڻ ۾ ڪجهه وارتالاپ ڪري رهيا هئا. منجهائن هڪ ننگو ساڌو هو، هڪ جٽاڌاري؛ هڪ ڪنبلن وارو ناٿ-مت جو ۽ هڪ گيڙو وستر ڌاري سنياسي. انهن چئن ساڌن جي هن اوچتي گڏجاڻيءَ کي اسان پنهنجو سڀاڳيه سمجهيو ۽ خوش ٿي، سندن وارتالاپ ٻڌڻ لاءِ، وڃي انهن جي ڀرسان، وڃي ويٺاسين.

انهن ساڌن اسانجي، پنهنجي ويجهو ويهڻ تي ڪو به اعتراض ظاهر نه ڪيو. هنن صرف هڪ پل لاءِ ڪنڌ ورائي، اسان تي درشٽي وڌي ۽ وري پنهنجي وارتالاپ ۾ لڳي ويا. پوءِ پنهنجي ان وارتالاپ ۾ هو ائين محو ٿي ويا، ڄاڻ ته چارئي ڄڻا، مقرر ٿيل ميٽنگ ۾ آيا هئا! جيتوڻيڪ حقيقت ۾ اهڙي ڪابه ڳالهه ڪانه هئي؛ ڇو ته سندن ڳالهه-ٻولهه مان اهو به ظاهر پئي لڳو، ته هنن جي هڪ ٻئي سان ڪابه واقفيت ڪانه هئي ۽ هو سڀ اِئين اتفاق سان اچي گڏيا هئا. هو الڳ الڳ آستانن تان، ان ڏينهن ئي، بدري ناٿ ۾ آيا هئا. ساڌن-

سوين چنڊ نڪري آيا هئا! چندرما جو اوجل، سيتل پرڪاش، جڏهن هماليه جي برفاني چوٽين تي پئي پيو، تڏهن هماليه جي چوٽين جڻ آرسين جو ڪم پئي ڪيو ۽ انهن جي اولڙي سان، بدري‌ناٿ جي ساري وادي روشنيءَ سان ٻهڪي رهي هئي! ان وقت ائين پئي لڳو ته جڻ هيرن جي کاڻ ۾، ڪنهن اچانڪ بتي ڪٽي جلائي هئي!

ان اڳاڌ شانت سان، بدري‌ناٿ نگري، پسانءِ پرين جي کاٽين ۾ ورن تيل ننڊ ولائت جيان پئي پاسي! دور دور تائين، جيسين نظر پئي وڃي، تيسين هرڪا وستو، ٻهڪندي پئي ڏسڻ ۾ نظر ۾ آئي؛ ڄڻ ڪنهن طلسمي لڪڙيءَ سان سپرش ڪري، سڀني چيزن جو رنگ-روپ ئي مٽائي ڇڏيو هو!

هڪ ته رات جي سن، ٻيو هي سُڌ-ٻُڌ ڀلائيندڙ درشيه؛ سو اسان ٻيئي ڳپل سمي تائين، ڪڙاڪي جي سرديءَ جي باوجود، اتي ترسي، اهو ماياوي درشيه پسندا رهياسين!

تپسوي هماليه جو اهو آنند-روپ پسي، اسان ان رات پاڻ کي ديو-لوڪ ۾ پهتل پاتيو!

ووادَ ڪرڻ يا دليل ڏيڻ بجاءِ، پنهنجي انڀو مان، مثال ۽ درشٽانت پئي ٻڌايا. انهن جو جواب ڏيڻ، گيڙو وسترن واري سادوءَ لاءِ ناممڪن ته نه، پر ڪٺن اوس هو!

اسانکي سادن جي ان وارتالاپ مان خوب موج اچي رهي هئي. اتي اسان کانسواءِ، ٻيا به ٻه‐چار جگياسو، پريان ويهي، اها اڌياتمڪ گفتگو ٻڌي رهيا هئا.

ليڪن هاءِ! اسانجي ان آنند جي عرصي، گهڻو جٽاءُ نه ڪيو! اهي چارئي سادو، اچانڪ اتان رواني ٿيڻ لاءِ اٿي بيٺا ۽ اسانجي ڏسندي ئي، اکين کان جهٽ اوجهل ٿي ويا! تڏهن اسان دل ئي دل ۾ چيو: ”ها پيائي، سادن ۽ مينهن کهڙا ميلا!“

... ...

ان رات بدري‌ناٿ ۾ اسان ٻي هڪ اهڙي گهٽنا ڏٺي، جنهن جو پرڀاو زندگيءَ ڀر اسانکان وسرڻو ناهي!

گهڻي ولهه سبب جڏهن اسانکي ان رات جو ننڊ ئي نه پئي آئي، تڏهن آڌي رات جو اسانجي من ۾ اها اڇا جاڳي ته هن اڳاڌ شانت ۾، پنهنجي ڪمري مان ٻاهر نڪري، رات جي ايڪانت ۾، مها‐تپسوي هماليه جو درشن ڪجي ۽ پرڪرتيءَ جي اپورو سندرتا جي جهلڪ پسڻ گهرجي.

اسان هماليه جي الوڪڪ درشين جا انيڪ قصا ٻڌا‐پڙهيا هئا؛ سو اسان اهي ساکيات ڏسڻ لاءِ، پنهنجي ڪمري کان ٻاهر آياسين ۽ بدري‌ناٿ نگريءَ کان ٿورو دور نڪري، اسان پرڪرتيءَ جو جيڪو سندر، من مگڌ ڪندڙ روپ ڏٺو، تنهن اسان کي بلڪل وسميءَ ۾ وجهي ڇڏيو!

اسان ڏٺو ته اتي برف ۽ چانڊوڪيءَ جي ميلاپ ڪري ايترو ته پرڪاش ڦهليل هو، ڄاڻءِ هڪ ئي وقت آڪاش ۾

بدريءَ اڳيان پاٺ پساري، ڏنڊوت پرڻام ڪندي چيو: ”هي پريو، وري اهڙو يوڳ بڻائج، جيئن اسان جلد ئي ٻيهر اچي تنهنجو درشن ڪريون!“

ان طرح ڀڳوان بدريءَ ڪان موڪلائي، اسان جڏهن واپس پئي ورياسين، ته درشن-منڊپ ۾ ٻيا ڪجهه ياتري ڏٺاسين، پرساد جون ٿالهيون هٿن ۾ جهليو، قطار ۾ بيٺا هئا. ان قطار تي نظر ورائيندي، اسان ڏٺو ته هڪ غريب ياتري، جنهن کي سرير تي سادا سوٽي وستر اوڍيل هئا، سو پنهنجي وسعيت انوسار، پرساد جي ننڍڙي ٿالهي جهلي، ڏاڍي اتڪنٺا سان ڀڳوان جي درشن لاءِ انتظار ڪري رهيو هو. ان شرڌالوءَ کي ڏسي، اسان من ۾ اهو ويچار ڪندا رهياسين: ”اها ڪهڙي پربل شڪتي آهي، جيڪا هر پرڪار جي آدميءَ- شاهوڪار-غريب، پڙهيل-اڻپڙهيل، سڌريل-ڳنوار، شهري-ڳوٺاڻي، ٻڍي-جوان کي ڇڪي، ڀڳوان جي درشن لاءِ هت آڻي بيهاري ٿي!“

پر اسانکي پنهنجي ان سوال جو، اندر مان ڪو جواب ڪونه مليو؛ شايد انجو جواب آهي ئي ڪونه! ڇو ته ماڻهوءَ جو من، هڪ عجيب اسرار آهي. اهو الاجي ڪيترن جنمن جي سنسڪارن، ويچارن، اڇائن، ڪامنائن، سڌن، ڌارڻائن سان گهيريل آهي؛ انهن جي پريائن وس، هو هيءَ جيون-ياترا ڪندو رهي ٿو!

ان بعد ٻاهر نڪرڻ واري دوار وٽ پهچي، اسان وري ڀڳوان کي پرڻام ڪري، آسيس گهري ۽ پوءِ ٻاهر آياسين.

ان ئي ڏينهن بدري‌ناٿ مان نڪرڻ وقت، اسان پيريل هانڪ ۽ پيدل نيڻن سان، بدري‌ناٿ مندر ڏانهن نهاري، هڪ

باب سورهون

موڪلاڻي!

تُميو ماتا، چه پتا تُميو؛
تُميو بندو، چه سکا تُميو؛
تُميو وديا، دروڻ تُميو؛
تُميو سرو، مم ديو ديوا!
آرتي

"درشن ڏيو، ميلاپ ڏيو، آنند آيو! سيڪي ڏيو، هاڻي واپس ورجي!" اِهو سوچي اسان بدري ناٿ نگريءَ مان موٽڻ جا سعيا ڪرڻ لڳاسين. ها، هر ڪنهن کي هتان واپس ورڻو آهي؛ اِهو سرشٽيءَ جو اٽل نيم آهي؛ مهاڪال جو پراڪرمي وڏان آهي، ڪو چاهي يا نه چاهي، کيس واپس ورڻو ئي پوندو؛ ڪير به ان ريت کي ٽاري نٿو سگهي!

ليڪن بدري ناٿ مان اُسهڻ کان اڳ، اسان هڪ ڀيرو وري ڀڳوان جو آخرين درشن ڪرڻ ٿي چاهيو؛ کانئس موڪلائڻ ۽ آسيس وٺڻ ٿي چاهي! اِها اِڇا من ۾ ڌري، اسان مندر طرف وياسين. ان وقت مندر ۾ ياترين جي ڀيڙ بلڪل ڪانه هئي. مندر اندر گهڙي، اسان ڏٺو ته، درشن-منڊپ ۾، ڀڳوان بدريءَ جي سنمک، هڪڙو ياتري هٿ جوڙي بيٺو هو. سندس اکيون بند هيون ۽ انهن مان لڳاتار آنسون وهي، هيٺ پئي پيا! کيس ان ڀاوَ-اوستا ۾ ڏسي، اسان به امنگ ۾ اچي، ڀڳوان

زوردار ڏني هڻڻي : ”جيءِ بدري وشال!“

... ...

ان ريت جيتوڻيڪ اسانجي اها پن هفتن واري بدري‌ناٿ ياترا پوري ٿي هئي، پر اسانکي من ۾ ائين لڳي رهيو هو، ته هيءَ ياترا ڪڏهن به سماپت ٿيڻ واري نه آهي؛ هيڪاري هن ياترا، اسانجي اندر جي اسات کي وڌائي ڇڏيو هو! جيئن تيز اُس مان اچڻ بعد، جل پيئڻ سان، اُڃ لهڻ بدران، ٿهائين وڌي ويندي آهي!

تڏهن اسان دل کي ڏڍ ڏنو: ”ها، اسان وري هت ايندا سين!“

هر ڪنهن ڀڳت-شرڌالوءَ جي من ۾، بدري ڀڳوان جي هڪ ڀيرو درشن ڪرڻ کانپوءِ، بار بار اچڻ جي اڇا پيدا ٿئي ٿي! اها هن ڪيتر جي مهما آهي! ساڌارڻ آدمي ته ڇڏيو، پر:

”ويد، برهما ڪرت استتي، شري بدري‌ناٿ وشمڀرم......“

تڏهن اسانجي ڪنٺ مان به ازخود اهو آلاپ نڪتو:

”جيءِ بدري وشال!“

86

JAYA BADRI VISHAL! **AUGUST 1995**

(A Blissful Travel)

ليکڪ :

ايم. سڳن

ڦتن پرسواڻي